# ٽام ۽ جيري

(جڳ مشهور ڪارٽون ڪردارن تي،نج سنڌي ڪهاڻيون)










سرمد عباسي

# ڪارٽون ڪھاڻيون

صنف: ٻارن لاءِ ڪھاڻيون

ڪھاڻيڪار: سرمد عباسي

سال:سيپٽمبر 2021

ڪمپوزنگ: شھزاد انور

bhattifamily94@gmail.com

# ارپنا

پياري ڀاڻيجِي

**صوفيہ نديم عباسي**

جي نانءُ ...

منهنجي پرنسس،شال سدائين اللهﷻ جي امانَ ۾ هجو ...

اَوج ماڻيو ...

آمين يارب العالمين ...

سرمد عباسي...

سرمد عباسي ٻاراڻي ادب ۾ نواڻ آڻيندڙ ليکڪ

## زاهد منگي

مون سميت ڪيترائي ليکڪ آهن جن لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي. ان زماني ۾ ٻارن لاءِ ڪافي رسالا ۽ اخبارون جا هفتيوار صفحا شايع ٿيندا هئا. جن ۾ ڪيترائي اديب لکندا هئا. تنهن هوندي به اها شڪايت عام هوندي هئي ته ٻاراڻي ادب تي ڌيان نه ٿو ڏنو وڃي. وڏا اديب ٻارن لاءِ نه ٿا لکن. وقت گذرڻ سان زماني جي ٻين شين ۾ جيئن بدلاءُ آيو تيئن ٻاراڻي ادب تي به اثر پيو. ڇپجندڙ رسالا بند ٿي ويا ته اخبارن به ٻارن لاءِ صفحا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. ان وقت جا ليکڪ جڏهن پاڻ وڏا ٿيا ته انهن به ٻارن لاءِ ذري گهٽ لکڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. هن مهل ٻاراڻي ادب جي صورتحال ڪا گهڻي بهتر ناهي. نظم واري پاسي اجان ڪجهه ڪم ٿئي پيو جو وقفي وقفي سان ڪتاب شايع ٿين ٿا. باقي نثر ۽ ان ۾ وري ڪهاڻيءَ واري پاسي ڏي ڪم نه هجڻ برابر آهي. ٻارن لاءِ لکڻ به هڪ نرالو فن آهي. اهو جيترو بظاهر سولو لڳي ٿو اوترو ئي ڏکيو آهي.

ڇاڪاڻ ته ليکڪ کي پڻ ٻار جي سطح تائين لهي اچڻو پوي ٿو. ٻار پنهنجي پتڪڙي دماغ ۾ ڇا ٿو سوچي. ان جي معصوم سوچن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون اچن ٿيون. هو ڪهڙي ڳالهه دلچسپيءَ سان پڙهي يا ٻڌي سگهي ٿو. انهن سيني شين جو ليکڪ کي خيال رکڻو پوي ٿو.

اڄوڪي دور ۾ اها چيلينج اجان وڏي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته ماضي جي ڀيٽ ۾ اڄ جي ٻار وٽ تفريح جا ٻيا ذريعا اچي ويا آهن. ٽچ موبائيل فون ۽ ڪمپيوٽر جي اچڻ ڪانپوءِ ٻارن جي وندر جون ترجيحون به بدلجي ويون آهن. موبائيل فونن ۾ موجود ڪارٽون ڏسن سميت بي شمار گيمون ٻار وڏي شوق سان کيڏن ٿا. ايسيتائين جو ٻارن کان جسماني راند روند کيڏڻ به هلي وئي آهي. اهڙي ماحول ۾ ٻار کي ادب پڙهڻ لاءِ مائل ڪرڻ لاءِ لکڻيءَ ۾ به اها ڇڪ پيدا ڪرڻي پوندي جيڪا ٻار کي پاڻ ڏي ڇڪي.

حاضر دور ۾ سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي جهجهي استعمال جو اثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاراڻي ادب تي ٻہ پيو آهي. اهو ئي وڏو سبب آهي جو ٻاراڻو ادب هاڻي اڳ جيترو تخليق نہ ٿو ٿئي. جن ليکڪن ٻاراڻي ادب کان لکڻ شروع ڪيو هيو. انهن مان ڪجهہ ئي باقي آهن جيڪي اڄان تائين ٻار لاءِ لکي رهيا آهن. سرمد عباسي بہ اهڙن ليکڪن مان هڪ آهي. جيڪو ڊگهي وقت کان ٻارن لاءِ مستقل طور تي ڪهاڻيون لکي رهيو آهي. سرمد نہ رڳو ڪهاڻيون لکي ٿو پر ان سان گڏ نئون تجربو ڪندي سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ "ڪارٽون ڪهاڻيون" جي سري هيٺ سيريز لکي رهيو آهي. جيڪي دلچسپ هجڻ سان گڏ ٻارن جي اصلاح بہ ڪن ٿا، هو لکڻين ۾ سولي سادي ٻولي ۽ تشبيهون ڪتب آڻي ٿو جيڪي ٻار سولائي سان سمجهي سگهن ٿا. سرمد جڏهن پنهنجون اهي ٻاراڻيون ڪهاڻيون ۽ ڪارٽون ڪهاڻيون فيس بوڪ تي شيئر ڪندو آهي تہ ڪيترائي والدين ڪيس رايا ڏيندا آهن تہ هو پنهنجن ٻارڙن کي سندس اهي ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائن ٿا جيڪي اهي وڏي شوق سان ٻڌندا (پڙهندا) آهن. هن موجوده سوشل ميڊيا جي يلغار سبب ٻارن جي بدليل ذوق ۽ مزاج کي نظر ۾ رکي سنڌيءَ ۾ ڪارٽون ڪهاڻين جو انوکو تجربو ڪيو آهي. سرمد ڪمال ڪاريگريءَ سان مشهور ڪارٽون ڪردارن ٽوم ۽ جيري کي بہ سنڌي ٻڻائي ڇڏيو آهي. جيڪا هڪ خوشگوار نواڻ آهي. جيڪڏهن ڪو ادارو انهن ڪارٽون ڪهاڻين کي سنڌيءَ ۾ فلمائي تہ هوند ڏاڍو سٺو ٿي پوندو ۽ ٻارن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪارٽون ڏسڻ لاءِ ملي ويندا. سرمد کي هڪ صلاح تہ هو اها مشق جاري رکي يقينن سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ سندس ان ڪم کي قدر جي نظر سان ياد رکيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


تام ۽ جيري ............ 7
"ٻَبَر شِينهُن" ............ 19
"ٽُويِٽي" ............ 30
"سَزا" ............ 38
"شِينهِڻ جو ٻَچو" ............ 46
"ويچارو ٽام" ............ 57
"يَم...يَم" ............ 65
"جادوءَ جي ڇَڙِي" ............ 74
"سياڻو جيري" ............ 83
"مِٺو پُٽُ" ............ 91
"پِتڪڙا ماڻهو" ............ 100
"بهادر جيري" ............ 109
"ساپيان جو سَهو" ............ 120
"سَچو دوست" ............ 129
"سُوٽ خان" ............ 141
"چاچو خميسو ۽ ڏائِڻ" ............ 152
"هوم ورڪ" ............ 161
"ٽمرَ جي ڏاڏا بابا جو دوست" ............ 175
"ڪارنامو" ............ 187




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽام ۽ جيري...

"ڪُڪڙو ڪُو"

"ڳُڙ ڳُڙ ڳُڙ...ڳُڙ ڳُڙ ڳُڙ ..."

عجيب قسم جي لاڳيتو ايندڙ آوازن جي ڪري، جيريءَ جي اک کلي پئي.هُو پنهنجي ماچيسَ جي ڊَٻيءَ واري بستري(هنڌَ) تان اُٿيو ۽ ٻِرَ جي مُنهنَ وٽان ٻاهر جهاتي پاتائين.

گهرَ جي وڏي هالَ ۾ قالينَ تي ٽام ليٽيل هو ۽ ڳُڙ ڳُڙ جو آواز سندس پيٽَ مان پئي آيو.

صبح جو وقت هو.گهرَ جي مالڪياڻي رَنڌِڻي ۾ ڪم ڪار ڪري رهي هئي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيريءَ جي چپن تي مرڪَ اچي وئي.ڪيس چڱيءَ ريت ڄاڻَ

هئي تہ گُڙ گُڙ جا اهي آواز ٿام جي پيٽَ مان چو پئي آيا.

ڪالهہ صبح ئي ٿام ڪي نيرن ۾ ڇِيڇڙا ۽ کيرَ جو پيالو مليا

هئا.جيڪي هنَ کائڻَ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ هر هرَ فرج

ڏانهن اشارا پئي ڪيائين تہ کيس ان ۾ رکيل ٻاڪري گوشتَ

جي ٻُوٽي کپي .

ٿام کائڻو اٿئي تہ اهو ئي کاءُ. فرج ۾ رکيل گوشت رات "

مهمانن جي دعوت لاءِ آهي تو جهڙي بيڪار ٻِلي لاءِ

نہ."مالڪياڻيءَ ڪاوڙ ۾ چيو هو .

پرَ ٿام ضد ۾ اچي ڇِيڇڙا کائڻَ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ کير بہ

نہ پِيتو هئائين.منجهند بہ هنَ ايئن ڪيو ۽ رات جو بہ دعوت کا

پوءِ بچيل هڏا کو نہ کاڌا هئائين.اهو ئي سبب هو جو هنَ مهلَ

.بک جي ڪري سندس پيٽَ مان گُڙ گُڙ جا آواز پئي آيا

نيٺ لاچار ٿي ٿام رنڌڻي ڏانهن ويو ۽ ڏاڍي معصوميتَ سان

چيائين..."مِيائون مِيائون". پوءِ پنهنجا پِيلا ڏندَ ٽيڙي .

مالڪياڻيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو .

اهو ڏسي،جيري ٿهڪَ ڏيڻ لڳو

تام تون هڪ ناشڪرو ٻلو آهين. هاڻ تو کي سياٽي صبحَ جو " ئي ماني ملندي.اها تنهنجي سزا آهي." مالڪياڻيءَ جو آواز آيو ۽ تام بيمارن جيان هلندو واپس پنهنجي هنڌَ تي ليٽي پيو.کيس ڏاڍي بک لڳي هئي.

صبح تائين تہ مان مري ويندس. مون کي پيٽ پرڻ لاءِ ڪجھ " نہ ڪجھ ڪرڻو ئي پوندو."تام سوچيو .

اُنهيءَ مهلَ ئي ٻاهر روڊَ تي ڪي ڪَڙڪا ٿيا .

تام اُٿيو ۽ هالَ جو درُ کولي ٻاهر اڱڻ ۾ هليو ويو .

جيري،تام کي ويندو ڏسي تڪڙ ۾ هالَ جي دريءَ وٽ پهتو ۽ شيشي مان تام ڏانهن ڏسڻ لڳو .

تام ٻاهرين درَ جي چاٻيءَ واري سوراخَ مان ڪجھ ڏسي رهيو هو .

هي ڇا پيو ڏسي؟"جيري سوچيو"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد ئي ٽام مڙيو ۽ درَ سان ٽيڪ ڏئي بيهي رهيو. هاڻ هنَ جي مُنهن تي خوشي هئي.سندس اکيون ايئن پئي چمڪيون جڻ سندس آڏو ٻُوٽين سان ڀريل پليٽ پئي هجي .

اهو ڏسي جيري،دريءَ جي ٽاڪن جي وِٿيءَ مان ٽَپي اڱڻ ۾ هليو آيو ۽ ٽام ڪان لڪندو لڪندو ٻاهرين پٽ تي چڙهي ٻاهر روڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو .

ٻاهر روڊَ تي محمود ڪُڪڙين واري جِي گاڏي بيٺل هئي.جنهن جي پوئين ڪليل حصي ۾ ڪيترائي لوهي سِيخن وارا پڃرا رکيل هئا.جن ۾ محمود بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ پنهنجون پاليل ديسي ڪڪڙيون ۽ ٻيدن جون پيتيون رکي رهيو هو.

محمود هڪ سنو انسان هو.سندس ايمانداري سڄي شهر ۾ مشهور هئي .

جيري ٽام ڏانهن نهاريو جيڪو ٻيهر چاٻيءَ واري سوراخَ مان ٻاهر ڏسي رهيو هو .

جيري هڪ ذهين ڪوئو هو سو سمجهي ويو تہ ٽام ،محمود جون ڪُڪڙيون کائڻ جو ارادو ڪيو آهي.جيري کي اها ڳالهہ نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽي.هن پڪو پهه ڪيو تہ هو محمود جي ڪڪڙين کي ڪجهہ

بہ تيڻ نہ ڏيندو .

محمود درَ کي تالو ڏنو ۽ گاڏيءَ ۾ چڙهي بازار ڏانهن روانو

ٿي ويو .

ٿامر ،محمود جي ويندي ئي،بنا ڪو آواز ڪرڻَ جي درُ کوليو ۽

ٻاهر نڪري محمود جي درَ وٽ پهچي وِٽين مان اندر نهارڻَ لڳو

جيري بہ پٽ تان لٿو ۽ ٿامر کان بچندو هڪ پائيپ وسيلي

محمود جي گهرَ جي پٽ تي چڙهي ويو. هنَ ڏٺو تہ ٿامر بہ درَ تي

چڙهڻَ جي ڪري رهيو هو.

جيري پٽ تي ڊڪڻ شروع ڪيو ۽ محمود جي گهرَ جي پٺئين

حصي ڏانهن وڌي ويو .

محمود جي گهر جي پٺئين حصي ۾ بہ ويڪرو اڱڻ هو.جتي

هڪُ لوهي ڄاريون لڳل ڪمري ۾ ، ڪُڪڙيون ۽ چُوزا واڙيلَ

هوندا هئا .

انَ ڪمري جي درَ وٽ ئي نم جو گھاٽو وڻ ھو.جنھن جي ھڪ ڏارَ تي جيري جو نئون دوست ڪُڪڙو ڪُو اڪيون ٻُوٽي وينل ھو .

ڪُڪڙو ڪُو ھڪ ديسي ڪڪڙِ جو چوزو ھو.جنھن ڪي مٿي تي ڳاڙھي رنگ جو پتڪڙو تاج ھو.ھنَ جي ٻَٽَ تي ڳاڙھسرا ڪنپَ ھئا ۽ ھنَ جون ڪَڙھون ڇُھنبدار ۽ تکيون ھيون.ڏسڻَ ۾ ڪنھن وڏي ڪڪڙَ جيان لڳندو ھو .

محمود ٻہ تي ڏينھن اڳ ئي ڪُڪڙو ڪُو ڪنھن ڳوٺَ مان وٺي آيو ھو.پھرين ڏينھن ئي جيري ۽ ڪُڪڙو ڪُو جي پڪي دوستي ٿي وئي ھئي .

جيري يت تي ڊڪندو وڻَ وٽ پھتو ۽ ڪُڪڙو ڪُو کي جاڳائڻَ لاءِ سيٽي وڄايائين. سيٽيءَ جي آواز تي ڪُڪڙو ڪُو چرڪ پريو ۽ اڏ ڪليل اکين سان جيري ڏانھن نھاري ھڪ وڏي اوٻاسي ڏئي ٻيھر اکيون ٻُوٽي ڇڏيائين.

جيري ڪاوڙ وچان ھڪ ٻيرو ٻيھر سيٽي وڄائي. ھيلَ ڪُڪڙو ڪُو چُريو ٻہ ڪو نہ.

انهيءَ مهلَ ئي ٿام ٻِلو اچي پهتو.

پڄرن ۾ واڙيلَ ڪڪڙين ۽ چوزن تي نظر پوندي ئي هنَ جي ڪِڳَ ڳِڙي پئي ۽ هُو هوشياريءَ سان ڪمري جي درَ ڏانهن وڌڻَ لڳو.

ڪڪڙين ۽ چوزن جي جيئن ٿام تي نظر پئي اهي سڀ پوَ وچان ڪمري جي ڪُندَ ۾ ڪنا ٿي ويا ۽ پرَ هڻندي ڪُڙ ڪُڙ ڪُڙُڪ جا آواز ڪڍڻَ لڳا.

جيري پٽ تي ڏُونديو ٿي ويهي رهيو تہ جيئن ٿام ڪيس ڏسي نہ سگهي.

ايترو گوڙ ٿيڻ ڪان پوءِ بہ،ڪُڪڙو ڪُو جي اک نہ کلي.اهو ڏسي جيري کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي.هنَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ ڪيس هڪ پٿرُ ڏسڻَ ۾ آيو.هنَ تڪڙ ۾ اهو پٿرُ کڻيو ۽ ڏارَ تي وينل ڪُڪڙو ڪُو کي هڻي ڏنو.پٿر لڳندي ئي ڪُڪڙو ڪُو جاڳي پيو ۽ ڪاوڙ وچان جيري ڏانهن ڏسڻَ لڳو.جيري ڪيس هيٺ ڏسڻَ جو اشارو ڪيو.ڪُڪڙو ڪُو هيٺ نهاريو ۽ جيئن ئي سندس نظرَ ٿام تي پئي هنَ ڪان دانهن نڪري وئي ۽ هن ڏارَ تان هيٺ ٽِپو ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُڪڙو ڪُو سڌو اچي ٽام جي پرسان لنگهيو ۽ ڪاوڙ ۾ ٽام ڏانهن نهارڻ لڳو.

ٽام جي جيئن هن تي نظرَ پئي سندس وات پَٽجي ويو ۽ هو لوڀَ مان ڪُڪڙو ڪُو کي ڏسڻ لڳو.

بک ڪاڻَ ڪان پوءِ ان چُوزي جي نيرن ملي تہ پوءِ ٻيو ڇا " کپي؟"ٽام،چپن تي زبان ڦيريندي سوچيو.

ڪُڙ ڪُڙ ڪُڙ..."ڪُڪڙو ڪُو ڪاوڙ ۾ آواز ڪڍيو"

ڳُڙ ڳُڙ ڳُڙ..."ٽام جي پيٽَ مان آواز آيو".

ڪُڪڙو ڪُو حيرت مان ٽام جي پيٽَ ڏانهن نهاريو .

ٽام پنهنجي ڦِڪائپ لڪائڻ لاءِ پهرين پنهنجن ڇَنبن مان نَنهن ڪڍيا ۽ پوءِ ڇپَ تيزي ڏندَ ڏيکارڻَ لڳو .

ڪُڙ ڪُڙ..."ڪُڪڙو ڪُو،ٽام جي وات مان ايندڙ ڏپَ جي " ڪري تکڙ ۾ پوئتي ٿي ويو .

ٽام "مِي....يا....ئوووو" جو پوائنتو آواز ڪڍي ڪُڪڙو ڪُو کي ديڄاريو ۽ ڪيس ڪائڻَ لاء اڳتي وڌيو .

اهو لقاءُ ڏسي پت تي وينل جيري وڻَ جي هڪ ٽاريءَ کي چڪي پاڻَ ڏانهن ڪيو ۽ ٻي گهڙي هو ٽارزن جيان ٽاريءَ تي لڙڪندي اڳتي وڌيو ۽ ٽام جي مٿان پهچي ٽاريءَ کي ڇڏي ڏنائين.

هو سڌو اچي ٽام جي پرسان لٿو .

ٽام جي نظر جيئن ئي مٿس پئي هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو.هن موقعي تي جيري کي ڏسي هنَ کي شڪار پنهنجي هٿن مان ويندو نظر آيو .

جيري ڪاوڙ وچان ٽام کي ڏنو ۽ هٿَ سان ڪيس هليو وڃڻ جو اشارو ڪيو .

ٽام اهو ڏسي ٽوڪَ مان ٺهڪ ڏنو ۽ ڪُڪڙو ڪُو ڏانهن ڏسي چپن تي زبان ڦيري .

اهو ڏسي ڪُڪڙو ڪُو،جيري کي هڪَ پاسي ٿيڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻَ ڪاوڙ وچان ٽام ڏي ڏنو .

جيري ڊڪندو محمود جي گهر ۾ ويو ۽ فرج مان جوسَ جو دٻو کڻي واپس اچي ٽنگَ،ٽنگَ تي چاڙهي ويهي رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُڪڙو ڪُو وڏي آواز ۾ بانگ ڏني ۽ ٽام ڏانهن وڌيو.ٽام هنَ

کي ڏسي اوباسي ڏني ۽ لاپرواهي سان ٻي پاسي نهارڻَ لڳو .

ڪُڪڙو ڪُو..."ڪُڪڙو ڪُو جو آواز آيو ۽ ٻي گهڙي هو ٽپ "

ڏئي،پرَ هَٽندو متي وڻَ ۾ گم ٿي ويو .

جيري کان چرڪ نڪري ويو .

ڇا ڪُڪڙو ڪُو ڀڄي ويو؟"جيري سوچيو"

ٽام ڀهرين ته حيران ٿي ويو ۽ پوءِ ڪاوڙ مان جيري ڏانهن ڏسڻ

لڳو.جيري کي پڪَ ٿي وئي ته هاڻي سندس خير ناهي.هنَ ڀِيتَ

ڏني ۽ ڀَڄڻَ لاءِ رستو ڳولهڻ لڳو .

انهيءَ مهل ئي آسمان ڏانهن ڪنهن جيٽ جهازَ جي اُڏامڻَ جو

آواز آيو .

ٽام ۽ جيري مٿي نهارڻَ لڳا ۽ اهو ڏسي ٽام جون اکيون

ڦوٽارجي ويون ته ٻِنهِ جي ٻن ڏارن جي وچ مان ڪُڪڙو ڪُو

ڪنهن جيٽ جهاز جيان هن ڏانهن اچي رهيو هو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽام پِوَ مان پڇي پاسو ونڻَ جي ڪوشش ڪئي پر ان کان اڳ
ئي ڪُڪڙو ڪُو سندس مٿي تي ٽي چار ٺُونگا هڻي فرش تي
لهي آيو .

ٽام جي مٿي تان وارَ پٽجي ويا ۽ ٽِڪڻ تي ننڍڙي بالَ نموني
جي سوجِ ظاهر ٿي پئي.تڪليف مان هو دانهون ڪرڻ لڳو

اهو ڏسي جيري ۽ ڪُڪڙو ڪُو کلڻ لڳا .

کين کلندو ڏسي ٽام جي ڪاوڙ اڃان وڌي وئي هُو تيزيءَ سان
اڳتي وڌيو پر ان کان اڳ جو ڪُڪڙو ڪُو کي ڌڪُ هڻي
ها،ڪُڪڙو ڪُو پنهنجا پرَ پکيڙيا ۽ ڪِڇي جُهڪائي هن ڏانهن
وڌيو ۽ ٽپُ ڏئي پنهنجون ٻئي ڪَڙون ٽام جي ٻُتَ ۾ کُپائي
ڇڏيائين. پوءِ ته ٽام جي دانهُنِ آسمان لوڏي ڇڏيو.هُو زمين تي
ڪِريو ۽ ڦَٿڪڻَ لڳو .

جيري افسوس وچان ڪنڌ لوڏيندو جوس پيئندو رهيو.جڏهن ته
ڪُڪڙو ڪُو ٽام جي اُٿڻَ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ٻِن ڏَڪن،ٻُکايل ٽام کي ساٽو ڪري وڌو ۽ هو اٿڻَ بدران اتي
ئي پيو رهيو.جڏهن جيري،ٽام جي پَرسان بيهي جُوس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي ڏَٻي جو ٺَڪاءُ ڪڍيو تڏهن ٻہ ٽام ڪو نہ چُريو.اهو ڏسي ڪمري ۾ واڙيلَ ڪڪڙيون ۽ چوزا ڏاڍيان ڪُڙ ڪُڙ ڪرڻ لڳا.

اميدَ آهي تہ مانيءَ بدران مارَ کائي ٽام اهو سبق ضرور سکيو هوندو تہ ڪاڏي جو ادب ڪرڻ گهرجي." جيري سوچيو ۽ ڪُڪڙو ڪُو سان هٿُ مِلائي،ٽام کي پُڇَ کان پڪڙي ٻاهر پاسي گِهلڻَ لڳو.

$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪارٽون ڪهاڻي...2

# پَلُوٽو

## "ٻَبَر شِينهُن"

صُبحَ جو وقت هو .

پَلُوٽو نالي ڪتو گهرَ جي اڱڻ ۾ نهيل پنهنجي ڪاٺَ جي ننڍڙي گهر ۾ اڪيون ٻُوٽي ليٽيل هو.ٻاهر گهرَ جي باغيچي ۾ ٽڏڙي ٽڏڙي هِيرَ لڳي رهي هئي .

جنهن ۾ ٻوٽن تي ٽِڙيل جدا جدا رنگن جا گلَ لُڏي رهيا هئا.وڻن جي ٽارين تي وينل پکين جي ٻولين سان سموري باغيچي ۾ پلوٽو اڄ گهرَ ۾ اڪيلو هو.سندس مالڪ .منڙو منڙو گوڙ هو ڪنهن ڪمَ سانگي ٻي شهر ويل هئا .

پلوٽو ڪنهن ڪنهن مهلَ ڪنڌُ ڪڍي انَ دَٻي ڏانهن نهاري رهيو هو جنهن ۾ هن جي لاءِ سڄي ڏينهن جو کاڌو رکيل هو.انَ دٻي تي نظرَ پوندي ئي پلوٽو جي واتَ ۾ پاڻي پَرجي ٿي آيو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح لاءِ کيرُ،منجهند لاءِ تريلَ ٻُوٽيون ۽ رات جو کائڻ لاءِ هَڏو

يَم...يَم..."ڪاڏي لاءِ سوچي،پلوٽو جي واڇن مان ڳِگ پئي "

ڳڙي. هنَ جي دل تہ چاهيو پئي تہ هُو اهو سڀ جو سڀُ

ڪاڏو ،هڪَ مهلَ ئي کائي ڇڏي پرَ ڪيس خبرَ هئي تہ جي هنَ ايئن

ڪيو تہ پوءِ سڄو ڏينهن ڪيس بُکَ تي رهڻو پوندو.ڇو جو گهرَ

جا مالڪَ گهرَ جي اندرئين حصي کي تالو لڳائي ويا هئا.پلوٽو

اندر نہ پئي وڃي سگهيو .

پلوٽو کي ڪجهہ بکَ لڳي تہ رهي هئي پرَ هنَ چاهيو پئي تہ

ڪيس اڃان ڪجهہ وڌيڪَ بک لڳي تہ پوءِ ئي هو کير جي نيرن

ڪري.مزي مزي سان .

پلوٽو هڪ ڀيرو وري ڪاڏي واري دٻي ڏانهن نهاريو ۽ اکيون

ٻُوٽي ڇڏيائين .

ڪان...ڪان..."ٻاهران آواز آيو"

اهو آواز ٻُڌي،پلوٽو کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي.اهو ڪانءُ پلوٽو جو

پڪو دشمن هو ۽ وارو ملڻَ تي پلوٽو جو ڪاڏو ڪٽي،اڏامي

ويندو هو .

پلوٽو پنهنجي ڪاٺَ جي گهرَ مان ٻاهر نڪتو .

ڪان...ڪان..."پٽِ تي وينل ڪانءَ هن کي ڏسي چِٻرا ڪڍڻ " لڳو.

ڀئُو...ڀئُو...ڀئُو..."پلوٽو ڀؤنڪندو ڪانءَ ڏانهن ڀڄو تہ " ڪانءُ پٽ تي ٻہ ٽي نينگَ ٽَپا ڏنا ۽ ڪان... ڪان...ڪندو اڏامي ويو.

هَئہ...هَئہ..."پلوٽو کليو ۽ مستيءَ ۾ پُڇُ اُڀو ڪري،باغيچي " جي چِٻرَ تي ڊُڪڻ لڳو. هنَ کي ڊُڪندو ڏسي وڻن تي وينل پکي بہ هڪ ٽاريءَ کان ٻِي ٽاريءَ تي نينگَ ٽَپا ڏيڻ لڳا.

ڪجهہ دير مستي ڪرڻ کان پوءِ پلوٽو اَچي پنهنجي گهر ۾ ليٽي پيو.

انهيءَ مهلَ ئي ٻاهر اڱڻ ۾ ڪو چگو ڀلو آواز ٿيو.

پلوٽو جي مُنهن تي ڪاوڙ اچي وئي.هُو سمجهي ويو تہ ڪانءُ وري ڪا اٽڪلَ پيو ڪري تہ جيئن پلوٽو کان سندس ڪاڌو کسي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلوٽو بنا ڪو آواز ڪرڻَ جي اُٿيو ۽ پنهنجي ڪاٺَ جي گهرَ مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن نهارِڻَ لڳو. پرَ ڪيس ڪو بہ ڏسڻَ ۾ نہ آيو.پٽِ تي ڪانءُ بہ ڪو نہ هو.

پلوٽو وري پنهنجي گهر ۾ وڃڻَ وارو ئي هو جو، اولهہ پاسي گلابَ جي گلن جا گهاٽا ٻُوٽا لُڏڻَ لڳا.

پلوٽو حيرتَ مان ٻُوٽن ڏانهن نهارڻَ لڳو.ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوا بہ ايتري تيز ڪا نہ پئي هلي پوءِ ٻوٽا ڪيئن پئي لُڏيا؟

هُو چِتائي ٻُوٽن ڏانهن نهارڻَ لڳو پرَ ٻوٽا ايترا تہ گهاٽا هئا جو انهن جي پُنيان ڪجهہ ڏسڻَ ۾ ئي نہ پئي آيو.

اُنهيءَ مهلَ ئي هڪُ آواز ٻُڌي پلوٽو کي پنهنجو ساهُ نڪرندي محسوس ٿيو.هُو سجو ڏڪڻَ لڳو.

اُهو آواز شِينهَن جي گجگوڙ جو هو ۽ ٻوٽن واري پاسي کان آيو هو.آواز ايترو تہ ڀَوائتو هو جو وڻن تي وينل پکي ٽاهُ کائي اڏامي ويا ۽ باغيچي ۾ ماٺِ پکڙجي وئي.انَ ماٺِ پلوٽو

جي يَوَ کي ويتر وڌائي ڇڏيو.هنَ ۾ ايتري بہ همتَ ڪا نہ هئي جو پنهنجي گهرَ ۾ وڃي لِڪي.

اُمالڪ(اوچتو) گلابَ جا ٻوٽا وري لُڏڻَ لڳا ۽ شِينهن جي گجگوڙ جو آواز بہ آيو.

وَؤؤؤ..."پلوتو يَوَ مان دانهن ڪئي ۽ هڪدم ڪجهہ ئي " اڳتي رکيل ڪرسيءَ هيٺان وڃي لڪيو. هنَ اڳيان ٻئي چَنبا (پيرَ) پنهنجي اکين تي رکي ڇڏيا ۽ ڏڪڻ لڳو.هنَ جي ڏَڪڻيءَ تي ڪرسي بہ لُڏڻَ لڳي.

پلوتو کي پڪَ ٿي وئي تہ کو شِينهن گهرَ ۾ گهڙي آيو آهي ۽ جلد ئي کيس کائي ويندو.

هُو پنهنجي مالڪن کي ياد ڪرڻ لڳو ۽ دعا گهرڻَ لڳو تہ اهي هن مهلَ ئي موٽي اچي کيس شِينهن کان بچائي وٺن.

گهٽيءَ ۾ ڪنهن گاڏيءَ جو آواز ٻُڌي پلوتو کي اميد ٿي تہ متان مالڪَ موٽي آيا هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌو ٻُڌو...هڪ اعلان ٻڌو."گهٽيءَ مان ايندڙ اهو آواز " ٻڌي،پلوٽو جي ڏڪٽي بند ٿي وئي هن هڪ ڪنَ کي اُڀو ڪري ڇڏيو تہ جيئن اعلان چِٽي نموني ٻُڌي سگهي.

شهرَ جي راڻي باغَ مان آسٽريليا جو ٻَبر شِينهن ڀَڄي ويو " آهي. مهرباني ڪري جَنهن کي بہ ببر شِينهَن جي باري ۾ ڪا ڄاڻَ هجي تہ اسان کي ٻڌائي."اِهو ٻُڌي پلوٽو وري ڏڪڻَ لڳو.ڪيس پڪَ ٿي وئي تہ اهو ببر شينهن گلاب جي ٻوٽن پويان لڪيل آهي ۽ جلد ئي کيس کائي ويندو.

وَؤؤؤ..."پلوٽو دَٻَ مان روئڻَ لڳو".

کي آواز آيا.جن کي ٻُڌي پلوٽو هڪ چنبو پنهنجي وڏي واتَ تي رکي ڇڏيو تہ جيئن سندس وات مان ڪو آواز نہ نڪري ۽ ڏيان سان ٻُڌڻَ لڳو.

اهي ڪنهن جي هلڻَ جا هلڪڙا آواز هئا.

پڪَ سان ببر شينهن مون کي کائڻَ پيو اچي." پلوٽو سوچيو ۽ " پنهنجون اکيون زورَ سان بند ڪري ڇڏيائين.

سُڙُپ...سُڙُپ...پِچ...پِچ...ٽِڙڪ...ٽِڙڪ..."اهي نرالا آواز ٻُڌي " پلوٽو اکيون کولي چڙيون پرَ ڪيس سمجهه ۾ نہ آيو تہ اهي آوازَ ڇا جا هئا.

هڪ ڀيرو ويجهو ڪان شينهن جي گجگوڙ جو آواز آيو.

پلوٽو ڪان ننڍڙي دانهن نڪري وئي.هنَ درَ ڏانهن نهاريو پر ڪيس ڀڄڻ جو رستو نظر نہ آيو.ڇو جو درَ کي تہ ٻاهران تالو لڳل هو.پلوٽو پنهنجي پُني ڪاٺَ واري گهرَ ڏانهن ڪري ڇڏي تہ جيئن شينهن ڏانهنس اچي تہ ڪيس ڏسڻ ۾ نہ اچي.

هڪ ڀيرو وري آواز آيا ۽ ٻوٽا بہ لُڏڻ لڳا.

پلوٽو اکيون ٻُوٽي پنهنجي جاءِ تي ڏڪندو رهيو.

ڪير آهي هنَ گهر ۾. ڪٿي اسان جو ببر شينهن تہ اتي ". ناهي؟"ڪنهن ماڻهوءَ جو آواز آيو ۽ در بہ کڙڪيو.

پلوٽو همت ڪري اکيون کوليون ۽ ٻاهرين درَ ڏانهن ڏِٺو.

ٻاهرين پٽ تان هڪ ماڻهو گهر ۾ اندر نهاري رهيو هو.ان ماڻهوءَ کي ٽوپي پاتل هئي.

پَئُو...پَئُو...پَئُو..."پلوٽو ڀؤنڪ ڪئي".

اڙي تون آهين منهنجا دوستَ.ڇا هتي آسٽريليا وارو ببر " شينهن آيو آهي؟"ان ماڻهوءَ پڇيو.

پلوٽو تڪڙ ۾ ڪرسيءَ هيٺان نڪري آيو ۽ گلاب جي ٻوٽن ڏانهن اشارو ڪري ها ۾ ڪنڌ لوڏڻ لڳو.

هُون...ڇئبو تہ اها ڳالهہ آهي. ترس تہ ڪيس جَهٽيان (پڪڙيان) " تو.ڏاڍو تپايو اٿائين."انَ ماڻهوءَ چيو ۽ پِٽِ ٿَپي گهرَ ۾ هليو آيو.هنَ جي هٿَ ۾ ڪپڙي جي ڳوٿري ٻَدَلَ هڪَ ڍِگهي بانسَ جي لٺِ هئي.

اها لٺِ ڏسي،پلوٽو جا ٻئي ڪنَ اُڀا ٿي ويا.

ڪٿي هي ماڻهو چريو تہ ناهي. ڪپڙي جي ڳوٿريءَ ۾ ببر " شينهن ڪيئن جهٽبو؟" پلوٽو پنهنجي واچَ مان زبان ڪڍي،سَهڪندي سوچيو.

اهو ماڻهو پلوٽو کي ماٺِ رهڻَ جو اشارو ڪندي ٻوٽن ڏانهن وڌڻَ لڳو.

پلوٽو وري ڪرسيءَ جي هيٺان وڃي لڪيو ۽ افسوس مان انَ ماڻهوءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.اهو ماڻهو لٺِ سان ببر شينهن پڪڙڻَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي رهيو هو.پلوٽو کي پڪ هئي تہ ببر شينهن ان ماٺهوءَ کي
کائي ويندو.

ماٺهو،گلابَ جي ٻُوٽن وٽ پهتو ۽ جُهڪي ٻوٽن ڏانهن ڏسڻ
لڳو.هنَ ڳوٺريءَ واري لٺِ اُپي ڪري ڇڏي هئي.

انهيءَ مهلَ ئي ببر شينهن جي گجگوڙ جو آواز آيو ۽ ان
ماٺهوءَ لٺِ سوڌو ٻوٽن ۾ ٽپُ ڏئي ڇڏيو.

ببر شينهن جي گجگوڙ جي آوازن سان گڏ ٻوٽن جي ٽارين جي
ڀَڃڻ جا آواز آيا ۽ ماٺِ ٿي وئي.

پلوٽو پوَ ۾ وري پنهنجن چنبن سان اکيون ڍَڪي ڇڏيون ۽
انتظار ڪرڻ لڳو تہ اجهو ٿيون ماٺهوءَ جون دانهون ٻڌڻ ۾ اچن

آها پڪڙجي پيو اسان جو ببر شينهن. ڪيڏو تہ حرڪتي آهين "
تون."ماٺهوءَ جو آواز ٻڌي،پلوٽو تڪڙ ۾ اکيون کوليون ۽
ٻوٽن واري پاسي نهاريو.

راٽي باغَ وارو ماٺهو واپس اچي رهيو هو.ڍڳهي لٺِ سندس
ڪلهي تي هئي ۽ ان ۾ ٻڌل ڳوٺريءَ تي نظرَ پوندي ئي پلوٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڏي دانهن نڪري وئي.هنَ جو مٿو ڪرسيءَ سان لڳو ۽ پلوٽو اتي ئي ڪري پيو.

ڪپڙي واري ڳوٿريءَ مان هڪ وچولي جمارَ وارو ڪتو پلوٽو ڏانهن نهاري رهيو هو.

پلوٽو جو وات ڦاٽي ويو.ڪيس يقين ئي نہ پئي آيو تہ هو سچ ۾ ڪنهن ڪتي کي ڏسي رهيو آهي.

جڏهن اهو ماڻهو پلوٽو وٽان لنگهيو تہ ڳوٿريءَ واري ڪتي وات ڦاڙيو ۽ شينهن جيان گجگوڙ ڪيائين.

وَؤؤؤ..."پلوٽو ڊپَ ۾ پوئتي گسڪي ويو".

اهو ڏسي ماڻهوءَ ٺهڪ ڏيندي چيو..."ڊِڄُ نہ ڪُتڙا. هي تو وانگر ئي هڪ ڪُتو آهي.بس هن کي شينهن جيان گجگوڙ ڪرڻ ايندي آهي تنهن ڪري اسان هنَ جو نالو ببر شينهن رکيو آهي."اهو چئي ماڻهو يت ٽَپي هليو ويو.

پلوٽو بہ بيمارن جيان هلندو پنهنجي گهر وٽ پهتو. ڪيس ڏاڍي بکَ لڳي رهي هئي.

مان سمورو ڪاڏو هن مهل ئي ڪائي ٿو چڙيان."هنَ پنهنجي "
ڏکهي زبان پنهنجن چپن تي ڦيريندي سوچيو.

پرَ اهو ڏسي هو گهر جي درَ وٽ ئي ڪري پيو ته سندس ڪاڏي
وارو دٻو خالي پيل هو.

پلوٽو ته ببر شينهن کان بچي ويو هو پرَ سندس ڪاڏو نه بَچي
سگهيو هو .

$$$$$$$$$$$$$$

# ٽام ۽ جيري ...

## "ٽُوِيٽي"

جيري ڪُوئو،اڱڻَ ۾ رکيل ڪُونڊيءَ پنيان لِڪي بسڪيٽ ڪائي رهيو هو جو سندس ڪنن ۾ ٻاهران روڊ تان ايندڙ آواز پيو.

"پَڪِي ڏيو،پئسا وٺو...پَڪِي ڏيو،پئسا وٺو..."

جيري بسڪيٽ ڪائي پورو ڪيو ۽ ڊُڪندو پائيپَ وسيلي ٻاهرين پٽِ تي چڙهي ويو.

روڊ تي هڪَ گاڏي بيٺل هئي.جنهن جو پويون حصو ٽرالي جيان ٺهيل هو.گاڏيءَ جي اڳين حصي ۾ ويٺل هڪ ماڻهو لائوڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپيڪرَ تي اهي هوڪا ڏئي رهيو هو.انَ گاڏيءَ وٽ ڪيترائي ماڻهو ڪَٺا هئا ۽ پنهنجا پاليل پکي ڪپائي رهيا هئا.

واؤ..."هڪُ آواز جيري جي ڪنن ۾ پيو. جيري پنهنجي " ساجي پاسي نهاريو تہ ڪيس ٽام بِلو بہ پٽ تي وينل نظر آيو.ٽام اڪيون ڦاڙي ۽ ڏندَ ٽيڙي گاڏيءَ ڏانهن ڏسي رهيو هو.جيري ڏٺو تہ ٽام گاڏيءَ جي ٽرالي تي نهيلَ تصوير کي ڏسي گَرِگَ ڳاڙي رهيو هو.

ٽرالي تي ڦڪي(پِيلي) رنگَ جي پکيءَ جي تصويرَ نهيل هئي ۽ انَ جي پرسان ئي لکيل هو تہ "جيڪو بہ هي پَکي ڪپائيندو ان کي بہ هزار روپيہ ملندا".

اهو پڙهي جيري کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ ٽام چو پئي گِگَ ڳاڙي؟

اهڙو ئي ڦِڪي رنگَ جو پَکي هنن جي گهرَ ۾ بہ هو. جنهن جو نالو ٽُويٽِي هو.ٽويٽي جيري جو پڪو دوست هو.پر ٽام سدائين ان ڳَٽيءَ ۾ هوندو هو تہ ڪيئن بہ ڪري ٽويٽي مان جِندُ ڇَڏائي.پر جو جيري ۽ ٽويٽي،ٽام جي هر سازش کي سمجهي ويندا هئا ۽ هنَ کي ڪا بہ نَڳي ڪرڻ نہ ڏيندا هئا.

هنن جي ڪري ٽام کي ڪيترائي ڀيرا مالڪياڻيءَ کان مارَ به ملي هئي. ٽام ،ٽويٽي کي کائڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي پرَ جيري،ٽويٽيءَ جي حياتي بچائي ورتي هئي.هاڻي لڳي رهيو هو تہ ٽام ،ٽويٽي کي ان ڳاڏيءَ واري وٽ کپائي پئسا ڪمائڻ جي چڪرَ ۾ هو.

ٽام پٽِ تان هيٺ لَٿو ۽ گهرَ جي اندرين حصي ۾ هليو ويو.گهرَ جي هڪ وڏي هالَ ۾ ڪٻاٽَ جي مٿان ٽويٽي جو پڃرو رکيل هو.ٽويٽي پنهنجي پڃري ۾ لڳل پينگهہ تي لُڏندي سِيٽي وَڄائي رهيو هو.هُو ڦِڪي رنگ جو،طوطي جهڙو سُهڻو پکي هو.

ٽام ڏاڍي هوشياريءَ سان ڪَٻاٽَ تي چڙهيو ۽ ٽويٽي جي پڃري ڏانهن وڌيو.

ٽويٽي ٽام کي ڏسي ٽَپُ ڏئي پينگهہ تان لٿو ۽ ڊپَ وِچان پڃري جي پٺئين پاسي ڏانهن هليو ويو ۽ پنهنجي دوست جيري کي ڳولڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو.

جيري بہ ٽام جي ڪڏَ اُتي پهچي ويو هو.ٽام کي ٽويٽي جي پڃري پرسان بيٺل ڏسي هُو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو.هن شِيشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري مَيزَ تي رکيل اُنَ جي ڏور وارو گولو کنيو ۽ سامهون

رکيل شوڪيسَ تي چڙهي ويو.

هوڏانهن ٽام ٽوپيءَ جي پچري جو دُرُ کولڻ لاءِ پنهنجو

هٿُ(چَنبو) اڳتي وڌايو تہ ٽوپيءَ دانهون ڪرڻ شروع ڪري

ڏنيون.

جيري تڪڙ ۾ اُنَ جي ڏور واري گولي جو هڪ سِرو (مُنڍُ) پاڻَ

وٽ سُڪَ ڪيو ۽ گولي کي پکي ڏانهن اُڇلايائين.اُنَ جو گولو

چِٽِ واري پکي جي ڏنڊي کي ويڙهجي هڪ پرَ تي وڃي

ڪريو.جيري پاڻَ وٽ سُڪَ ٽيل اُنَ جي ڏور کي چِڪيندي پاڻَ

کي چَڏي ڏنو ۽ ڏور وسيلي لڙڪندو ڪباٽَ ڏانهن وڌيو.اِنَ کان

اَڳِ جو ٽام پچري جو دُرُ کولي ها،جيري وٽس پهچي پنهنجون

ٻئي پويون ٽَنگون زور سان ٽام کي هنيون.ٽام کي جهٽڪو

لڳو ۽ هُو دانهَن ڪندو هيٺ رکيل شيشي واري مَيزَ تي وڃي

ڪريو.شيشو هڪ ڌَماڪي سان ڀَڄي پيو ۽ شيشي جا ڪيترائي

ٽُڪرا ٽام جي ٻُتَ ۾ گهڙي ويا.سور جي ڪري ٽام کان هڪ

دانهن ٻِي نڪري وئي.

اهو ڏسي ٽوپيءَ خوشيءَ مان سِيٽي وڄائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مهلَ ئي روڊ تان گاڏيءَ واري جو آواز آيو.

اسان پنجَ منٽَ ٻِيا بہ بيٺا آهيون. جلدي جلدي پنهنجا پَکي " 
ڪٽي اچو.هاڻي اسان اوهان کي ڦِڪي رنگَ واري پَکيءَ جا ٽي
هزارَ ڏينداسين".

اهو ٻُڌي ٽام کان پنهنجا سُورَ وسري ويا.هُو اُٿي بيهي رهيو ۽
ٽويٽي ڏانهن وَڌڻ لڳو.

جيري،ٽام کي ايندو ڏسي تڪڙ ۾ پڃري جو درُ کوليو ۽ ٽويٽي
کي پَکي ڏانهن اشارو ڪيو.ٽويٽي سندس اشارو سمجهيو ۽
ٻاهر نڪري اُڏامي وڃي پَکي جي پرَ تي وينو.هن اُنَ جي ڏور
وارو گولو پنهنجي پرن ۾ جهليو ۽ جيري ڏانهن ڏِسڻ
لڳو.جيري بہ اُنَ جي ڏور وسيلي لڙڪندو پَکي تائين پهتو ۽ انَ
جي ڏور مَٿي چڪي چِڏيائين.

مَخ...مَخ...مَخ..."ٽام ٿهڪ ڏنو ۽ ٻِيهرَ ڪٻاٽَ تي چَڙهي پَکي "
ڏانهن نِهارڻ لڳو. هنَ جو ارادو پکي ڏانهن ٽَپُ ڏيڻَ جو هو.

جيري ۽ ٽويٽي هنَ جو ارادو سمجهي ويا ۽ هڪِٻئي ڏانهن
نِهارڻ لڳا.ڪُجھ سوچي جيري تڪڙ ۾ اُنَ جي ڏور وارو

گولو،سمورو کولي ڇڏيو ۽ ان جو سِرو ٽويٽي کي ڇُهُنبَ ۾ ڏَئي،ٽام ڏانهن اشارو ڪيائين.ٽويٽي پنهنجي دوستَ جي ڳالھ تڪڙ ۾ سمجهي ويو.

ٽام جيئن ئي ڪباٽَ تان پَکي ڏانهن ٽَپُ ڏنو،ٽويٽي بہ اُنَ جي ڏور ڇهنبَ ۾ پڪڙي پَکي جي پرَ تان اُڏاميو ۽ انَ ڪان پهرين جو ٽام پَکي تائين پهچي ها ٽويٽي،ٽام جي چوڦير ڪيترائي ڦيرا ڏئي ٽام کي ڏور سان ٻڌي ڇڏيو.ٻَڌائين بہ ڪُجھ اهڙي نموني جو ٽام جون ٻَئي اڳيُون ٽَنگون بہ ٻُٽَ سان ٻَڌِجي ويُون.ٽام جيئن ئي پَکي جي پرَ کي پڪڙڻ چاهيو هنَ جون ٽَنگون کُليون ئي نہ ۽ هُو اُونڌو ٽي هيٺ ڪرڻَ لڳو.ٽام کان هڪ ڊگهي رڙ نڪري وئي ۽ هنَ پنهنجي پوئين ٽَنگن جي چَنبن سان پَکي جي پَرَ کي سوگهو ڪيو ۽ تارَ تي ٽَنگيل ڪپڙي جيان لڙڪڻَ لڳو.

اهو ڏسي جيري ۽ ٽويٽي هڪَٻئي ڏانهن ڏنوءِ ڪنڌَ لوڏي ٽام ڏانهن وڌيا.

ٽويٽي ٽام جي هڪَ پيرَ تي ٺُونگا هڻڻ شروع ڪيا ۽ جيري ٻئي پيرَ تي پنهنجن تِکن ڏندن سان چَڪُ پاتو.ٽام ڏاڍي ڪوشش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ته ڪنهن نموني پاڻَ کي بچائي سگهي پرَ پيارا ٻارو غلط ڪمَ جو نتيجو سدائين غلط ئي نڪرندو آهي.ٽام پاڻَ کي بچائي نه سگهيو ۽ هڪ زوردار رڙ ڪندو هيٺ فرشَ تي وڃي ڪريو.انَ سان گڏُ ئي پَڪي جو هڪ پرُ به ٽُٽِي اچي ٽام جي مَٿي تي لڳو.ٽام سورَ کان دانهون ڪرڻَ لڳو.سندس اکين آڏو اوندھ به اچي وئي.

اُن مهلَ ئي هڪ ڪمري جو درُ کُلڻ جو آواز ٿيو.ايڏي گوڙَ تي ٽام ۽ ٽويٽي جي مالڪياڻي جاڳي پئي هئي.آواز ٻُڌي جيري پنهنجي ٻِرَ ڏانهن ڀَڳو ۽ ٽويٽي پنهنجي پڃري ۾ وڃي پينگهه لُڏڻَ لڳو.

مالڪياڻي ڀَڳل سامان ۽ ٽام جي حالتَ ڏسي سڀ ڪجهه سمجهي وئي.هنَ هڪ ٻُهارو کنيو ۽ ٽام کي وَهائي ڪڍيو.

اجان هنِ ٻيهر ٻُهارو اُڀو ڪيو ئي مَسَ هو جو ٻاهران آواز آيو "جي توهان وٽ ڪو ٻِلو آهي ته اسان اهو پنجَ هزارن ۾ وٺنداسين"،

اهو ٻُڌي مالڪياڻيءَ ٻُهارو ڦِٽي ڪيو ۽ ٽام کي ڪَنڌ مان پڪڙي دروازي ڏانهن ڀَڄڻَ لڳي.

جيري ۽ ٽويٽي هڪَبئي ڏانهن نِهاريو ۽ ٿهڪَ ڏيڻ لڳا.

$$$$$$$$$$$$$$$

# ٽام ۽ جيري

## "سَزا"

اھو ڏينھن جيري ڪُوئي لاءِ سنو نہ ھو.

جيري جيئن ننڊَ مان اُٿِي ڪجھ کائڻ لاءِ پنھنجي بِرَ مان نڪتو تہ سندس تاڙَ ۾ بيٺل ٽام بِلَي کيس جَھٽي (پڪڙي) ورتو.جيري پاڻَ کي ڇڏائڻَ جي گھڻي ئي ڪوشش ڪئي پرَ ڪامياب نہ ٿِي سگھيو.

ٽام جون ڳاڙھيون اکيون ڏسي جيري کي ڊَپُ ٿِيڻَ لڳو.کيس پڪَ ٿِي وئي تہ اڄ ٽام کيس ضرور کائي ويندو.

ٽام،جيري کي اڱڻَ ۾ کڻي آيو ۽ کيس ھڪ ٿُلھي ڌاڳي سان ٻَڌي اُتي ھڪَ تار تي اُونڌو لڙڪائي ڇڏيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيري پنهنجا ننڍڙا ڄنبا جوڙي ڪيس ڇڏڻ لاءِ ڏاڍا اشارا ڪيا پر ٽام مرڪندو اندر هليو ويو.جيري وري پاڻَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر انَ کان اڳ جو هُو سوپارو (ڪامياب) ٿئي،ٽام موٽي آيو.هنَ وٽ هڪ رانديڪو پستول هو جنهن ۾ پلاسٽڪ جون گوليون پونديون آهن.

ٽام،انَ پستولَ سان جيري کي گوليون هڻڻ شروع ڪيون.ڪا گولي جيري کي مٿي تي پئي لڳي تہ ڪا مُنهَن ۽ پيٽ تي.جيري ڏاڍيون دانهُون ڪيون پرَ ٽام کي رحم نہ آيو.رهندو هو جيري جي رڙين تي ٽهڪَ ڏيڻ لڳو.جڻ تہ هُو پنهنجي وٽندڙ راند ڪيڏي رهيو هجي.

نيٺ جڏهن ٽام ٿڪجي پيو تہ پوءِ هنَ جيري کي تارَ تان لاٿو ۽ اندر هالَ ۾ وٺي آيو.

هالَ جي هڪ ڪُندَ ۾ پاٽيءَ سان پريل هڪ شيشي جي ننڍڙي ٽانڪي رکيل هئي.جنهن ۾ سُهڻي نالي مڇي رهندي هئي.

ٽام،ٽانڪي وٽ پهچي ان جو ڍَڪُ لاٿو ۽ ڏاڍي جو مُنڍُ پڪڙي،جيري کي پاٽيءَ ۾ ڦٿو ڪري ڇڏيو. جيري پاٽيءَ ۾ ڪِريو ۽ تَري ۾ هليو ويو.سُهڻي مڇي بہ ڇرڪ پري هڪ پاسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وئي.ٽام ڏاڍي کي پاڻي ۾ ڦيرائڻ لڳو.ايئن ڪرڻ سان اندر جيري بہ بيوسيءَ سان هيڏي هوڏي غوطا کائڻ لڳو.هن جو ساهہ مُنجهي رهيو هو پر ٽام کيس ٻاهر نڪرڻ نہ پئي ڏنو.جيري ترندو جيئن مٿي پئي پهتو،ٽام هڪدم ڏاڍي کي مٿي ڪري وري هيٺ پئي ڪري ڇڏيو.ايئن جيري ويچارو ٻيهر ٽانڪي جي تري ۾ پئي ڪِريو.هن کي ڏاڍي تڪليف ٿي رهي هئي پرَ هُو ڪجهہ بہ ڪرڻ کان لاچار هو.

اهو ڏسي سهڻي مڇي کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي.هوءَ ڏسندي هئي تہ ٽام ڪيئن نہ جيري کي تنگ ڪندو هو.اڄ تہ ٽام،جيري تي ڏاڍو ظلم ڪري رهيو هو.

ٽام کي ٺهڪ ڏيندو ڏسي سهڻي مڇي تري ۾ هلي وئي ۽ پوءِ ڪنهن جيٽ جهازَ جيان مَٿي اڇڻ لڳي.پاڻيءَ مان نڪرندي ئي هوءَ پرسان بيٺل ٽام وٽ پهتي ۽ سندس مٿي تي پنهنجي پُڇَ وسيلي سِڌي بيهي رهي.ان کان اڳ جو ٽام ڪجهہ ڪري ها سهڻيءَ ٽام جي ڪنَ ۾ چَڪُ وِڌو ۽  کيس پنهنجي پُڇَ سان ٿي چِپاٽون هڻي واپس پاڻيءَ ۾ اَچي ڪِري.ٽام جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هُو رڙيون ڪندو ڪجهہ پوئتي هَٽي ويو.جيري وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍو بہ سندس ڇَنبي مان ڇڏائجي ويو. جيري پاڻيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳو. سهڻي مڇي تيزيءَ سان جيري ڏانهن وئي ۽ ڪيس پنهنجي مُنهن سان ڌِڪيندي مَٿي کڻي آئي.جيري توڙي جو ساڻو ٿي ويو هو پرَ پوءِ بہ همتَ ڪري پنهنجن ننڍڙن ڇَنبن سان ٿانڪي جو ڪنارو پڪڙيو ۽ پنهنجو مُنهن پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي ٽَڪِڙا ٽڪڙا ساهَ کڻڻ لڳو.سهڻي مڇي تَري ڏانهن هلي وئي. جيري اکيون ٻُوٽي سَهڪي رهيو هو.هنَ اجان صحيح نموني ساهُ ئي ڪو نہ پَٽيو هو جو ٽام ٻِيهرَ ڪيس جَهٽي ورتو ۽ ڪيس کڻي رنڌڻي ڏانهن آيو.جتي سندس مالڪياڻي قِيمو ٺاهڻ لاءِ گوشتَ جون ٻُوٽيون ڪري رهي هئي.ٻُوٽيون ڏِسي ٽام جي واتَ ۾ پاڻي ڀرجي آيو.هنَ جيريءَ ڏانهن نهاريو ۽ ٻِي گهڙي جيريءَ کي مالڪياڻيءَ ڏانهن اڇلائي ڇڏيائين.جيري سِڌو وڃي انَ ٿالهہ ۾ ڪِريو جنهن ۾ مالڪياڻي ٻوٽيون ڪري رهي هئي.مالڪياڻي ڪوئن کان ڊڄندي هئي سو جيري تي نظرَ پوندي ئي ڪانئس چرِڪُ نڪري ويو.هوءَ تڪڙ ۾ پوئتي ٿِي ۽ رڙيون ڪندي رنڌڻي مان ڀَڄي وئي.جيري بہ ٽَپُ ڏئي ٿالهہ مان نڪتو ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري پائيپَ وسيلي گهرَ کان ٻاهر نڪري ويو.

رنڌڻي ۾ فرش تي ڪريل ٻُوٽيون ڏسي ٽام جي وات ۾ پاڻي پَرجي ويو.هُو رنڌڻي ۾ اڪيلو هو سو دير ئي نہ ڪيائين.ٻِن منٽن ۾ سموريون ٻوٽيون ڪائي،هاڻ ۾ اچي پنهنجي گدي تي ليٽي پيو ۽ جلد ئي ڪيس ننڊَ وٺي ويئي.

جيري بہ ڊُڪندو ڊُڪندو پاڙي جي هڪ گهرَ جي پٽِ تي وڃي ويهي رهيو.

انَ گهرَ ۾ اسپائيڪ نالي ڪتو رهندو هو.

" پَئُو...پَئُو..."ڪتي جي ڀؤنڪڻ جو آواز ٻُڌي،جيري گهرَ ۾ اندر نهاريو.

گهرَ جي اڱڻ ۾ اسپائيڪ جهڙا ڀوائتا ڪتا وينل هئا.جيڪي پڪَ سان اسپائيڪ جا دوستَ هئا.هنن وٽ هڪ فوٽو هو جيڪو هُو اسپائيڪ کي ڏيکاريندي ڪجهہ چئي رهيا هئا.

جيري پِٽ تي ڊڪندو،ڪتن کي ويجهو ٿيو.فوٽوءَ تي نظرَ پوندي ئي جيري جو وات ڦاٽي ويو.اهو فوٽو ڪاري پُڇَ ۽ اڇي ٻُتَ واري ٻِلَي جو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوٽو جي پرسان ٿي لکيل هو تہ "هيءُ ٻلو روز اسان جو گوشت کائي وڃي ٿو.جيڪو هنَ کي پڪڙيندو انَ کي ڏھ هزار روپيہ ملندا"،

جيري جي چپن تي خطرناڪ مرڪ اچي وئي.هنَ کي ٽام کان بدلو وٺڻ جو سٺو موقعو ملي ويو هو.

جيري چَپِٽِي وڄائي ۽ ڊوڙندو پنهنجي گھر ڏانهن وڌي ويو.

گھرَ جي هالَ ۾ ٽام گدي تي گھري ننڊَ ستل هو ۽ کونگھرا هڻي رهيو هو.کيس خبرَ ئي نہ هئي تہ جيري کي تنگ ڪرڻَ جي ڪيس ڀوائتي سزا ملڻَ واري آهي.

جيري اُتي ٻيهڻَ بدران گھر جو اجايو سامان رکڻَ واري ننڍي ڪمري "اسٽور" ۾ گھڙي ويو.

ذري گھٽ ڏهن منٽن کان پوءِ جيري ٻيهر اسپائيڪ جي گھر پهتو.اسپائيڪ جا دوستَ ڪانئس موڪلائي رهيا هئا.

اسپائيڪ شڪاري ڪتو هو ۽ جيري سان هن جي سٺي دوستي هئي.اسپائيڪ ڪيترائي ڀيرا جيري جي ڪري ٽام کي ناهوڪي مارَ بہ ڏني هئي.

اسپائيڪ وٽ پهچي جيري سيٽي وڄائي.اسپائيڪ  جيري کي ڏسي ڪيس پنهنجي چَنبي ۾ ڪٽي ويجهو ڪيو.

جيري،اسپائيڪ جي دوستن جي چَنبن ۾ جهليل فوٽو ڏانهن اشارو ڪري وري پنهنجي گهرَ ڏانهن اشارو ڪيو.

اسپائيڪ جي اکين ۾ ڪاوڙ اچي وئي ۽ ناسُن مان "شُون شُون جا آواز اچڻ لڳا".

اسپائيڪ سمجهي ويو تہ جيري ڪيس چئي رهيو آهي تہ "اهو ٻلو سندس گهر ۾ آهي".

يَئُو... يَئُو..."هنَ پنهنجي دوستن کي چيو ۽ جيري کي اشارو " ڪيائين.

جيري ها ۾ ڪنڌ لوڏي پنهنجي گهرَ ڏانهن ڊڪڻ لڳو.اسپائيڪ بہ سندس ڪڍَ هو.

پنهنجي گهرَ جي اڳڻ ۾ پهچي جيري اُتي رکيل ڏَرمن ڏانهن اشارو ڪيو.

اسپائيڪ ڏنو تہ سندس نظر ٻرمن جي پاسي ڪان ڪاري رنگَ جي پُڇَ تي پئي.اسپائيڪ اهو ڏسي خبرداريءَ سان اڳتي وڌيو ۽ ٻرمن جي ويجهو پهچي،پُڇَ تي ٽپو ڏنائين.

ٻرمَ هڪ پاسي وجي ڪِريا ۽ ڪاري پڇَ ڦِڪي بتَ وارو چور ٻِلو اسپائيڪ جي هيبتناڪ چَڪَ ۾ ڦاسي پيو.هنَ ڪيتريون ئي دانهون ڪيون پرَ اسپائيڪ هنَ کي ڪجهہ اهڙي نموني سوگهو ڪيو هو جو هو پاڻَ کي ڇڏائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو.

ٻاهر اچي اسپائيڪ چور ٻلي کي دوستن حوالي ڪيو ۽ جيري کي ڏهہ هزار ونرائي ڏنا.

جيري خوشيءَ مان ٽڪندو گهر آيو.

ٻاهران چور ٻِلي جي رڙين جا آواز پئي آيا.جنهن کي اسپائيڪ ۽ سندس دوست ڪُٽي رهيا هئا.

ڪاوڙ ۾ ڪُتن کي اهو بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اهو چور ٻِلو نہ پرَ ٽام آهي جنهن کي جيري سزا ڏيڻ لاءِ ڪارو ۽ اڇو رنگ ڪري ۽ ٻاهر ٻرمن وٽ لِڪائي چورُ ٻِلو ناهي ڇڏيو هو.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽام ۽ جيري

## "شِينھِڻ جو ٻَچو"

ھڪَ ڏينھن اُپَ تي ڪارا ڪَڪر پڪڙيلَ ھئا.ٿڌي ھوا لڳي رھي ھئي.ٽام ٻاھر باغيچي ۾ ڇَپرَ تي ليٽي مُندَ جو مزو وَٺِي رھيو ھو.

ٽِين...ٽِين..." ٻاھرين درَ وٽ لڳل گھنٽي وڳي".

ٽام سُستيءَ مان درَ ڏانھن ڏٺو ۽ اکيون ٻُوٽي ڇڏيون.ھونءَ تہ سدائين ٽام ئي در کوليندو ھو پرَ اڄ ايتري تہ سستي ھيس جو اٿڻَ تي دل ئي نہ پئي چئيس.

گھنٽي وري وَڳي ۽ لاڳيتو وَڄندي رھي.ٽام ھڪ ڊِگھي اوٻاسي ڏئي ڇپن تي زبانَ ڦيرائي ۽ ماٺِ ڪَيُون ليٽيو رھيو.

ٽام...سُست ٻِلا. درُ ڇو ڪو نہ ٿو کولين؟"اندران مالڪياڻيءَ " جو آواز ٻڌي بہ ٽام نہ اُٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر جو اندريون در کلڻ جو آواز ٿيو آنَ سان گڏُ ئي ٽام تي

ٻُهارن جو وسڪارو شروع ٿي ويو.

مالڪياڻي ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هئي.

ٻهاريءَ جا ڌڪَ لڳندي ئي ٽام تڪڙ ۾ اٿيو ۽ ڊوڙندو وڃي درُ

کوليائين.

مِي...آآآ...اوووون..."در کوليندي ئي ٽام ڪاوڙيل آوازُ ڪڍيو"

درَ تي چاچو شڪاري بيٺو هو..

ڊِگهي قدَ ۽ طوطي جي چُهنبَ جهڙي نڪَ وارو چاچو شڪاري

هڪ چالاڪ شڪاري ۽ مالڪياڻيءَ جو مائٽُ هو.ٽام کي چاچو

شڪاري صفا ڪو نہ وڻندو هو.هڪ تہ ٽام کان ڪم گهڻو

ڪرائيندو هو مٿان وري چانهہ بہ ڏاڍي پيئندو هو.جنهن ڏينهن

چاچو شڪاري ايندو هو ٽام کي پيئڻ لاءِ کير نہ ملندو هو.ڇو

جو گهر جي سموري کير جي چاچي شڪاريءَ لاءِ چانهہ ٺهندي

هئي.

اڄُ چاچو شڪاري گهر ۾ اندر اچڻ بدران اتي ئي بيهي

مالڪياڻيءَ سان ڳالهائڻ لڳو.ٽام بہ سندن ڳالهيون ٻُڌڻ لڳو.

اڄ مان ويهندس ڪو نہ. بس تون ڪجهہ دير لاءِ ٿام کي "
منهنجي حوالي ڪر.مون کي ضروري ڪم سان وڃڻو
آهي."چاچي شڪاري ٿام ڏانهن ڏسندي چيو.

اهو ٻڌي ٿام جا ڪنَ اُڀا ٿي ويا.هُو سوچڻ لڳو تہ چاچي شڪاري
سان گڏ وڃي يا پڇي جان ڇڏائي.

هي بيڪار ٻلو منهنجي ڪهڙي ڪم جو. ڀلي وڃي "
وڃينس."مالڪياڻيءَ جو جواب ٻڌي ٿام ڪاوڙ ۾ مالڪياڻيءَ
ڏانهن نهاريو.اهو ڏسي مالڪياڻيءَ ٻهارو اُڀو ڪيو پر ان ڪان
اڳ جو ٻهارو ٿام کي لڳي ها ٿام دڪندو ٻاهر اچي چاچي
شڪاريءَ جي ڪار وٽ ويهي رهيو.ڪار جي پٺئين پاسي
سامان رکڻ واري ڊِڪيءَ مان ڪا سرهاڻ (خوشبو) پئي آئي.
ٿام ڊڪيءَ جي ويجهو وڃي وڏا ساهہ کنيا تہ سندس اکيون
چمڪڻ لڳيون.اها تازي گوشت جي سرهاڻ هئي.

شايد چاچو شڪاري مون کي ڪنهن دعوت ۾ وٺي هلي پيو. "
جتي کائڻ لاءِ گوشت ۽ کير هوندو." ٿام سوچيو ۽ خوش ٿيڻ
لڳو.

ڪجهہ ئي دير ۾ چاچو شڪاري اچي پهتو.

ٿامر مان تو کي پڪنڪ تي جهنگ ۾ وٺي پيو هلان. اُتي پاڻ " ڏاڍو گهمنداسين.ڪائينڊا پيئنداسين.واهه واهه..."چاچي شڪاري گاڏيءَ ۾ ويهندي چيو.

اهو ٻڌي ٿامر جي ڪنن ۾ شينهن،چيتن،رڇن ۽ ٻگهڙن جا آواز گونجڻ لڳا.هو ڏڪڻ لڳو.ڪيس جهنگ جي جانورن کان ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو.

ٿامر کي ڏڪندو ڏسي چاچو شڪاري ٿهڪَ ڏيڻ لڳو

نہ ڊڄُ ٿامر. مون وٽ بندوق بہ آهي.تو کي ڪجهہ بہ " ٿيندو."چاچي شڪاري چيو.چاچي شڪاري جي ڳالهہ ٻڌي ٿامر ڍگهو ساهہ ڇڏيو ۽ ڪار جي سيٽ سان ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو.

ڪجهہ دير کان پوءِ هُو گهاٽي جهنگ ۾ پهچي ويا. جتي چاچي شڪاري ڪار بيهاري ۽ ٿامر کي لهڻَ لاءِ چيو.

چاچي شڪاري ڪار جي ڊِڪيءَ مان پلاسٽڪ جي ڇَٻِي (ٽوڪري) ڪڍي تہ انَ مان تازي گوشت جي سُرهاڻ اچڻ لڳي.ٿامر سمجهي ويو تہ انَ ۾ سندس کائڻَ لاءِ گوشت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان اسان پهريان ڪاڏو ڪائون ۽ پوءِ گهمون."ٿام دل ئي دل ۾ " خوش ٿيندي سوچيو.

هو ٻئي اڳتي وڌڻ لڳا.جهنگ ڏاڍو گهاٽو هو ۽ اتي جدا جدا جنسن جا ڍگها وڻ ۽ ٻيا ٻُوٽا هئا.ڪيترن ئي جانورن جا آواز ٻه آيا پئي.ٿام ڪي هاٿي ڊپ نہ پئي ٿيو جو چاچي شڪاريءَ جي ڪلهي تي بندوق ٻہ هئي.

هڪ هنڌ پهچي چاچي شڪاري ٿام ڪي وڻ تي چڙهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ بہ وچڙهي ويو.

لڳي ٿو تہ اسان وڻ تي ڪاڏو ڪائيندااسين."ٿام سوچيو ۽ وڻ " تي چڙهي ويو.

هڪ ڏارَ تي ويهي چاچي شڪاريءَ ڇَبيءَ جو ڍَڪُ لاٿو ۽ گوشت جي وڏي ٻُوٽي ڪڍي.اهو ڏسي ٿام جي واتَ ۾ پاڻي اچي ويو.هن پنهنجي چنبن جون ترپون مهٽيون ۽ وات ڪولي ڇڏيو.پر چاچي شڪاريءَ ٻوٽي ٿام جي وات ۾ وجهڻ بدران،وڻ ڪان ڪجهہ پَرتي ڦِٽي ڪري ڇڏي.ايئن ئي هنَ ٽي وڏيون ٻُوٽيون ڦٽي ڪيون ۽ چِتائي انهن ٻُوڙن ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪي وڻ جي صفا سامهون هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿام کي ڪاوڙ سان گڏ حيرت به ٿِي ته چاچي شڪاري ٻوٽيون ڪيس ڏيڻ بدران ڦِٽي چو ڪري ڇڏيون؟هو وات ڦاڙي چاچي شڪاريءَ کي ڏسڻ لڳو.

ان کان اڳ جو هُو ڪا دانهن ڪري ها،صفا ويجهو کان شينهن جي گجگوڙ جو آواز آيو ۽ ٻُوڙن مان هڪَ شِينهِڻ ٻاهر نڪري آئي.ٿام کي ڊپَ وچان ڏڪٽي وني وئي ۽ هو وڻَ جي ڏارَ کي ايئن چنبڙي پيو ڄڻ ته هنَ ۾ ڪا سگهه (طاقت) ئي نه هجي.

شِينهِڻ جي گجگوڙ جو آواز ٻيهر آيو ۽ هوءَ سِنگهندي سِنگهندي انَ پاسي وڃڻ لڳي جنهن پاسي چاچي شڪاريءَ گوشت جا ٽُڪرا ڦٽا ڪيا هئا.

اهو ڏسي چاچو شڪاري خوش ٿي ويو ۽ هنَ ٿام کي هيٺ لهڻ لاءِ چيو.پرَ ٿام شِينهِڻ کي ڏسي ايترو ته ڊِڄي ويو هو جو پنهنجي جاءِ تان چُريو به نه. چاچي شڪاريءَ ڪاوڙ وچان ٿام کي پُڇَ کان پڪڙيو ۽ ڇَٻِيءَ سوڌو وڻَ تان هيٺ لهي آيو ۽ خبرداريءَ سان انهن ٻوڙن ڏانهن وڌيو جن مان شِينهِڻ نڪتي هئي.هنَ جي هڪ هٿَ ۾ ڇَٻي ۽ ٻئي ۾ اونڌو لٽڪيل ٿام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.ٿام جي زبان سندس وات جي ڪنڊَ کان لڙڪي رهي هئي ۽ اڪيون ايئن ٻاهر نڪتل هئس جڻ ڪنهن ڪيس گهٽو ڏنو هجي.

چاچو شڪاري گهاٽن ٻوڙن ۾ لهي ويو.اُتي هڪ پاسي سڪل گاهه تي شينهن جا ٻه ٻچا وينل هئا.هنن کي ڏسندي ئي اهي ٻچا گاهه ۾ لڪي ويا ۽ مُنڊيون ڪڍي،ڊپَ مان "ڪِي ڪِي" جا آواز ڪڍڻَ لڳا.

چالاڪ چاچو شڪاري انهن ٻچن جي ڪڍَ ئي جهنگ ۾ آيو هو.تہ جيئن هڪ ٻچو چورائي ان کي وڪڻي پئسا ڪمائي.ٿام کي گڏ ان ڪري آندو هئائين تہ جيئن ان کي ٻچي جي جاءِ تي رکي ڪجهہ دير شينهڻ کي ڀُلائي سگهي.

چاچي شڪاري تڪڙ ۾ هڪ ٻچو ڪٽي ڄَڀيءَ ۾ وڌو ۽ ان جي جاءِ تي ٿام کي ليٽائي مٿس سڪل گاهہ وجهي ڇڏيو.

ٻاهران شِينهِڻ جي گجگوڙ سان گڏ سندس هلڻ جو آواز اچڻ لڳو.

چاچو شڪاري تيزيءَ سان ٻُوڙن مان نڪتو ۽ پنهنجي ڪار ۾ ويهي رهيو.شينهڻ جي ٻچي واري ڄبي هن پرسان واري سيٽَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي رڪي چڙدي ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ چاهيائين.پرَ سندس گاڏي اسٽارٽ ئي نہ ٿِي.هن گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيو.گجگوڙ جو آواز ٻڌي هنَ ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريو تہ شِينهِڻ ڪي ٻُوڙن ۾ ويندي ڏٺائين.

جي گاڏي نہ هَلِي تہ شِينهِڻ ٿام ڪان پوءِ مون ڪي بہ ڪائي " ويندي."چاچي شڪاريءَ پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

اوچتو ٻچي واري ڇَٻي لُڏَڻَ لڳي ۽ ان جو ڍَڪُ بہ لهي ويو. اهو ڏسي چاچو شڪاري حيران ٿِي ويو تہ انَ مان هڪ ڪوئو نڪتو.ڪوئي جي مٿي تي شِينهڻ جو ٻچو وينل هو.ٿِنهي هڪ ٻئي ڪي ڏسي دانهون ڪيون ۽ پوءِ ڪوئو ٻچي ڪي ڪنيو گاڏيءَ جي ڪليل دريءَ مان ٻاهر نڪري ويو.

اهو ڪوئو جيري هو.

جيڪو ڪجهہ دير اڳ ٿام ڪي گاڏيءَ ۾ ويهندو ڏسي پاڻ بہ گهمڻ جي لالچ ۾ گاڏيءَ ۾ چڙهي پيو هو ۽ هاڻ ٿام ڪي مصيبت ۾ ڏسي سندس مدد ڪري رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا ٻارو!!!هوڏانهن شِينهِڻ ٻُوڙن ۾ پهچندي ئي اهو محسوس ڪري ورتو تہ سندس گهر ۾ ڪو ٻيو جانور بہ موجود آهي.هوءَ پنهنجي ٻچن ڏانهن وڌي.ڪيس ڏسي سندس ٻچو ٻاهر نڪري آيو.جنهن کي شِينهڻ سِنگهي وري ٻئي ٻچي ڏانهن نهارڻ لڳي.جيڪو اصل ۾ ٿام هو.شِينهڻ ٿام تان گاهہ هٽايو تہ ٿام کي مَٽي ۾ ڦيري اچي وئي.ڪيس پڪَ ٿي وئي تہ اجهو ٿي شِينهڻ کيس کائي.شِينهڻ جيئن ئي ٿام کي سِنگهيو کيس پڪَ ٿِي وئي تہ اهو سندس ٻچو ناهي.هنَ ٿام کي ڪَنڌَ مان چڪُ هڻي ٻاهر ڪڍيو.اهو ڏسي ٿام ڏڪڻَ لڳو ۽ پنهنجي جان بچائڻَ لاءِ شِينهڻ جي ٻَچي جهڙو آواز ڪڍڻَ جي ڪوشش ڪئي.

مِي آآآ...اُووون..."ٿام جي وات مان ٻَچي جي آوازَ بدران " سندس پنهنجو ئي آواز نڪتو. چو جو هُو ٻِلو هو،شِينهِڻ جو ٻَچو نہ.

سندس آواز ٻُڌي شِينهڻ ڪاوڙ ۾ ونجي وئي.هن زوردار گجگوڙ جو آواز ڪڍيو ۽ پنهنجا پوائتا ڏندَ ڪڍي ٿام ڏانهن وڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مهلَ ئي شِينهڻ جي پُنيان سِيٽيءَ جو آواز آيو.شيُنهڻ سيٽيءَ جو آواز ٻُڌي پُٺتي نهاريو تہ کيس پنهنجو ڀيو ٻَچو،جيريءَ جي مٿي تي وينل نظر آيو.شينهڻ ٽام کي ڇڏي پنهنجي ٻچي ڏانهن آئي ۽ کيس چَٽڻَ لڳي.جيري ٽپ ڏيندي کيس ٻاهر ڏانهن اشارا ڪرڻ لڳو.شينهڻ ٻاهر نڪري ڏٺو تہ کيس چاچو شڪاري ڏسڻَ ۾ آيو.هوءَ سمجهي وئي تہ اها سموري حرڪت ان ماڻهوءَ جي آهي ۽ اهو ماڻهو سندس ٻچو ڪَسِڻ تو چاهي.شُينهِڻ هڪ زوردار گجگوڙ ڪئي ۽ چاچي شڪاريءَ ڏانهن وڌي.چاچو شڪاري جيڪو جيري کان شِينهڻ جو ٻَچو ڪَسِڻَ لاءِ گاڏيءَ مان لٿو هو سو شينهڻ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي رڙيون ڪندو گاڏيءَ ۾ وجي ويهي رهيو.ڪائس پنهنجي بندوق بہ وسري وئي.

شينهڻ ۽ سندس ٻچا گاڏيءَ جي چوڌاري ڦِرڻَ لڳا.

اِهو ڏسي جيري،ٽام کي پُڇَ کان ڇِڪيندو گهاٽن وڻن ۾ گم ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيري کي پڪ هئي تہ جلد ئي چاچي شڪاريءَ جي گاڏي
اسٽارٽ ٿي ويندي ۽ رستي ۾ هُو بہ اُنَ گاڏيءَ تي چڙهي ٺام
سوڌو پنهنجي گهر پهچي ويندو.

$$$$$$$$$$$$$$$

.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽام ۽ جيري ...

# "ويچارو ٽام"

ٽام ،ڇت تي ويٺو هيٺ نهاري رهيو هو.

هيٺ باغيچي ۾ هڪ ماڻهو ،جيري جا فوٽو ڪڍڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو.

ڪجهه ئي ڏينهن اڳ،هڪ ٽي وي چينل طرفان پالتو جانورن جون تصويرون ڪڍي موڪلڻ لاءِ چيو ويو هو.اهو هڪ مقابلو هو.جنهن ۾ نه رڳو سهڻي پالتو جانورَ کي پرَ انَ جي مالڪَ کي به انعام ملڻو هو ۽ ان پالتو جانور جون تصويرون به سڄو ڏينهن ٽي وي تي ڏيکاريون وڃن ها.ٽام جي مالڪياڻيءَ ان مقابلي ۾ ٽام جو فوٽو ڏياري موڪليو هو.ڪالهه جڏهن ان مقابلي جي ڪٽينڊڙ جو اعلان ٿيو ته ٽام جون دانهون نڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويون هيون.ڇو جو اهو مقابلو جيري کٽي ويو هو.جڏهن ته ٽام ڏهين نمبر تي مسَ آيو هو.

جيري اهو مقابلو ڪيئن کٽي ويو؟جڏهن ته هنَ جو فوٽو به " ڪنهن ناهي موڪليو." ٽام سوچي سوچي ٿڪجي پيو پر ڪيس سمجهه ۾ نه آيو هو. اها ته رڳو جيري کي ڄاڻ(خبر) هئي ته جنهن مهلَ مالڪياڻي،ٽام جي تصوير لفافي ۾ رکي ڪونئر ڪٽڻ وئي هئي ۽ ٽام خوشيءَ ۾ غاليچي تي ليٽڙيون پائي رهيو هو ته ان مهل جيري ڏاڍي خبرداريءَ سان لفافي مان ٽام جي تصوير سان گڏ پنهنجي تصوير به وجهي ڇڏي هئي.هاڻي جيري اهو مقابلو کٽي ويو هو ۽ اڄ ٽي وي وارن جو فوٽوگرافر جيري جون تصويرون ڪڍڻ پهچي ويو هو.

ٽام ڇت تي ڪاوڙ مان جيري کي تصويرون ڪيرائيندي ڏسي رهيو هو.هن جو وسُ هلي ها ته جيڪر هو جيري کي پري ڪري پنهنجا فوٽو ڪيرائي ها.پر ڪيس ڄاڻ هئي ته جي هن ائين ڪيو ته ڪيس مالڪياڻي ٻهاري سان ڪٽيندي. هونءَ ته مالڪياڻي جيري کان ڏاڍو ڊڄندي هئي پر جيري جي ڪٽڻ جو ٻڌندي ئي هن جو جيري سان سلوڪ مَٽجي ويو هو.مالڪياڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيري لاءِ ٻہ ٽي وڳا ٻہ ورتا هئا ۽ هرَ هرَ جيري کي ڪيڪَ بسڪوٽَ ٻہ کارائي رهي هئي.

ڇت تي ويٺي ويٺي ڪاوڙيل ٽام جي دماغَ ۾ هڪ شيطاني خيال آيو.

جي منهنجا فوٽو نہ نڪرندا تہ پوءِ جيري جا ٻہ نڪرڻ نہ " ڏيندس."ٽام سوچيو ۽ هُو تڪڙ ۾ هيٺ لهي ويو. ڪجھ دير ڪان پوءِ جڏهن واپس آيو تہ هن جي چنبن ۾ ڪاري رنگَ سان ڀريل هڪ دٻو هو.ٽام جي نيت نيڪ نہ هئي.

جيري ان مهل باغيچي ۾ انب جي وڻَ هيٺان نئون وڳو پائي بيٺو هو ۽ فوٽوگرافر سندس فوٽو ڪڍي رهيو هو.انب جي وڻَ جون ٽاريون ڇت کي ويجهو هيون.ٽام ڇت جي پٽ تي چڙهيو ۽ هڪ ٽاريءَ تي لڙڪندي اڳتي وڌڻ لڳو.

انب جو اهو وڻ ڏاڍو گهاٽو هو ۽ ان جي ٽارين تي ڪيترن ئي پکين ۽ نوريئڙن جا آکيرا هئا.اتي رهندڙ نوريئڙن جي سردار جو نالو "نيمنو" هو.نيمنو گهڻي دير کان ٽام کي ڏسي رهيو هو.ڪيس ٽام جا ارادا خطرناڪ لڳي رهيا هئا.جڏهن هن ٽام کي رنگ جي دٻي سوڌو وڻ تي چڙهندي ڏٺو تہ هو ڪاوڙ ۾ اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو.هن هڪ سيٽي وڄائي.سيٽيءَ جو آواز ٻڌندي ئي سڀ نوريئڙا هن جي آڪيري وٽ پهچي ويا.

هو ڏسو ٿامر ٻلو اسان کي پڪڙڻ لاءِ پيو اچي.پڪَ سان هُو " اسان کي کائي ويندو."نيمني چيو.اهو ٻڌي سڀ نوريئڙا ڏڄي ويا.

ڏڄو نہ.هو اڪيلو آهي ۽ اسان اٺ ڄڻا آهيون.جي همتَ ڪيون " تہ پاڻَ کي بچائي سگهون ٿا."نيمني جي ڳالھ ٻڌي سيني نوريئڙن هائوڪار ۾ ڪنڌَ لوڏيا ۽ ڪاوڙ مان ٿامر ڏانهن ڏسڻَ لڳا.

ٿامر ڏاڍي هوشياريءَ سان ٽاريءَ تي لڙڪندو هڪ ڏار تي اچي وينو ۽ جيريءَ ڏانهن ڏسڻَ لڳو. ڪيس ڄاڻ ئي نہ هئي تہ اڳتي هڪَ مصيبت سندس انتظار ۾ آهي.

سردار نيمنو انبَ جي پَنن ۾ لِڪيو ڇِتائي ٿامر ڏانهن نهاري رهيو هو.ڪيس سمجھ ۾ اچي ويو هو تہ ٿامر ڪين کائڻ لاءِ نہ پرَ جيري کي نقصان ڏيڻ لاءِ وڻَ تي چڙهيو آهي.

هن اها ڳالھ ٻين نوريئڙن کي بہ سمجهائي.

پوءِ هاٿي ڇا ڪجي سردار؟" هڪ نوريئڙي پڇيو. "جيري "
اسان جو دوست آهي.اسان گڏجي جيريءَ جي مدد
ڪنداسين."نيمني چيو ۽ پوءِ پنهنجي ساٿين کي ڪا ڳالهه
سمجهائڻ لڳو.

ٿام ڏارَ تي هلندو جيري جي صفا مٿان پهچي ويو.

هنَ چنبن ۾ جهليل ڪاري رنگ وارو دٻو مٿي ڪيو ۽ پنهنجا
پوائنٽا ڏندَ ڪڍي رنگُ جيري مٿان هارڻَ جي ڪيائين.پرَ ڪجهه
به نه ٿيو.رنگ جيري مٿان ڪو نه ڪريو.ٿام حيرت مان پنهنجن
چنبن ڏانهن نهاريو ته اهو ڏسي ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو ته
رنگ جو دٻو هن جي چنبن ۾ ڪو نه هو.هن هيڏانهن هوڏانهن
نهاري وري مٿي ڏٺو ته اهو ڏسي  ڪاوڙ ۾ وٺجي ويو ته وڻ
جي مٿئين ڏارَ تي ٽي نوريئڙا بيٺا هئا ۽ ڪاري رنگ وارو دٻو
انهن وٽ هو.نوريئڙا به ٿام ڏانهن ڪاوڙ مان نهاري رهيا هئا.

غرغرغرغر..."ٿام پنهنجا ڏند نوريئڙن کي ڏيکاريندي آواز "
ڪڍيو ۽ کين دٻو واپس ڪرڻ جو اشارو ڪيو.

تنهي نوريئڙن هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٿام ڏانهن ڏسي
کلڻ لڳا.ٿام جي ڪاوڙ وڌي وئي ۽ هن پنهنجا چنبا مٿي ڪيا ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن نوريئڙن کي پڪڙي کائڻ ڏبو ڪسي.اهو ڏسي نوريئڙا ڪجهه پوئتي هٽيا ۽ ان کان اڳ جو ٽام ڪين پڪڙي هنن ڏبي ۾ پريل ڪارو رنگ ٽام جي مٿان هاري ڇڏيو.ٽام ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويو ۽ ڪجهه ئي دير ۾ سندس سمورو بُتُ ڪاري رنگَ ۾ ونجي ويو.

نوريئڙن پاڻَ کان ٻه مٿي ڏارَ ڏانهن ڏنو ۽ چِرڙ چِرڙ جو آواز ڪڍيو.

ڪاري رنگَ واري ٽام ڏپَ وچان مٿي نهاريو ته ڪيس ٻيا ٻه چار نوريئڙا هڪٻئي جي ڪلهن تي بيٺل نظر آيا.مٿئين نوريئڙي جي پتڪڙن چَنبن ۾ مٿي هڪَ ڏارَ سان ٻڌَل سَنهي رسي هئي.اهو سردار نيمنو هو.

چِرڙ چِرڙ..."سردار نيمني ٻه سنهڙو آواز ڪڍيو ۽ ٻِي گهڙي " هڪ ٻئي کي چَنبن وٽان سُکَ ڪيل چار ئي نوريئڙا رسيءَ وسيلي لڙڪندا پهرين هيٺ ۽ پوءِ وري ٽام ڏانهن آيا.ٽام جيڪو پهريان ئي ڪاري رنگَ جي ڪري پريشان هو سو ڪين پاڻَ ڏانهن ايندو ڏسي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو ته جيئن پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي.پرَ ان کان اڳ جو هو ڪجهه ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها چار ئي نوريئڙا هنَ سان اچي لڳا.هڪ ڏماڪو ٿيو ۽ ٽام

.دانهون ڪندو،اونڌو ٿي هيٺ باغيچي جي چبرَ تي اچي ڪريو

هي ڪهڙي بلا آهي؟"فوٽوگرافر ڪاري رنگ جي ٽام ڏانهن "

ڏسندي دبَ مان پڇيو.

جيري ۽ مالڪياڻي ٻہ پھرين تہ ڊڄي ويا پر پوءِ ٽام کي سڃاڻي

سمجھي ويا تہ نڳ ٽام پاڻَ تي ڪارو رنگُ ڪري سندن ڪم

وڃائڻ ٿو چاهي.جيري تہ هڪ پاسي وڃي بيھي رهيو پر

مالڪياڻيءَ جي ڪاوڙ چوٽَ تي چڙهي وئي.

بيڪار ٻِلا تون منھنجو انعام وڃائڻ ٿو چاهين. ترس تہ تو "

کي ڏسان ٿي."مالڪياڻيءَ ڪاوڙ ۾ چيو ۽ ٻھارو ڪڍي زور

سان ٽام جي پنيءَ تي وهائي ڪڍيائين.ٽام هڪَ زوردار رڙ

ڪئي ۽ تيزَ ڪائيندو پت ٽپي،گھرَ کان ٻاهر وڃي ڪري پيو.

ٽام جي قسمت اڄ ڪجھ وڌيڪ ئي خراب هئي. پھريان انعام

نہ مليس.پوءِ وري رنگ ڪارو ٿي ويس.مالڪياڻيءَ جي مار بہ

کاڌائين.هاڻي جڏهن گھر کان ٻاهر اچي ڪريو هو تہ اهو ڏسي

سندس ساهُ ئي سُڪي ويو تہ سامھون ئي اسپائيڪ ڪتو بيٺو

هو.اسپائيڪ ٽام کي ڏسي پنھنجا پوائنٽا ڏندَ ٻاهر ڪڍيا ۽ ٽام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وڌيو.هُو ٿام کي ڪنهن بئي پاڙي مان آيل ٻِلو سمجهي رهيو هو.توڙي جو ٿام کي ٺاهوڪو ڏڪ لڳو هو پر پوءِ بہ هو اسپائيڪ جي ڊپَ کان اٿيو ۽ ڊُڪندو ڊُڪندو روڊَ تان لنگهندڙ هڪ گاڏيءَ جي پوئين حصي تي چڙهي ويهي رهيو.اسپائيڪ بہ ڪجھ پنڌ گاڏيءَ جي ڪڍَ ڊُڪيو پوءِ بيهي رهيو.گاڏي ٿام سوڌو زوڪات ڪندي الائجي ڪيڏانهن هلي وئي.

پيارا ٻارو ٿام اڃان تائين ناهي موٽيو.جيڪڏهن توهان کي ڏسڻ ۾ اچي تہ مهرباني ڪري ڪيس سندس مالڪياڻيءَ جي گهر پهچائي وڃجو

$$$$$$$$$$$$$$

# ٽام ۽ جيري

## "يَمر...يَمر"

انَ رات ڏاڍي گرمي هئي.ٽام کي گهرَ جي هالَ ۾ ننڊَ نہ پئي آئي.سو هنَ ڇِت تي وڃي سمهڻ جو ارادو ڪيو.مالڪياڻي تہ پنهنجي ڪمري ۾ سڪونَ سان سُتلَ هئي.ٽام پنهنجو نرم گدو کنيو ۽ ڏاکڻ وسيلي مٿي ڇت تي هليو آيو.

ڇتِ تي ڪجهہ سُڪون هو.چنڊ جي ڪري هَلڪي روشني لڳي پئي هئي.

گرمي تہ آهي پرَ هتي ننڊَ اچي ويندي."ٽام سوچيو ۽ هڪ " پاسي پنهنجو گدو وڇائي ليٽي پيو.اجان هنَ سمهڻ جي ڪئي پئي تہ ڪيس ڪونگهرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.ٽام تڪڙ ۾ اُٿي ويهي رهيو ۽ انَ پاسي نهارڻ لڳو جتان ڪونگهرن جو آواز پئي آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڏسي ٽام کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي تہ ٽِينَ جي هڪ وڏي ڏَٻي تي جيري سُتو پيو هو.ڪونگهرن جا آواز جيري جا ئي هئا.

مون کي ننڊَ نہ ٿي اچي ۽ هيءُ مزي سان سُتو پيو آهي."ٽام " پنهنجو پاڻَ کي چيو ۽ گدي تان اُٿي جيري ڏانهن وڌيو.

جيري کي مزي سان سُتل ڏسي ٽام جي ڪاوڙ وڌي وئي.هنَ پرسان ئي رکيل لوهي پائيپ جو ٽڪرو ڪنيو ۽ جيري کي هڻڻَ لاءِ اُپو ڪيائين.

انهيءَ مهل ئي هڪ آواز ٽام کي چرڪائي وڌو. جيري بہ اهو آواز ٻڌي جاڳي پيو ۽ ٽام کي پنهنجي پرسان بيٺل ڏسي ٽَپُ ڏئي ڇت جي پٽ تي چڙهي ويو.

ٻنهي آواز واري پاسي نهاريو ۽ سندن واتَ پَٽجي ويا.

ڇت جي پرسان ئي انب جي وڻَ مٿان ٻَسيءَ (ساسر) جهڙي هڪ وڏي شئي هوا ۾ بيٺل هئي.آواز انهيءَ مان پئي آيو.انَ اُڏڻَ واري ٻَسيءَ کي چوڦير ڪيترائي بلب لڳل هئا.جيڪي ننڍن ننڍن تارن جيان چمڪي رهيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿام ۾ جيري هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.ڪانئن پنهنجي دشمني وسري وئي هئي.

اوچتو اڏڻ واري ٻَسيءَ جا هَڙَئِي بلب وسامي ويا ۽ انَ مان هڪ در کليو.در مان هڪ ڏاڪڻ نڪتي جيڪا پاڻَ مرادو (پنهنجو پاڻَ) هلندي هيٺ چٽ تائين اچي وئي.اهو ڏسي ڊِڄڻو ٿام تڪڙ ۾ ٽِينَ جي ڊَٻي پٺيان لڪي ويو ۽ جهاتي پائي ٻَسيءَ ڏانهن نهارڻَ لڳو.

ڪجهه دير کان پوءِ ٻسيءَ جي درَ مان هڪ پاڇو ظاهر ٿيو ۽ ڏاڪڻ وسيلي هيٺ لهڻ لڳو.

اها ڊگهي قدَ واري ڪا مخلوق هئي.جنهن جون ڄنگهون ڊگهيون ۽ ٻٺ ڏُٻرو هو.انَ جو منهن ڪڪڙ جي بيضي جيان هو.جنهن تي اکين ۽ نڪ جي جاءِ تي رڳو سوراخَ هئا.وات هئس ئي ڪو نه.اها پوائتي مخلوق ڏسي ٿام ۽ جيري ڏڪڻَ لڳا.کين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اهو ڪير آهي ۽ سندن گهر جي چٽ تي ڇو لَٿو آهي؟

ان مخلوق چٽ تي لهي چؤڦير نهاريو ۽ پوءِ سندس نظرون انَ ٽينَ جي ڊبي تي اچي بيهي رهيون جنهن جي پٺيان ٿام لڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.هنَ پنهنجو ٻن ڏگهين آڱرين وارو هٿ سڌو ڪيو ۽ ان کي هلڪو جهٽڪو ڏنو.هن جي آڱر مان ڪجهہ چِٽنگون نڪتيون ۽ ٽين جو دٻو گم ٿي ويو.ڏَٻي پنيان لڪيل ٿام ظاهر ٿي پيو.ٿام چِرڪ پريندي هڪ وڏي رڙ ڪئي ۽ ڀڄڻَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.جيري بہ ڊپ مان ان ڳُٽتيءَ ۾ هو تہ اتان ڀَڄي پنهنجي جان بچائي.

ڊجو نہ...ڊِجو نہ.مان اوهان کي ڪو بہ نقصان نہ ڏيندس.مان " اوهان جو دوست آهيان."اهو آواز ٻڌي ٿام ۽ جيري بيهي رهيا ۽ حيرت مان ان مخلوق ڏانهن نهارڻ لڳا.انَ مخلوق جو سينو موبائل فون جي اسڪرين جيان روشن هو ۽ ڳالهائڻ جو آواز اتان ئي پئي آيو.هونءَ تہ مخلوق کي وات ئي ڪو نہ هو.

مهرباني ڪري ويجهو اچو ۽ منهنجي ڳالهہ ٻُڌو. مون کي " اوهان جي مددَ جي ضرورت آهي."مخلوق مان آواز آيو ۽ ڳڏ ئي ان مخلوق ٿام ۽ جيري کي پنهنجي ويجهو اچڻ جو اشارو بہ ڪيو.

ٿام ۽ جيري هڪٻئي ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ خبرداريءَ سان اڳتي وڌي،انَ مخلوق کي ويجهو ٿي بيهي رهيا.

منهنجو نالو "ايلين" آهي ۽ مان آسمان تي چمڪندڙ هڪ تاري " تي رهندو آهيان."اهو ٻُڌي

ٿام ۽ جيري هڪٻئي ڏانهن نهاري وري ايلين ڏانهن ڏسڻَ لڳا.

منهنجي تاري تي ڪاڏي جي کوٽَ ٿي پئي آهي ۽ اسان کي " خبر پئي آهي تہ توهان جي ڌرتيءَ تي اسان جي کائڻ لاءِ هڪ ڪاڏو آهي. مان اهو کڻڻ آيو آهيان.مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪيو ۽ اهو ڪاڏو مون کي هٿ ڪري ڏيو.مان اوهان کي پنهنجي تاري جو چمڪندڙ پٿر ڏيندس."ايلين مان آواز آيو ۽ هنَ پنهنجو ٻيو هٿ اڳتي وڌايو.جنهن تي هڪ چمڪندڙ پٿر رکيل هو.پٿر ڏسي ٿام ۽ جيري جا واتَ ڦاٽي ويا.اهو هڪ وڏو هيرو هو.جنهن جو مُلهہ ڪيڪ سان ڪروڙين روپيہ هو.ٿام جي گِگ ڳڙڻ لڳي.

مي آآا او..."ٿام ايلين ڏانهن ڏسي آواز ڪيو."

ايلين پنهنجي سيني واري اسڪرين تي پنهنجي ڏکي آڱر سان هڪ بٽڻ دٻايو ۽ پوءِ ٿام ڏانهن نهاريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿام ٽون پُڇين پيو تہ اهو کھڙو ڪاڏو آهي؟" ايلين جي ڳالهہ " ٻُڌي ٿام ٽڪڙ ۾ ڪنڌ هائوڪار ۾ لوڏيو ۽ هيري ڏانهن ڏسي پنهنجن چپن تي زبان ڦيريائين.

انَ ڪاڏي جو نالو "يَم يَم" آهي."ايلين مان آواز نِڪتو."

ٿام ۽ جيري کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ اهو يم يم ڪھڙو ڪاڏو آهي.هو ايلين ڏانهن ڏسڻ لڳا.ايلين بہ سمجهي ويو تہ هنن ٻنهي کي يم يم جي خبر ناهي.

هنَ بيهر پنهنجي سيني تي بہ ٿي بٽڻ دٻايا تہ هڪ ماڻهوءَ جي تصوير اڀري وئي.

هي آهي يَم يَم. اسان جو نئون ڪاڏو.جيترا يم يم مون کي " ڏيندؤ،اوترا سهڻا پٿرَ اوهان کي ملندا".

اهو ٻڌي ٿام جون اکيون چمڪڻ لڳيون.هن جو خيال پنهنجي مالڪياڻيءَ ڏانهن هليو ويو.جيڪا ڪيس بيڪار ٻِلو چئي ٻُهاري سان ڪُٽيندي هئي.ٿام سوچيو تہ هو پنهنجي مالڪياڻي ايلين کي ڏئي ڇڏي تہ سندس مزا ٿي ويندا.مالڪياڻيءَ مان بہ جِند ڇُٽندي ۽ هيرو ملڻ تي هُو امير بہ ٿي ويندو.اهو سوچي ٿام

ڏاڍو خوش ٿيو.هنَ ايلين کي اتي ئي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ ڏاڪڻ ڏانهن ڀڳو.

اهو ڏسي جيري سمجهي ويو تہ ٽام چا پيو ڪرڻ وڃي.هنَ سوچيو تہ هُو لوڀي (لالچي) ٽام کي ايئن ڪرڻ نہ ڏيندو.جيري ڪاوڙ مان ايلين ڏانهن نهاريو ۽ ٽام جي ڪڍَ ڊُڪڻ لڳو.

ٽام ،مالڪياڻيءَ جي ڪمري وٽ پهچي ڏاڍي خيالَ سان در کولي اندر جهاتي پائي ڏٺو.مالڪياڻي مزي سان سُمهي پئي هئي.ٽام بنا ڪو آواز ڪرڻَ جي مالڪياڻيءَ جي ويجهو پهتو ۽ مالڪياڻيءَ کي ڪٽي ڪمري مان نڪري ويو.ڪمري کان ٻاهر جيري اڳي ئي ٽام جي انتظار ۾ ڪٻاٽ تي چڙهي ويٺل هو. ٽام مالڪياڻيءَ کي ڪٽي جيئن ئي ڪٻاٽ جي پرسان لنگهيو جيري تڪڙ ۾ ڪانئس مالڪياڻي ڪَسي ان کي پٺ سان ٽيڪَ ڏياري ڪٻاٽ تي ويهاري ڇڏيو. مالڪياڻي مزي سان سُتلَ هئي ۽ ڪيس خبر ئي نہ هئي تہ ساڻس ڇا ٿي رهيو آهي؟

۾ آاوووووووو..."ٽام ڪاوڙ ۾ آواز ڪڍيو ۽ جيري کي " اشارو ڪيو تہ هُو مالڪياڻيءَ کي هڪدم سندس حوالي ڪري.

جيري ٽام ڏانهن ڏسي ڪيس چِڀرا ڪڍيا ۽ مزي سان مالڪياڻيءَ

جي هنجَ ۾ ويهي رهيو.

ٽام اڳتي وڌيو ۽ ڪٻاٽ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

اهو ڏسي جيري،مالڪياڻيءَ جي هنجَ مان اٿيو ۽ ٽام کي اشاري

سان ترسڻَ لاءِ چيائين.ٽام مٿي چڙهڻ بند ڪري حيرت مان

جيري ڏانهن ڏسڻَ لڳو.جيري ڪٻاٽ مٿان رکيل پِتلَ جو ڳرو

گلدانَ ڪنيو ۽ ٽام جي مٿان ڦٽو ڪري ڇڏيائين.ٽام پري ٽيڻ

جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيو.گلدان هڪ ڌماڪي سان

ٽام جي مٿي تي ڪريو ۽ هُو بِنا دانهن ڪرڻ جي هيٺ ڪريو ۽

بيهوش ٿي ويو. ڪيس ڪرندو ڏسي جيري ٽپُ ڏئي ڪٻاٽ تان

لهي آيو.هنَ ڪٻاٽ جي پرسان ئي رکيل ماٽهوءَ جو ڍگهو پُتلو

ڪٽي پٽَ تي ليٽائي ڇڏيو.پوءِ ٽام کي بہ پتلي جي پيٽَ تي

سمهاري رسيءَ سان ٻڌي ڇڏيو.اهو پتلو،مالڪياڻيءَ ڪنهن

ٻئي شهرَ مان گهرَ جي سُونهن وڌائڻَ لاءِ آندو هو.جيري

مالڪياڻيءَ جي ڪمري مان ڪاري رنگ جي چادر ڪٽي آيو ۽

پُتلي کي ٽام سوڌو ڍَڪي ڇڏيو.هاڻي ڏسڻ ۾ ايئن پئي لڳو جڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ماڻهو چادر پائي سُتل هجي.جيري پتلي ڪي ڪنيو ۽ مٿي

پڳو.

چت تي ايلين هنن جو انتظار پئي ڪيو.

يم...يم..."جيري ڪي ڏسندي ئي ايلين مان آواز آيو."

جيري هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ پُتلو ايلين ڪي ڏئي ڇڏيائين.

ايلين پُتلو وٺي،هيرو جيريءَ ڪي ڏنو ۽ پنهنجي اُڏڻ واري

بَسِيءَ ۾ ويهي پنهنجي تاري ڏانهن هليو ويو.ڪيس خبر ئي نہ

پئي تہ هُو يَم يَم بدران پتلي ۽ ٿام ڪي پاڻ سان ڪنيو پيو وڃي.

اميد تہ ٿام جو وقت ايلين جي تاري تي ڏاڍو سنو "

گذرندو."جيري اُڏڻ واري بَسيءَ ڏانهن ڏسندي سوچيو ۽ هيرو

ڪڇي هيٺ لهي ويو.

$$$$$$$$$$$$$$

## ٽام ۽ جيري ...

## "جادوءَ جي ڇَٻِي"

ٽام ڏاڍي مزي سان،هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو هلي رهيو
هو.هنَ جي واتَ ۾ پلاسٽڪ جي ڇَٻِي هئي.جنهن ۾ پئسا ۽
هڪ ڪاغذ هو.جنهن تي انَ سامان جا نالا لکيل هئا جيڪو
ڪيس بازار مان وٺڻو هو.مالڪياڻيءَ کي جڏهن گهرَ ۾ ڪم
گهڻو هوندو هو تہ هوءَ بازار جي ڪمَ لاءِ ٽام کي موڪليندي
هئي.هونءَ تہ ٽام هڪ سُست ٻِلو هو ۽ کو بہ ڪم ڪرڻ کان
ڪيس ٻَرو چڙهندو هو پر مالڪياڻي جڏهن بہ ڪيس بازار
موڪليندي هئي تہ هو اهو ڪم ڏاڍي خوشيءَ سان ڪندو
هو.ڇو جو مالڪياڻيءَ جي ڏنل پئسن مان ڪجهہ پئسا بچائي
هُو پنهنجي پسند جا چاڪليٽ وٺي کائيندو هو.اڄ بہ هو ٽپَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندو روڊ جي پِڪ ۾ پنڌ هلندڙن لاءِ نهيل دڳ (فٽ پاٿ) تي هلي رهيو هو.

فٽ پاٿ تي ڪيترائي ماڻهو اچي وڃي رهيا هئا.ثامر به هڪ پاسو ورتيون پئي هليو جو هن ڏٺو ته سندس آڏو هلندڙ ماڻهوءَ جي پينٽ جي پوئين کِيدي مان چمڙي جو بَٽون هيٺ اچي ڪريو.بَٽون ڪرڻ جي انَ ماڻهوءَ ڪي ڪا خبر ئي نه پئي ۽ هو اڳتي هلندو رهيو.اهو ڏسي ثامر هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي چپي پت وٺ رکي،ڏاڍي چالاڪيءَ سان اڳتي وڌي اهو بٽون کنيو ۽ هڪ وڻَ جي اوٽَ ۾ بيهي رهيو.بٽونءَ وارو ماڻهو گهڻو اڳتي هليو ويو هو ۽ ڪنهن بئي ماڻهوءَ ثامر کي بٽون کڻندي به ڪو نه ڏٺو هو سو ثامر مزي سان اهو بٽون کولڻ لڳو.هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش پئي ٿيو ته ڪيس بٽون هٿ آيو هو.

هنَ مان جيڪي به پئسا نڪتا مان انهن جا چاڪليٽ وٺي " ڪائيندس."ثامر دل ئي دل ۾ سوچيو.

ثامر جيئن ئي بَٽون کوليو ڪانئس هڪ وڏي رڙ نڪري وئي.بَٽون صفا خالي هو.انَ ۾ ڪو نوٽ ته ڇا پرَ ڪوٽوَ سِڪو به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ هو.ٿام ذري گهٽ روئڻ جهڙو ٿي ويو. هن ڪاوڙ وچان ٻتون اتي ئي ڦٽي ڪيو ۽ پنهنجي چيٻيءَ ڏانهن وڌيو تہ جيئن گهرَ جو سودو وٺي اچي.

مِي آاُوووووو..." ٿام ڪان وڏي دانهن نڪري وئي. چيٻي ". پنهنجي جاءِ تي ڪو نہ هئي.ڪو ماڻهو چيٻي ڪٽي ڀَڃي ويو هو.ٿام وائڙن وانگر ماڻهن جي وچَ ۾ ڊڪڻ لڳو.هُو پنهنجي ٻوليءَ ۾ دانهون ٻہ ڪرڻ لڳو پر ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ هو ڇا پيو چئي؟ماڻهو ڪيس هُش هُش ڪري ڀَڄائي رهيا هئا.ٿام ڊُڪي ڊُڪي ٿڪجي پيو ۽ فٽ پاٿ تي ئي پٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي روئڻ لڳو.

هاڻي تہ مالڪياڻي پڪَ سان مون کي ٻُهاري سان ڪُٽيندي ۽ " گهران ٻہ ڪڍي ڇڏيندي."ٿام زور زور سان روئڻ لڳو.روئيندي روئيندي هن منهن مٿي ڪيو تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ روڊَ جي ٻي پر اهو ئي دڪان هو جنهن تان ڪيس سودو وٺڻو هو. هو چيٻي ڳولهڻ لاءِ ڊڪندي،ساڳئي دڪان وٽ پهچي ويو هو.

دڪان تي نظر پوندي ئي ٿام جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو ۽ هن ڪان روئڻ وسري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو نہ دڪان واري ڪان اوڏر تي سودو وٺي وڃان. مالڪياڻيءَ " کي خبر بہ نہ پوندي ۽ مان مار ڪان بہ بچي ويندس."ٽام پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

هن کي پنهنجو اهو شيطاني خيال وڻيو ۽ هو تڪڙ ۾ اُٿيو ۽ پنهنجا ڳوڙها اُگهندو دڪانَ ڏانهن وڌي ويو.

ٽام دڪان وٽ پهتو ئي مسَ جو دڪان جو شيشي وارو در کليو.ٽام بيهي رهيو تہ جيئن اندارن اچڻ وارو ٻاهر اچي ۽ هو اندر وڃي.

مِي آآآاُوووون..."ٽام ڪان وڏي رڙ نڪري وئي.دڪانَ مان هن " جي گم ٿيلَ ڇَٻي نڪري رهي هئي.ٽام پنهنجون اکيون مَهٽيون ۽ چِتائي ڇٻيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.

ڇٻي پنهنجو پاڻ هلي رهي هئي.ڄڻ تہ ڪيس ڄنگهون هجن.

ميائون...ميائون..."ٽام ڊپَ مان آواز ڪڍيو."

سندس آواز ٻڌندي ئي ڇٻي گهڙي کن تَرسي ۽ پوءِ اڳتي هلڻ لڳي.

ٿام هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڇٻيءَ جي ڪڍَ هلڻ لڳو.ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هڪ بي جان ڇٻي پنهنجو پاڻ ڪيئن هلي رهي هئي.ڇٻيءَ جي رفتار وڌڻ لڳي ۽ اها فٽ پاٿ تي ماڻهن جي وچ ۾ ڇڙ تہ ڊڪڻ لڳي.ماڻهو حيرت مان ڇٻيءَ کي هلندو ڏسي رهيا هئا ۽ ٽپ ڏئي ڪيس لنگهڻ جي جاءِ ڏئي رهيا هئا.ٿام بہ ڇٻيءَ جي ڪڍَ ڊڪي رهيو هو.هن پنهنجي لوپَ جي ڪري جيڪا ڇٻي وڃائي ڇڏي هئي اها ٻيهر گم نہ پئي ڪرڻ چاهيائين.ان ڪري هو بہ تيز ڊُڪي رهيو هو.ٿام ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪئي تہ ڇٻي کي پڪڙي پر هو ڪامياب نہ ٿي سگهيو.

انهيءَ مهلَ ئي ٽن ڏِنگن ٻارن ڇَٻيءَ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو.انهن ٻارن ڏسڻ پئي چاهيو تہ آخر اها ڇٻي پنهنجو پاڻَ ڪيئن ٿي هلي؟ڪٿي اها جادوءَ جي ڇٻي تہ ناهي؟ڇٻيءَ سان گڏ ٿام بہ بيهي رهيو ۽ ڏسڻ لڳو تہ ڇٻي ڇا ٿي ڪري.

ٽن ٻارن مان هڪ اڳتي وڌيو ۽ ڇٻيءَ جو ڍَڪُ لاهڻ جي ڪيائين.ڇٻي ڪجهہ پوئتي ٿي ۽ پوءِ هڪ ٽپُ ڏئي اچي ٻار جي مُنهن ۾ لڳي.ٻار هڪ دانهن ڪئي ۽ پُٺتي وڃي ڪريو.اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي باقي ٻہ ٻار ٻہ ٻن پاسن کان چبيءَ ڏانهن وڌيا.چبيءَ جي ويجهو پهچي ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ گڏجي چبيءَ کي پڪڙڻ لاءِ ان مٿان ٽپ ڏنائون.چبي تڪڙ ۾ ٻنهي جي وچ مان نڪري وئي ۽ ٻنهي ٻارن جا مَٿا هڪٻئي سان اچي لڳا.هڪ ڌماڪو ٿيو ۽ ٻئي ٻار سورَ کان دانهون ڪندا هيٺ فٽ پاٿ تي ڦٿڪڻ لڳا.چبي ٻارن کان جند ڇڏائي اڳتي وڌڻ لڳي.هاڻي هوءَ ڀِرين کان ٻہ وڌيڪَ تڪڙي هلي رهي هئي.تام ٻہ چبيءَ پويان تڪڙو هلڻ لڳو.نيٺ ڊڪندي ڊڪندي چبيءَ گهٽَ هنئي ۽ روڊَ تي هلندڙ گاڏين هينان لنگهي روڊ ٽَپي وئي.تام ٻہ تڪڙ ۾ مڙيو ۽ گاڏين کان پاڻ بچائيندو روڊ جي ٻئي پاسي پهچي ويو.هاڻ هُو ٿَڪجڻ لڳو هو.پر هن کي خبر هئي تہ جي هو بيٺو تہ چبي سندس هٿن مان نڪري ويندي ۽ کيس ناهوڪي مارَ ملندي.ان ڪري هُو چبيءَ جي ڪڍَ ڊڪڻ تي مجبور هو.

ڪجهہ دير وڌيڪ ڊڪڻ کان پوءِ چبي هڪ وڻَ وٽ بيهي رهي.تام ٻہ ٻنهنجي رفتار ڍَري ڪئي ۽ هوريان هوريان چبيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو تہ جيئن انَ کي پڪڙي سگهي.اجان تام ٻہ ٿي وڪون ئي ڪنيون هونديون جو چبي ٻيهر ڇُري ۽ تڪڙ ۾ وڻَ تي چڙهي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿامر بہ دير نہ ڪئي ۽ وڻَ وٽ پهچي انَ جِي چوٽيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو.ڇٻي هاڻ هڪ ڏار تي بيٺل هئي.ٿامر توڙي جو ڏاڍو سهڪي رهيو هو پر هن فيصلو ڪيو تہ هو مٿي چڙهي ڇٻيءَ کي سوگهو ڪندو تہ جيئن مالڪياڻيءَ جي مارَ کان بچي سگهي.پرَ ان کان اڳ جو هو وڻ تي چڙهي ها هنَ ڇٻيءَ کي ڏارَ تي هلندي ۽ پوءِ پرَ واري گهر ۾ لهندي ڏٺو.ٿامر تڪڙ ۾ اڳتي وڌيو ۽ انَ گهر جي ڪليل درَ مان اندر ٽَپي ويو.اندر پهچندي ئي هو وائڙو ٿي ويو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.

ڳُٽيءَ ۾ ڪيس خبر ئي نہ پئي هئي ۽ هُو پنهنجي گهر پهچي ويو هو.ڇٻي هن جي گهر ۾ ئي اچي لَٿي هئي.

ٿامر سڄي باغيچي ۾ ڇٻيءَ کي ڳولهڻ شروع ڪيو پرَ ڪيس ڇٻي ڏسڻَ ۾ نہ آئي.ٿامر جي دل جو ڌڙڪو وڌي ويو.هنَ پئسا بہ وڃائي ڇڏيا هئا ۽ سودو بہ ڪو نہ ورتو هئائين.ڪيس پڪَ هئي تہ اڄ مالڪياڻي نہ رڳو مار ڏيندس پر گهر مان بہ ڪڍي ڇڏيندس.

ٿامر بي حال ٿِي ڇپرَ تي ليٽي پيو ۽ ڊگها ساهَ کڻڻَ لڳو.

ڪُجھ ئي دير گذري ھوندي جو گھر جو اندريون در کليو ۽

ٽام ،مالڪياٽيءَ جي ھلڻ جو آواز ٻڌو.

ٽام اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ مار جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ٽام اٿي منجھند جو کاڌو کاڌُ. اڄ تہ تون وڏو ڪم ڪيو "

آھي.سڄو سودو بہ ورتئي ۽ ڪوڙ سارا پئسا بہ بچايا

اٿئي."مالڪياٽيءَ جي ڳالھ ٻڌي ٽام تڪڙ ۾ اٿيو ۽ حيرت مان

مالڪياٽيءَ ڏانھن ڏسڻ لڳو.

مالڪياٽيءَ ھن آڏو گوشت ۽ ھڏن سان ڀريل ھڪ پيالو رکيو.

ميائون..."ٽام حيرت وچان آواز ڪڍيو ۽ کاڌو کائڻ بدران "

اندر ڀڳو. اندر وڏي ھالَ ۾ ميز تي ڇَٻي رکيل ھئي. ٽام ڏٺو تہ

ڇٻيءَ ۾ اھو ئي سودو رکيل ھو جيڪو مالڪياٽيءَ گھرايو

ھو.

حيرت مان ٽام جو واتُ ڦاٽي ويو.

اھو ڪيئن ٿِي ويو؟ڇا سچَ ۾ ڇٻي،جادوءَ جي آھي؟" ٽام "

پنھنجو مٿو ڪنھندي سوچيو.

اوچتو سيٽيءَ جي آواز ٽام کي ڇرڪائي وڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڏنو تہ جيري پنهنجي ٻرَ وٽ بيٺو ڪيس اشارا ڪري رهيو هو.سندس اشارا ڏسي ٽام سمجهي ويو تہ اصل ڳالھ ڪهڙي آهي؟

چِبي جادوءَ جي نہ هئي پر اصل ۾ جيري ان کي ڪٽي هلي رهيو هو.جيري چِبي ان وقت ڪنئي هئي جڏهن ٽام وڻ جي پنيان لِڪي ٻتونءَ ۾ پئسا ڳولهي رهيو هو.جيري ٽام کي سبق سيکارڻ لاءِ اهو سڀ ڪيو هو.

هاهاها"جيري جي ٺهڪَ جو آواز ٻڌي ٽام ڦِڪائپَ مان مُنهن " هيٺ ڪري ڇڏيو.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽام ۽ جيري

## "سياڻو جيري"

ڏينهن جو وقت هو.ٽام جي مالڪياڻي تيار ٿِي،گهرَ جي وڏي هالَ ۾ گدي تي ليٽل ٽام وٽ آئي.

ٻُڌ ٽام. مان پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر پئي وڃان. ٻن يا ٽن " ڪلاڪن ۾ موٽي ايندس.تون گهرَ جو خيال رکجان.جيڪڏهن تون سٺي نموني گهرَ کي سنڀاليو تہ مان تو کي رات جي کاڌي ۾ ڪڪڙ جون ٽانڊن تي تَريلَ ہ ٻوٽيون ڏيندس."مالڪياڻيءَ جي ڳالھ ٻُڌي ٽام جي واتَ ۾ پاڻي اچي ويو.ڪڪڙ جو گوشت کيس ڏاڍو وڻندو هو.هونءَ تہ کيس کائڻ لاءِ چيچڙا ۽ هڏا ئي ملندا هئا پرَ اڄ ڪڪڙ جون ٻوٽيون ملڻَ جو ٻڌي ٽام ڏاڍو خوش ٿيو هو.هنَ هڪدم هائوڪار ۾ منهن لوڏيو.

شاباس."مالڪياڻيءَ چيو ۽ ٻاهر هلي وئي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽام وري گدي تي ليٽي پيو ۽ رات جي ڪاڏي جو سوچي گدي تي ليٽڙيون پائڻ لڳو.

جيري بہ پنهنجي ٻرَ ۾ ويني اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو ۽ هن جون اکيون چمڪڻ لڳيون.

چو نہ اڄ،ٽام کي ڪجهہ تنگ ڪيان."جيري سوچيو ۽ پوءِ " پنهنجي ٻرَ مان ٻاهر نڪري آيو.

جيري کي ڏسي ٽام کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي.هُو ڇِتائي جيري کي ڏسڻ لڳو.

جيري ٽام کي بجليءَ جي بَٽڻ ۽ بلبن ڏانهن اشارا ڪرڻ لڳو.ٽام اُتي بيهي رهيو ۽ بيوقوفن جيان جيري ۽ بجليءَ جي بورڊ کي ڏسڻ لڳو.جيري ٻيهر پنهنجي اکين ۽ سموري هالَ ڏانهن اشارا ڪيا.

ٽام سمجهي ويو تہ جيري ڪيس چئي رهيو آهي تہ "هالَ جا سمورا بلبَ ٻاري ڇڏ تہ جيئن چڱي نموني هالَ تي نظرَ رکي سگهجي ۽ ڪا بہ خراب ڳالهہ ٿئي تہ تڪڙ ۾ خبرَ پئجي وڃي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالهه ٽام کي ڏاڍي وڻي.هنَ خوش ٿيندي هائوڪار ڪئي ۽ اڳتي وڌي بجليءَ جي بورڊ ۾ لڳل سڀ بٽڻَ کولي ڇڏيا.هالَ جا پنجَ ئي بلب ۽ ٻه پکا هلڻَ لڳا.ٽام ڪنهن فوجيءَ وانگر هلندي سموري هالَ ۾ رکيل هڪ هڪ شئي ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ مرڪندي جيري ڏانهن مُڙيو.

جيري هنَ کي ايندو ڏسي ڪيس ٽنهي ڪمرن ڏانهن به اشارا ڪيا.جيري جي ڳالهه سمجهي ٽام واري واري سان گهرَ جي ٽنهي ڪمرن ۾ ويو ۽ اتان جا بلب ۽ پکا به هلائي آيو ۽ ٽنهي ڪمرن جا درَ ۽ دريون به کولي ڇڏيا.

انَ کان پوءِ جيري رڌڻي ۾ هليو ويو.ٽام به سندس ڪڍَ رڌڻي ۾ پهتو.اتي به جيري جي اشارن تي هنَ نه رڳو ٽئي بلبَ پرَ ٻئي چُلها به ٻاري ڇڏيا.

جيري ڪيس "او ڪي" جو اشارو ڪيو ۽ هالَ جي درَ ڏانهن هليو.جيري جي اشارن تي ٽام،هالَ جو ٻاهر کلڻ وارو در ۽ ٽي دريون به کولي ڇڏيا.

هاڻي هُو ٻئي ٻاهر باغيچي ۾ هليا آيا.جتي وڻن ۽ ٻوٽن تي پکي،نوريئڙا ۽ پوپٽ رانديون ڪيڏي رهيا هئا.باغيچي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ گرمي هئي پرَ آسمان تي مٽيءَ رنگ جھڙا ڪڪرَ گڏُ ٿي رهيا هئا.

جيري وٽن ڏانهن ڏسي رهيو هو.

مِيائُون...ميائون..."ٽام آواز ڪڍيو. جڻ تہ جيري کان پڇندو " "هجي تہ "هاٿي چا ڪيان؟

جيري ڪيس پکين،نوريئڙن ۽ پوپٽن ۽ پوءِ پٽ ڏانهن اشارا ڪيا.

ٽام ڪجھ دير مٿو کَنهيو پوءِ سمجهي ويو تہ جيري ڪيس "پکين،نوريئڙن ۽ پوپٽن کي قابو ڪرڻ لاءِ چئي رهيو آهي تہ جيئن اهي ٻاهر نہ وڃن ۽ مالڪياڻي ناراض ٿئي".

ٽام هائوڪار ۾ منهن لوڏيو ۽ ڊوڙندو وڻَ ڏانهن وَڌي ويو.اتي پهچي هن ٽپ ڏنو ۽ وڻ تي چڙهڻ لڳو.مٿي پهچي هُو هڪ ڏارَ کان ٻئي ڏارَ تي ٽپَ ڏيندي،پکين ۽ نوريئڙن کي ڊُڪائڻ لڳو.پکي ۽ نوريئڙا دانهون ڪندا هيڏانهن هوڏانهن ڀَڄڻَ لڳا.
ٽام پاڻَ کي فوجي سمجهي کين سندن آکيرن ۾ ڌِڪيلڻَ لڳو.اهڙن هنَ پنجن ئي وڻن تي ڪيو.پوءِ وري ٽام گلن وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوٽن ڏانهن وڌيو ۽ انهن مَنجهه گُهتون هٽي پوپٽن کي هٽيڪو ڪرڻ شروع ڪيائين.ويچارا پوپٽ ٽام جي ڊپَ کان تڪڙا اڏڻَ لڳا.

انَ سڄي ڏمچر ۾ ٽام کي اها خبرَ ئي ڪا نہ پئي تہ هنَ جي انهن حرڪتن سان سمورن وڻن ۽ ٻوٽن مان ڪيترائي پنَ ڇڻي هيٺ ڇَبر تي اچي ڪريا آهن.انب جي وڻن مان تہ ٻُور بہ ڇَڻي ويو هو.

اهو سڀ ڪري ٽام سَهڪندو واپس جيري وٽ آيو.جيري تاڙيون وڄائي سندس ساراهہ ڪئي.

ٽام جي خوشي وڌي وئي تہ هو مالڪياڻيءَ جو رکيل ڪم سٺي نموني ڪري رهيو آهي.

جيري،ٽام کي ويهڻ نہ ڏنو ۽ ڪيس وري اندر هالَ ۾ ڪمرن جي چڪاسَ لاءِ موڪلي ڇڏيائين.ٽام جيري جي حڪمَ ايئن مڃڻ لڳو ڄڻ اهي حڪم سندس مالڪياڻي ڏيندي هجي.

ٽام اندران چڪاسَ ڪري موٽيو تہ جيري ڪيس ڇبرَ تي ويهڻَ جو اشارو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيري منهنجي مدد پيو ڪري. ڇو نہ مان ڪيس ڪجھ "

ڪارايان."ٿام اهو سوچي جيري ڪي چِہرَ تي ويهاريو ۽ پاڻَ

ڏُڪندو گهرَ ۾ اندر ويو ۽ ڪائڻَ پيئڻ جون الاهي ساريون شيون

ڪڍي آيو.جِن ۾ جوسَ، کير،چپس ۽ چاڪليٽ شامل هئا.اهي

سڀ شيون ٿام جي مالڪياڻيءَ پنهنجي ڪائڻَ لاءِ ورتيون

هيون.سموريون شيون ڏسي جيري ڏاڍو خوش ٿيو.ڪجھ ئي

دير ۾ هو ٻئي ڄڻا سڀ ڪجھ ڪائي ويا.

انهيءَ مهل ئي سمورو آسمان ڪڪرن سان ڍَڪجي ويو ۽ تَڏي

طُوفاني هَوا هلڻ شروع ٿي وئي.طوفانَ سان گڏ مِتي بہ هئي.

جيري اهو ڏسي مِتي ڇت ڏانهن هليو ويو جڏهن تہ ٿام اتي ئي

چِہرَ تي ليٽي پيو.طوفان جلد ئي تيز ٿي ويو ۽ گڏ ئي وڏ ڦُڙو

مِينهُن وسڻَ لڳو.ٿام ڊوڙندو وڃي هڪ وڻَ جي هيٺان بيهي

رهيو. مينهن ڏاڍو تيز هو.

ٿام مِينهن کان ڏاڍو ڊڄندو هو.هُو دعا گهري رهيو هو تہ مِينهن

جلد بند ٿي وڃي.نيٺ اَڌُ ڪلاڪَ کان پوءِ مينهن بند ٿيو تہ ٿام

کي ڪجھ سُڪون مليو.پکين جا آواز بہ بند ٿي ويا هئا.ٿام

ڏاڍو خوش هو تہ هن چڱي نموني گهرَ جو خيال رکيو هو.هُو

اجان اندر وجڻ جو سوچي ئي رهيو هو جو گهر جي وڏي درَ (گيٽ) کي چابي لڳڻ جو آواز آيو ۽ مالڪياڻي اندر آئي.

ٽام خوشيءَ مان ٽپَ ڏيندو اڳتي وڌيو.

مالڪياڻيءَ جي هٿَ ۾ سامان سان ڀريل ڪَلي ڏسي ٽام جي ڳِڱَ ڳِڙڻَ لڳي.

انَ ۾ ضرور ڪڪڙ جو گوشت هوندو."ٽام سوچيو ۽ ڏنڌَ " ٽيڙيندي مالڪياڻيءَ جي پٺيان هلڻَ لڳو.

هي ڇا؟بيڪار ٻِلا تو هي ڇا ڪري ڇڏيو آهي؟" هالَ جو درُ " ٽپندي ئي مالڪياڻيءَ کان دانهن نڪري وئي.

ٽام کي سمجهه ۾ نہ آيو تہ اهڙو ڇا ٿي ويو جو مالڪياڻي رڙيون پئي ڪري.هنَ تہ ڏاڍي سني نموني گهر جو خيال رکيو آهي.

ٽام جُهڪيو ۽ مالڪياڻيءَ جي جنگهن جي وِٿيءَ مان اندر هالَ ۾ جهاتي پاتائين.

مِي آآآ اُوووون..."ٽام کان بہ دانهن نڪري وئي."

وٽن جا سپ پنَ،جوسَ،ڪيرَ،چپس جا خالي ڏبا ۽ ڪَليون ڦُوفاني هوا جي ڪري هالَ ۽ ڪمرن جي ڪليل درن ۽ درين مان اندر اچي ويا هئا. ان ڪان سواءِ وڏ ڦڙي مينهن جي ڪري سڄي گهرَ ۾ پاڻي بيهي رهيو هو.

مٿان وري بلبَ،پکا ۽ چُلها ڪليل ڏسي مالڪياڻيءَ جي ڪاوڙ وڌي وئي.

تو هي خيال رکيو آهي گهر جو بيڪار ٻلا. سڄو گهر گندو " ٿي ويو آهي.بلب،پکا ۽ چلها هلن پيا.بجلي گئس جو بل ڪير ڀريندو."مالڪياڻيءَ ٻهارو کڻي ٽام کي هٽندي چيو.

ٽام دانهون ڪندو هيڏانهن هوڏانهن ڀَڄڻ لڳو.

سندس دانهُون ٻڌي ٻِرَ ۾ پنهنجي هنڌَ تي ليٽيل جيري هڪ دڳهي اوٻاسي ڏني ۽ پاسو ورائي سُمهي پيو.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽام ۽ جيري

# "مِٺو پُٽُ"

ٽام صبح جو گهر ٻاهران چڪر ڏئي رهيو هو.ان ڏينهن منڌَ ڏاڍي وٽندڙ هئي ۽ ٽام کي گهمندي مزو اچي رهيو هو.گهڻي دير کان پوءِ جڏهن هنَ کي بکَ لڳڻ لڳي تہ ٽام گهرَ ڏانهن واپس هلڻ لڳو.هو اجان گهر کان ڪجهہ پري ئي هو جو هن جي نظرَ ڏهن ورهين جي هڪ ڇوڪري تي پئي.ڇوڪرو اوپرو هو.هن جي ڪلهي تي هڪ ٿيلهو لڙڪي رهيو هو ۽ سندس هٿن ۾ پنجاهہ رپئي واري آئيس ڪريم هئي.جنهن تي لڳل ملائيءَ کي هو مزي مزي سان چَٽي رهيو هو.آئيس ڪريم ڏسي ٽام جي بکَ وڌي وئي.هنَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو.گهڻيءَ ۾ ان مهل ٻيو ڪو بہ نہ هو.ٽام ٻنا ڪو آواز ڪرڻ جي ڇوڪري وٽ پهتو ۽ سٽَ ڏئي ڪانئس آئيس ڪريم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَسي گهر ڏانهن پڳو.ڇوڪري دانهن ڪئي ۽ ٿام جي ڪڍَ

ڊڪڻَ لڳو.ڪيس پنهنجي پنيان ايندو ڏسي ٿام،اجان وڌيڪ تيز

ڊڪندو پنهنجي گهر پهتو ۽ انبَ جي وڻَ پنيان لِڪي

ويو.ڪجهه دير تہ هو سَهڪندو رهيو پوءِ پنجن منٽن ۾ پنجاهہ

رپئي واري آئيس ڪريم ڪائي ويو.آئيس ڪريم ڪائي هن وڏي

آواز سان هڪ اوڳرائي ڏني ۽ چپَ چَٽيندو ڇپرَ تي ويهي

رهيو.اندران رڌٽي مان وٽندڙ ڪاڏي جي سڳنڌ (خوشبو) اچي

رهي هئي.اها سڳنڌ سِنگهي ٿام ڏاڍو خوش ٿيو.

واهہ واهہ...منٺي آئيس ڪريم کان پوءِ سواد ڀريو ڪاڏو ڪائي "

مان ڏاڍي ننڊَ ڪندس."ٿام سوچيو ۽ پوءِ اُتي گهر جي هالَ

ڏانهن وڌڻَ لڳو تہ جيئن مالڪياڻيءَ کان ڪاڌو وٺي سگهي.

ٽِين...ٽِين...ٽِين..."ڇَتونءَ (طوطي) جو آواز ٻُڌي ٿام ٻاهرين "

پٽِ ڏانهن نهاري. اهو ڏسي سندس ڳِگَ ڳڙڻَ لڳي تہ پٽِ تي

هڪ وڏو ۽ چڱو ٿُلهو،سائي رنگَ جو ڇَتون وينو هو.جنهن

جون اکيون هيري جيان چَمڪي رهيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اهو ڪائڻ لاءِ ملي تہ ٻيو ڇا ڪپي؟"ٿام پنهنجو پاڻ سان " ڳالهايو ۽ ڪا اهڙي ترڪيب سوچڻ لڳو جنهن سان اڻ ڇَتونءَ کي پڪڙي ڪائي سگهي.

ڇَتونءَ هڪ ڀيرو وري "ٽِين...ٽِين..."جو آواز ڪيندو،ٽپُ ڏئي ڇبرَ تي لَهي آيو ۽ ڇبرَ مان داڻو چُڳڻ (ڪائڻ) لڳو.

اهو ڏسي ٿام تڪڙ ۾ ڀِتِ سان لڳي بيهي رهيو تہ جيئن سائو ڇَتون ڪيس ڏسي نہ سگهي ۽ وارو ملڻ تي هُو ڪيس جَهتي (پڪڙي) ڪائي وجي.

اهو سڀ وڻ جي ڏارَ تي وينل جيري بہ ڏسي رهيو هو.جيري اُتي پنهنجي دوست نيمني سان ڪچهري ڪرڻ آيو هو.نيمنو،وڻ تي رهندڙ نوريئڙن جو سردار هو.

سائي ڇَتونءَ کي هيٺ لهندو ۽ ٿام کي لڪندو ڏسي جيري ۽ نيمنو سمجهي ويا تہ اڄ ڇَتونءَ جو خير ناهي.

ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي پنهنجا ڪنڌ لوڏيا ۽ ڇَتونءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

هوڏانهن پٽِ جي اوٽَ وٽي بينل ٿام ڪجهه اڳتي سُريو ۽ چَتونءَ ڏانهن نهاريائين.چتون بہ انَ مهلَ ٿام ڏانهن پئي ڏٺو.

هئہ...هئہ..."ٿام اجايو ٿهڪ ڏنو ۽ سيٽي وڄائڻ لڳو.جڻ تہ " چَتونءَ ڏانهن سندس ڌيانُ ئي نہ هجي.

چتون ڪجهہ تپَ ڏنا ۽ ٿام جي پرسان پهچي ڪيس چتائي ڏسڻ لڳو.

ٿام جا ڏندَ نڪري آيا.ڪيس پَتِ ئي نہ پئي ٿي تہ ڪو سندس شڪار ايڏو ويجهو اچي ويندو.

اڄ تہ ڏاڍو ڊؤ ڪندس."ٿام خوش ٿيندي سوچيو."

انهيءَ مهل ئي چتون اُڏيو ۽ ٿام جي مَٿي تي اچي ويهي رهيو.

ٿام جي تہ عيدَ ٿي وئي.هن پنهنجي اکين جا تارا مٿي ڪيا ۽ ڏندَ ٿيڙي چَتونءَ ڏانهن نهارڻ لڳو. چتون بہ ٿام جي مٿي تي ويٺي،مٿو جهڪائي ٿام کي ڏسي رهيو هو.

اهو ڏسي جيري ۽ نيمني ڪان دانهون نڪري ويون. ڪين پڪَ ٿي وئي تہ سندن پهچڻ کان اڳُ ئي ٿام ، سائي چَتونءَ کي کائي ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ٻئي تڪڙ ۾ وڻ تان لٿا ۽ ٽام ڏانهن ڊُڪڻ لڳا.

ٽام جي نظرَ اڃان ٽائين جيري ۽ نيمني تي ڪو نہ پئي هئي.هنَ پنهنجون ٻئي اڳيون ٽنگون مٿي ڪيون ۽ سائي چَتونءَ کي جهٽڻ لاءِ پنهنجا چنبا اڳتي وڌايا.

ٽِين...ٽِين..."چَتونءَ ٻوليو ۽ ٻي گهڙي هُو ٽام جي مٿي کان " ڪجهہ مٿيرو اڏامڻ لڳو ۽ ان کان اڳِ جو ٽام کيس پڪڙي ڪائي ها. چَتونءَ پنهنجي ٻنهي پيرن جا نَنهَن ٽام جي ٻنهي ڪُلهن ۾ کُپايا ۽ ٽام سوڌو مٿي اڏامي ويو.ٽام سان گڏ جيري ۽ نيمني کان بہ دانهون نڪري ويون.سائو چَتون ٽام کي ڪٽي ڏاڍو اوچو اڏامڻ لڳو.ڪجهہ مٿي وڃي چَتونءَ ٽام کي ڇڏي ڏنو.

مِي آآآ اُووون..."ٽام دٻ مان دانهَن ڪئي ۽ هيٺ اچي ڪريو. " هن کي ناهوڪو ڌڪ لڳو ۽ هو اُتي ئي پئي رهيو.

چَتون هڪ ڀيرو ٻيهر هيٺ آيو ۽ هن پنهنجي نَنهَن سان ٽام کي ڪنڌَ مان پڪڙيو ۽ مٿي اڏامي ويو.هن ڀيري چَتونءَ ٽام کي زور سان پٽِ سان هَٽي ڪڍيو.ٽام سور وچان رڙيون ڪيون ۽ چار ئي ٽَنگون هوا ۾ لوڏيندو وري هيٺ اچي ڪريو.ٽام کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانهَن بہ نہ نڪتي.هن جي چِپَ،واڇَ مان لڙڪڙ لڳي ۽ اکيون ٻاهر نڪري آيس.ڄتونءَ اتي ئي بس نہ ڪئي.هُو "ٽِين...ٽِين" ڪندو وري ٽام ڏانهن آيو ۽ ڪيس پُڇَ مان سوگهو ڪري مٿي آسمانَ ڏانهن اڏامڻ لڳو.

اهو ڏسي جيري ۽ نيمنو وڻَ تي چڙهي ويا ۽ ڏارن تي هلندا چت جي پِٽِ تي بيهي مٿي ٽام ۽ ڄتونءَ ڏانهن ڏسڻ لڳا.

ٽام هنَ اوچتي مصيبت جي ڪري هاٽي روئڻُ شروع ڪري ڏنو هو.هو پنهنجا ڄنبا جوڙي ڄتونءَ کام معافي گهري رهيو هو ۽ ڪيس هيٺ لاهڻ لاءِ اشارا ڪرڻ لڳو پر ڄتون اجان مٿانهين ڏانهن اڏامي رهيو هو.

ٽام جي سِنگهہ وهڻ لڳي ۽ ڪيس پڪَ ٿِي وئي تہ اج سندس خير ناهي.

جيري ۽ نيمنو وات ڦاڙي اهو سڀ ڏسي رهيا هئا.

اوچتو نيمني جي نظرَ هيٺ گهٽيءَ ۾ بينل هڪ ٻارَ تي پئي.جنهن جي ڪُلهي تي ٽيلهو لڙڪي رهيو هو.هو ڪنهن

مهلَ ٽام ۽ ڇَتونءَ ڏانهن نهاري رهيو هو تہ ڪنهن مهل
پنهنجي هٿ ۾ جهليل هڪ اوزار سان حرڪت ڪري رهيو هو.

نيمني،جيريءَ کي بہ اهو ڇوڪرو ڏيکاريو.

ڇوڪري کي ڏسي جيري نيمني کي پنهنجي ڪَڍَ اچڻ جو اشارو
ڪيو ۽ ٻئي ڄڻا ڏُڪندا ٻاهرين پٽِ تي اچي ٻيهي رهيا.

گهٽيءَ ۾ بيٺل ڇوڪرو اهو ساڳيو ئي ڇوڪرو هو جنهن کان
ٽام آئيس ڪريم کسي ڪائي ويو هو.

جيري سيٽي وڄائي تہ ڇوڪرو هنن ٻنهي ڏانهن ڏسڻ لڳو.

جيري اشارا ڪيا تہ ڇوڪرو مرڪڻ لڳو.

هنَ ٻلَي مون کان آئيس ڪريم کسِي هئي. تنهن ڪري ڪيس "
سزا ڏني اٿم."ڇوڪري جي ڳالهہ ٻُڌي جيري ۽ نيمني اچرج
(حيرتَ) مان هڪبئي ڏانهن نهاريو.

ڇوڪرو وري پنهنجي اوزار سان حرڪت ڪرڻ لڳو.ڪجهہ ئي
دير ۾ سائو ڇَتون موٽي اچي ڇوڪري جي ڪُلهي تي ويهي
رهيو.ٽام ساڻس گڏ ڪو نہ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاباس مِنو پُٽَ. تون پنهنجو ڪم ڏاڍي سٺي نموني ڪيو " آهي."ڇوڪري چيو.

ٽِين...ٽِين...ٽِين..."ڇَتونءَ ٻوليو."

ڇوڪري وري ساڳئي اوزار ۾ لڳل ڪجهه بَٽڻَ دَٻايا. سائي ڇَتونءَ جون هيري جيان چمڪندڙ اکيون ڪاريون ٿي ويون ۽ پوءِ ڇوڪري انَ اوزارَ سان گڏ ڪلهي تي ويٺل ڇَتون بہ ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيو.

جيري ۽ نيمني جي حيرت وڌي وئي.هنن کي لڳو پئي تہ ڇَتون ٿيلهي ۾ ساهُ ٻُوساٽجڻَ جي ڪري مري ويندو.

هنن جي حيرت ڏسي ڇوڪري چيو..."هي ريموٽ ڪنٽرول تي هلندڙ رانديڪو ڇَتون آهي.سچو پچو ڇتون ناهي.هي نہ رڳو اڏامڻدو آهي پرَ پنهنجي اکين ۾ لڳل ڪيميرا وسيلي تصويرون بہ اسڪرين تي ڏيکاريندو آهي".

جيري "ميائون...ميائون"جو آواز ڪڍي ڇوڪري کان ٿام بابت پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرو جيري جي ڳالهہ سمجهي ويو.هن ٽيلهي مان هڪ دوربين ڪڍي جيري کي ڏني.

سامهون ئي موبائل ٽاور ڏانهن ڏسو."ڇوڪري ٺهڪ ڏيندي " چيو.

جيري تڪڙ ۾ دوربين ورتي ۽ موبائل ٽاور ڏانهن ڏٺو.اهو ڏسي هن کان رڙ نڪري وئي تہ ٽاور جي مٿئين حصي جي لوهِي ٿلهين راڊُن سان ٽام ڇُنبڙيل هو.ٽام ڏکي رهيو هو ۽ هنَ جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا.

مِنو پُٺَ کيس موبائل ٽاور تي ڪٽي ڦِٽو ڪيو هو.

جيري کان پوءِ نيمني بہ دوربين وسيلي ٽام کي ڏٺو ۽ پوءِ هڪٻئي ڏانهن نهاري ٺهڪَ ڏئي کلڻَ لڳا.

$$$$$$$$$$$$$$

# پَلُوٽو...

## "پِتڪڙا ماڻهو"

پلوٽو،جهنگ ۾ گهمي رهيو هو.اهو جهنگ هن جي شهر کان ويجهو هو.جهنگ هن جي شهر کان ٻه وڏو ۽ گهاٽو هو.هتي هر قسم جا وڻ ۽ ٻوٽا هئا. پلوٽو هتي ڪانئين جي ڳولا ۾ آيو هو ته جيئن سندس مالڪ،هن لاءِ نئون ڊاگ هائوس (ڪتي جي رهڻ وارو گهر) ٺاهي سگهي.پلوٽو جو پراڻو ڊاگ هائوس جَڏو ٿي ويو هو سو مالڪ هن کي نئون ٺاهي پئي ڏنو.

رڳو ڪِريلَ ڪانيون ڪٺجان ۽ جهنگ ۾ گهڻو پري نه " وڃجانءِ."مالڪ هن کي چيو هو.

پلوٽو پاڻ ٻه هڪ هوشيار ڪتو هو.ڪيس چڱي نموني ڄاڻَ هئي ته وڻَ ڏاڍا قيمتي هوندا آهن ۽ انهن کي وڍِبو ناهي پرَ انهن جو خيال رکبو آهي. ٻيو ته جهنگ ۾ شينهَن،چيتس،رڇَ ۽ بگهڙَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا آهن. ان ڪري جهنگ ۾ پري تائين نه وڃڻ ڪپي.سو

پلوٽو ڏاڍي خيال سان وٽن مان ڪريل ڪاٺيون گڏ ڪرڻ

لڳو.ڪنهن ڪنهن مهلَ پري ڪان ڪنهن شينهن يا بگھڙ جو

آواز آيو پئي.نه ته رڳو پکين جي ٻولين جا ٻولَ پئي ٻڌڻ ۾

آيا.پلوٽو ڏاڍي مزي سان پنهنجي ڪم ۾ لڳو پيو هو.هن ڳولي

ڳولي اهڙيون سُڪلَ ڪاٺيون پئي ڪنيون جيڪي ڳريل نه

هجن.ته جيئن سندس گهر مضبوط نهي سگهي.هن جي مالڪ

هن جي پُٺيءَ تي ٿُلهو رسو ٻڌي ڇڏيو هو.پلوٽو ڪاٺيون ان ۾

ڦاسائيندو پئي ويو.جلد ئي پلوٽو کي محسوس ٿيو ته هن گَھڻُ

(گهٽيون) ڪاٺيون گڏ ڪري ڇڏيون آهن.ڇو جو سندس پُٺيءَ

تي هاٿي وزن گهٽو ٿي ويو هو.

هاٿي ڪجهه ٻيرَ ڪاوان پوءِ گهر ڏانهن وڃان." پلوٽو سوچيو "

۽ ٻير جو وڻ ڳولهڻ لڳو.

ڪجهه ئي اڳتي ٻير جو وڻ هو.جنهن ۾ ڳاڙها پڪل ٻير لڙڪي

رهيا هئا.

پلوٽو ان ٻير ڏانهن وڌي ويو.ڪيس پڪ هئي ته اتي ڪيس ڪائڻ

لاءِ ڪريل ٻير ملي ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جيئن ئي ٻير جي وڻ هينان پهتو تہ سندس مٿان هڪ ڄار

اڇي ڪريو.پلوٽو ڪان ڇرڪ ڇڏائجي ويو ۽ هن ڏپ مان رڙيون

ڪندي پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي.پر جيتري ڪوشش

پئي ڪيائين اوترو ڄار ۾ ڦاسندو پئي ويو.صفا ايئن ئي جيئن

تانِيئڙي جي ڄارَ ۾ ڦاٿل مَکِ،ڦٿڪڻ تي ويتر ڄار ۾ وچڙندي

ويندي آهي.

وَؤؤ..."پلوٽو،لاچاريءَ مان دانهن ڪئي. ڪيس سمجهہ ۾ نہ "

پئي آيو تہ ساڻس ڇا پيو ٿئي؟

انهيءَ مهلَ ئي ٻير جي وڻ جي ٿڙ پنيان الاهي سارا ماڻهو

نڪري آيا.انهن ماڻهن جي هٿن ۾ لوهہ جا ڀالا هئا.هو سڀ

پلوٽو جي چوڌاري بيهي رهيا ۽ ڏانهنس چتائي نهارڻ لڳا.

هاها..."پلوٽو ٺهڪ ڏئي کلي پيو."

پلوٽو ان ڪري کلي رهيو هو جو اهي سڀ ماڻهو ٻندرا هئا.ذري

گهٽ ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي چيچِ (آڱر) جيترا.اهي پتڪڙا

ماڻهو،پلوٽو پهريون ڀيرو ڏٺا هئا سو هو کلي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلوٽو ڪي ڪلندو ڏسي هڪ پتڪڙو ماڻهو، اڳتي وڌي آيو. هن جي منهن تي ڪاوڙ هئي. پڪَ سان هن ڪي پلوٽو جو ڪلڻ نہ وڻيو هو.

ڄار ۾ ڪاٺي وجهي ڪٺو هن جانورَ ڪي. "هن ڪاوڙ وچان چيو."

هن جو سَنهو ۽ ڪنهن ننڍڙي ٻار جهڙو آواز ٻڌي پلوٽو ڪان وري ٺهڪ نڪري ويو.

اهو ڏسي ڪيترائي پتڪڙا ماڻهو اڳتي وڌيا ۽ ڄار مان ڪاٺي ٽَپائي انهن پلوٽو ڪي ڄارَ سوڌو ڪٺي ورتو.

اهو ڏسي پهريون ماڻهو هڪ پاسي هلڻ لڳو ۽ ٻيا سڀ پتڪڙا ماڻهو ان جي ڪڍ روانا ٿي ويا.

پلوٽو ڪلڻ بند ڪري اچرج (حيرت) مان اهو سڀ ڏسڻ لڳو.

پلوٽو ڪي ڪٺي جلد ئي اهي پتڪڙا ماڻهو هڪ اهڙي هنڌ پهتا جتي ڪبوترن جي ڪُڏين جهڙا ڪيترائي گهر ٺهيل هئا. وچ ۾ هڪ ويڪرو ميدان هو جتي هڪ وڏي ديگ ڪاٺين جي ڍير تي رکيل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي ٻيا ٻہ ڪيترائي پتڪڙا ماڻهو هئا.جن ۾ عورتون ۽ ننڍڙا ٻار شامل هئا.

پتڪڙن ماڻهن ديڱ جي پرسان پلوتو کي لاٿو ۽ پوءِ پنهنجا ڀالا اُڀا ڪري پلوتو جي چؤڦير بيهي رهيا.

پلوتو کي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ پئي آيو تہ هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟پتڪڙا ماڻهو ڪيس ايئن ڇو ڪٽي آيا آهن؟

هو بس سيني ڏانهن نهاريندو رهيو.

ڪجهہ دير کان پوءِ سڀ پتڪڙا ماڻهو فوجين جيان خبردار ٿي بيهي رهيا.هنن پنهنجا ڀالا بہ هيٺ ڪري ڇڏيا.

درَ کُلڻَ جو آواز ٿيو.پلوتو ڪَنڌ ورائي ڏٺو تہ ڪيس ڪُڏيءَ جهڙي هڪ گهر مان هڪ ڦڪي رنگ جا ڪپڙا پاتل پتڪڙو ماڻهو نڪرندي نظر آيو.ان گهر مٿان بہ ڦڪي رنگ جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو.اُنَ پتڪڙي ماڻهوءَ کي پاتل ٽوپي بہ ڦڪي رنگ جي هئي.ان ٽوپيءَ ۾ مور جو کنڀ لڳل هو.

اهو پتڪڙو ماڻهو پڪَ سان بادشاهہ هو.

بادشاهہ هلندو اچي پلوتو جي پرسان بيهي رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪهڙو جانور آهي؟"هن پرسان بيٺل هڪ پتڪڙي کان " پڇيو.

شايد اهو ئي آهي بادشاهه سلامت. جنهن کي پڇائي کائڻ سان " اسان جا قدَ به وڏا ٿي ويندا." ان ماڻهوءَ هلڪي آواز ۾ چيو ته جيئن پلوٽو نه ٻڌي سگهي.

اهو ٻڌي بادشاهه جون اکيون چمڪڻ لڳيون. بادشاهه جي ڏاڍي خواهش هئي ته هنن جا قد وڌي وڏا ٿي وڃن ۽ هو سڀ به ڪنهن شهر ۾ وڃي ٻين انسانن سان گڏ رهن.

نيڪ آهي. پلي پَڇايوس.متان فائدو ٿئي.هونءَ ته ڪيترا " جانور کاڌا آهن پر اسان جا قد وڌن ئي نه ٿا."بادشاهه چيو.

نيڪ آهي بادشاهه سلامت."اجازت ملندي ئي ان ماڻهوءَ،ٻين " پتڪڙن کي اشارو ڪيو.

هڪدم پلوٽو کي چار مان ڪديوڏي ديگ ۾ وِڌو ويو.ديگَ ۾ پاڻي پريل هو.پلوٽو اڌ ديگ ۾ هو ۽ اڌ ٻاهر.

اهو ڏسي بادشاهه حڪم ڪيو ته هن کي اونڌو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڪڙن ماڻهن تڪڙ ۾ پلوٽو کي اونڌو ڪري ديگ ۾ وجهي چڙهيو.هاڻي پلوٽو جي منڍي ديگ ۾ هئي ۽ پويون ٽنگون ديگ کان ٻاهر.

بادشاهه وري ڪيس ديگ مان ڪڍڻ جو اشارو ڪيو.

" هي سڄو ديڳ ۾ وجي نہ تہ جادوءَ جا مصالحا اثر نہ ڪندا ۽ اسان جا قد وڏا نہ ٿيندا."بادشاهه جي ڳالهه ٻڌي پلوٽو کان وري ٺهڪ نڪري ويو.

سڀ هن ڏانهن ڏسڻ لڳا.

پلوٽو کين اشارو ڪيو ۽ هڪ وڏي ڪاني کڻي ديگ ۾ وجهي ڇڏي.ڪاني اڌ ديگ ۾ ۽ اڌ ٻاهر هئي.

سڀ کو چتائي پلوٽو کي ڏسي رهيو هو.پلوٽو ڪاني ديڳ مان ڪڍي وري اونڌي ڪري ديڳ ۾ وجهي ڇڏي.هيئنر بہ ڪاني پهرين وانگر اڌ ديگ ۾ ۽ اڌ ٻاهر هئي.پلوٽو ٻيهر ٺهڪ ڏنو ۽ ڪاني ڪڍي ان جا چار ٽڪرَ ڪري ديگ ۾ وجهي ڇڏي.هن ڀيري سڄي ڪاني ديگ ۾ گم ٿي وئي.پلوٽو پتڪڙي بادشاهه ڏانهن نهارڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" تون تہ ڏاڍو ڏاهو جانور آهين. واهہ واهہ."بادشاهہ تاڙيون وڄائيندي چيو.ٻيا پتڪڙا ماڻهو بہ پلوٽو جي عقلَ جي ساراهہ (تعريف) ڪرڻ لڳا.پلوٽو ڏند ڪڍي هنن کي ڏسڻ لڳو.

" ٺيڪ آهي. هن جانور کي بہ چار ٽڪرَ ڪري ديگ ۾ وجهي چڙهيو تہ جيئن چڱي نموني رڌجي وڃي ۽ اسان کائون تہ اسان جا قد بہ وڏي وڃن."بادشاهہ جو حڪم ٻڌي پلوٽو کان دانهن نڪري وئي.ڪيس هاڻي سمجهہ ۾ آيو تہ پِتڪڙا ماڻهو ڪيس ڇو پڪڙي آيا آهن.هن کي افسوس ٿيڻ لڳو تہ هن ڇو ڪانيءَ کي چار ٽڪرا ڪرڻ واري ترڪيب پتڪڙن کي ٻڌائي.هُو روئڻ جهڙو ٿي ويو.

" مون کي همٿ ڪرڻي پوندي. نہ تہ هي پتڪڙا ماڻهو مون کي کائي ويندا."پلوٽو روئيندي روئيندي سوچيو.

پتڪڙي بادشاهہ سوڌو سڀ پتڪڙا ماڻهو پالا اُيا ڪري هن جا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي ويا هئا.اهو ڏسي پلوٽو کي هڪ ٻي ترڪيب ذهنَ ۾ اچي وئي. هن اُبتي قلابازي ڏني ۽ ديگ تي چڙهي بيهي رهيو.  هن کي ديگ تي چڙهندو ڏسي سڀ پتڪڙا ماڻهو رڙيون ڪندا هن ڏانهن ڀڳا.انهن کي پاڻ ڏانهن ايندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي پلوٽو تڪڙ ۾ ديڳ تان لهي آيو ۽ زورَ ڏئي ديڳ کي اُونڌو ڪري ڇڏيائين.ديڳ ۾ پاڻي پريل هو.سو ديگ جي اونڌو ٿيندي ئي پاڻي سيلاب جيان وهڻ لڳو.پتڪڙن ماڻهن بچڻَ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويا ۽ پنهنجي بادشاهه سوڌو پاڻيءَ ۾ لڙهي ويا.

اَؤوووو..."پلوٽو پنهنجي جان بچڻ تي خوشيءَ مان رڙ " ڪئي.

يهههههه...يهههههه..."پرسان ئي ڪنهن شينهن جي رڙ ٻڌڻَ ۾ " آئي. شينهن پڪَ سان پلوٽو جي رڙ ٻُڌي ورتي هئي.

اهو ٻڌي پلوٽو هڪ وڏو ٽپ ڏنو ۽ ان ڪان اڳ جو وري مصيبت ۾ پئجي وجي ها.هُو جهنگ کان ٻاهر ويندڙ دڳ تي ڊڪندو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽام ۽ جيري

## "بهادر جيري"

اڄ ٽام جا ارادا نيڪ نہ هئا.

هُو پاڙي واري گهرَ جي پِٽ تي بيٺل هو.هن جو پُڇُ ۽ ٻئي ڪنَ اُڀا هئا.هُو هرَ هرَ پنهنجن چپن تي زبان ڦيرائي رهيو هو.

پاڙي جي انَ گهرَ ۾ اسپائيڪ نالي ڪتو رهندو هو.

جيڪو ڏاڍو پوائنتو ڪتو هو.سندس پؤنڪڻ جو آواز ٻڌي ٽام جو ساهُ سُڪي ويندو هو.اسپائيڪ جيري جو دوست هو پرَ ٽام تي ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ هوندي هئي.ڇو جو ٽام جيري کي ڏاڍو تنگ ڪندو هو.ان ڪري اسپائيڪ کي جڏهن بہ ٽام هٿ ايندو هو تہ پوءِ ٽام جون دانهون سڄو شهر ٻڌندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٽام جڏهن پنهنجي گهر جي ڇِت تي چڪر ڏيڻ ويو تہ سندس نهارَ (نظرَ) سامهون واري گهرَ ۾ ستل اسپائيڪ تي پئي هئي.اسپائيڪ پنهنجي ڊاگ هائوس (ڪتي جي رهڻ وارو ڪاٺ جو ننڍو گهر) ۾ ستل هو ۽ سندس آڏو پليٽ ۾ ڪڪڙ جي ٽنگَ رکيل هئي.اها ٽنگَ ڏسي ٽام جي ڪِڱَ ڳڙڻَ لڳي ۽ هن اها چورائڻ جو فيصلو ڪيو.توڙي جو ڪيس ڄاڻَ هئي تہ ڪنهن ٻُئي جي ڪا شئي ڪٽڻ خراب ڳالهہ آهي پر پوءِ بہ هو نہ مڙيو ۽ هاڻي اسپائيڪ جي گهر جي پٺ تي بيٺو هو.

اسپائيڪ جا گُونگهرا ٻُڌي ٽام کي پڪَ ٿي وئي تہ اسپائيڪ گهري ننڊَ ۾ آهي.اها پڪ ٿيندي ئي ٽام هوريان هوريان هيٺ لٿو ۽ بنا ڪو آواز ڪرڻ جي اسپائيڪ جي پرسان پهچي ويو.سامهون ئي ڪڪڙِ جي ٽنگَ،پليٽ ۾ پئي هئي.ٽام وري پنهنجن چپن تي زبان ڦيرائي ۽ پنهنجو پيٽ صفا فرش سان لڳائي پليٽ ڏانهن رِڙهڻَ لڳو.

گهر جي اڱڻ ۾ ان مهلَ ٻيو ڪو بہ نہ هو.گهر جا مالڪ اندر ڪمرن ۾ هئا.

اسپائيڪ کي ڪڏهن بہ خبر نہ پوندي تہ سندس ٻُوٽي مون " ڪنئي آهي."ٽام دل ئي دل ۾ خوش ٿيندي سوچيو.

ٽام پليٽ جي پرسان پهچي پهرين ڪڪڙ جي ٽنگ کي سِنگهيو ۽ پوءِ پنهنجو وات ڦاڙي ٽنگَ کي کڻڻ لاءِ اڳتي ٿيو.

انهيءَ مهلَ ئي تيز سيٽيءَ جي آواز ٽام کي ڇرڪائي وڌو.هنَ تڪڙ ۾ منهن مٿي ڪري ڏٺو تہ سندس نهارَ ڊاگ هائوس جي ٽِڪُندي نموني نهيل ڇت تي پئي.ڇت تي جيري وينل هو ۽ ڪاوڙ ۾ ٽام ڏانهن نهاري رهيو هو.

ٽام ڳِٽتيءَ مان اسپائيڪ ڏانهن ڏٺو پر تيز سيٽيءَ جو آواز بہ اسپائيڪ کي جاڳائي نہ سگهيو هو.هو ستل ئي رهيو.اهو ڏسي ٽام جيري کي ڊيجارڻ لاءِ ڪيس پنهنجا پوائنٽا ڏندَ ڏيکاريا.پرَ جيري ڊِڄڻَ بدران ٽڪندي ڇت تي بيهي رهيو ۽ مَٿو لوڏي ٽام کي ٽنگَ کڻڻ کان جهلڻَ لڳو.ڪيس اشارو ڪندو ڏسي ٽام پنهنجو ڇنبو مٿي ڪيو ۽ ڊگها ڇُهنبدار نَنهن ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيري سمجهي ويو تہ ٽام غلط ڪم ڪرڻ ڪان ڪو نہ مڙندو.سو هو چت تان ٽپُ ڏئي هيٺ لهي آيو ۽ ڪڪڙ جي ٽنگ واري پليٽ وٽ بيهي رهيو.

جيريءَ جي بهادري ڏسي ٽام اچرجَ (حيرت) ۾ ونجي ويو.هن کي جيري مان اهڙي ڳالهه جي اميد نہ هئي.

ٽام وات کوليو ۽ جيري کي ڏڪُ هڻڻَ لاءِ پنهنجو چَنبو مٿي ڪيو.ان کان اڳ جو هو جيري کي چنبو هڻي ها جيري ڪڪڙ جي ٽنگ کڻي هن جي ڏندن ۾ ڦاسائِي ڇڏي ۽ خالي پليٽ اسپائيڪ کي وهائي ڪڍي.

يَئُووووووو...."اسپائيڪ وڏي دانهن ڪئي ۽ ڇرڪ ڀري اُٿي " بيهي رهيو.

ڪيس اٺندو ڏسي ٽام جون چنگهون ڏڪڻَ لڳيون. جيريءَ جي چالاڪيءَ هن کي ڦاسائي وڌو هو.

اسپائيڪ پنهنجو ڪاڏو ٽام جي وات ۾ ڏسي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو.هن کي هونءَ ئي ٽام ڪو نہ وڻندو هو.هاڻي جو ڪيس پنهنجو ڪاڏو ڪائيندي ڏٺائين تہ سندس حالت خراب ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يَئو...يَئو..."اسپائيڪ پوائتي نموني پؤنڪيو ۽ ٽام ڏانهن " وڌڻ لڳو.

اسپائيڪ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ٽام وات مان ڪڪڙ جي .ٽنگ ڪڍي ۽ اسپائيڪ ڏانهن اڇلائي، پوئتي در ڏانهن ڀَڳو

ٽام کي ڀڄندو ڏسي اسپائيڪ بہ ان جي ڪڍَ ڊڪڻ لڳو.ٽام جيئن ئي در وٽ پهتو اسپائيڪ وڏو ٽپُ ڏنو ۽ ٽام کي پڪڙڻَ جي ڪيائين.پرَ ٽام جا پاڳ ڀلا هئا.هُو دروازي مان ٻاهر نڪري ويو ۽ اسپائيڪ درَ ۾ لڳڻ ڪان پوءِ درَ جي تاڪَ ۾ لڳل ڪَڙي ۾ ڦاسي پيو ۽ لڙڪڻ لڳو.اصل ۾ هنَ کي ڳچيءَ ۾ پَٽو ٻڌل هو.اهو پَٽو ڪڙي ۾ ڦاسي پيو هو.اسپائيڪ کي گُهٽو پئي آيو ۽ هو ڦٿڪڻ لڳو.

اسپائيڪ کي لڙڪندو ڏسي،جيري پريشان ٿي ويو.

جيڪڏهن اسپائيڪ کي ڪڙي مان نہ ڪڍيو تہ هُو مري " ويندو."جيري پريشانيءَ مان سوچيو ۽ پوءِ ڊڪندو درَ جي تاڪَ تي چڙهي ويو. هن پَٽي کي ڇِڪي ڇنڻ جي ڪوشش ڪئي پر چمڙي جو پٽو ڏاڍو مظبوط هو.جيري ان کي ڇني نہ سگهيو.

اسپائيڪ تڪليف ۾ هو.هن جي ڄڀَ (زبان) هن جي واڇَ مان
لڙڪي رهي هئي ۽ سندس ساهُ مُنجهي رهيو هو.

اوچتو هِڪ خيال جيري جي دماغ ۾ آيو.

يا هُو..."جيري سرهائيءَ (خوشيءَ) مان رڙ ڪئي ۽ اڳتي "
وڏي پَتي کي پنهنجن تيز ڏندن سان ڪَترڻُ شروع ڪيو. ڪجھ
ئي دير ۾ پتو ڪترجي ڇڄِي پيو ۽ اسپائيڪ هيٺ ڪِري وڏا
وڏا ساهَ کڻڻ لڳو.

هن جي حياتي بچي وئي هئي.

ٽام هڪ ٽَنيي جي پنيان لڪي اهو سڀ ڏسي رهيو
هو.اسپائيڪ کي هيٺ ليٽيل ڏسي هُو سمجهي ويو ته هاڻي
سندس خير ناهي.اسپائيڪ کيس سزا ڏيڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندو.

هاڻي مون کي گهر ڀَڄي وڃڻ کپي. نہ تہ اسپائيڪ بدلو "
وٺندو."ٽام سوچيو ۽ تڪڙ ۾ اڳتي وڌيو.

انهيءَ مهلَ هڪ گاڏي گهٽيءَ مان نڪتي ۽ روڊ تي هوريان
هوريان هلڻ لڳي.ان گاڏيءَ جي پوئين حصي ۾ لوھ جي وڏي
پِڃري ۾ ڪيترائي ڪتا واڙيل هئا.ان پڃري جي مٿان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻھو وينل ھو جنھن جي ھٿ ۾ ھڪ وڏي لٺِ ھئي.ان لٺ جي ھڪ پاسي چارَ نموني جي ڳوٽري ھئي.

اھا گاڏي ڏسي ٽام سمجھي ويو تہ اھا رولو ڪتا پڪڙڻ واري گاڏي آھي.

ٽام سيٽي وڄائي ۽ پِڃري تي وينل ماڻھوءَ کي، اسپائيڪ ڏانھن اشارا ڪرڻ لڳو.

آھا...ٻيو ڪتو بہ ھٿ اچي ويو. ھن کي تہ پالتو ڪتن وانگر " پَٽو بہ پاتل ڪونھي.ھي پڪَ سان رولو آھي." ان ماڻھوءَ ڏاڍيان چيو ۽ ڊرائيور کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيائين.

ھھھھھ..."ٽام ٺپَ ڏيندي ٺھڪ ڏنو. ھو ڏاڍو سرھو پئي ٿيو تہ " ھاڻي اسپائيڪ کان سدائين لاءِ جِندُ ڇُٽي ويندي.

گاڏي بيھندي ئي پڃري تي وينل ماڻھو تڪڙ ۾ ھيٺ لٿو ۽ ڳوٽريءَ واري لٺ کڻي اسپائيڪ ڏانھن ڊوڙيو. اسپائيڪ وٽ پھچي ھن لٺ اڀِتي وڏائي ۽ ھڪ جھٽڪو ڏئي اسپائيڪ کي ڳوٽريءَ ۾ کڻي ورتو. ساڻو ٿي ويل اسپائيڪ ڇُريو بہ نہ.

ڇِچ...ڇِچ...ڇِچ..."جيريءَ سنهڙي دانهن ڪئي ۽ اڳتي وڌي " گاڏيءَ ڏانهن ويندڙ ماڻهوءَ جي اڳيان بيهي رهيو.

ماڻهوءَ،جيريءَ ڏانهن ڏٺو بہ نہ ۽ اڳتي وڌي گاڏيءَ جي پويان رکيل پڃري جو ڪڙو لاهي اسپائيڪ کي ڳوٺريءَ مان ڪڍي ٻين ڪتن سان گڏ واڙي ڇڏيو. پوءِ هو تڪڙ ۾ پڃري جي مٿان وڃي ويٺو ۽ ڊرائيور کي اڳتي هلڻ لاءِ چيائين.

ٽام تاڙيون وڄائيندي نچڻ لڳو.

جيري ڪاوڙ ۾ ٽام ڏانهن ڏٺو ۽ هلندي گاڏيءَ جي ڪَڍَ ڊڪڻ لڳو.جيري کي ڊُڪندو ڏسي ٽام پريشان ٿي ويو.

جي جيري اسپائيڪ کي ڇڏائي ورتو تہ پوءِ منهنجو خير " ناهي."ٽام سوچيو ۽ پوءِ پاڻ بہ جيري جي پويان ڊُڪڻ لڳو.

ان کان اڳ جو گاڏي تيز ٿي وڃي ها.جيريءَ ڊڪندي ڊڪندي ٽپ ڏنو ۽ پڃري جي درَ کي چَهٽي (چُنبڙي) پيو.هن اندر نهاريو تہ ڪيس ٻين ڪتن سان گڏ اسپائيڪ بہ ڏسڻ ۾ آيو.اسپائيڪ هاڻي نيڪ هو ۽ جيري کي ڏسي هن ڏانهن هليو آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽام بہ جيري جي ڪڍ ڊڪي رهيو هو.جيري ڪي پڃري سان

ڇهٽندي ڏسي هن بہ ٽپُ ڏنو ۽ جيريءَ جي لڙڪندڙ پوئين

ڄنگهن ڪي پنهنجن چنبن ۾ قابو ڪري ڇڏيائين.

جيري پنهنجون ڄنگهون ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ٽام

نہ ڇڏيس.

جيري پوءِ بہ همٿ ڪئي ۽ نيٺ ڪڙو کولي پڃري جي درَ جا

ٻئي تاڪَ کولي ڇڏيا.

ٻئي تاڪَ پاسي تي کُلي ويا ۽ اسپائيڪ سوڌو سيني ڪتن لاءِ

ڀَڄڻ جو رستو نَهي ويو.

اسپائيڪ درَ وٽ آيو ۽ ان پاسي جهاتي پاتائين، جنهن پاسي

تاڪَ تي ٽام ۽ جيري لڙڪي رهيا هئا.

ڀَئُو...ڀَئو..."اسپائيڪ جيري ڏانهن ڏسندي ڀؤنڪ ڪئي."

جيري بہ اسپائيڪ ڏانهن نهاريو ۽ ڪيس اکين سان اشارا

ڪيا.اسپائيڪ سمجهي ويو تہ جيري ڇا ٿو چئي.

هن پنهنجو پيچ اُيو ڪيو ۽ ٽپ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

جيريءَ هيٺ ٿام ڏانهن نهاريو.ٿام ڊپَ وچان اسپائيڪ کي ڏسي رهيو هو.

گاڏي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي هئي.

جيري پاڻ کي ٻہ ٽي لوڏا ڏنا.پڃري جي درَ جو لوهي تاڪُ،پهرين اسپائيڪ ڏانهن ويو ۽ وري کُلي واپس، پاسي تي اچي ويو.

هاڻي جيري پوري سگهہ سان پاڻَ کي ٻيهرَ لوڏيو تہ در جو تاڪ تيزيءَ سان اسپائيڪ ڏانهن ويو.جيئن تاڪُ اسپائيڪ جي ويجهو پهتو تہ اسپائيڪ گاڏيءَ کان ٻاهر ٽپ ڏنو.ان سان گڏ ئي جيريءَ بہ پاڻ کي هڪ جهٽڪو ڏنو ۽ تاڪَ کي ڇڏي ڏنائين.ڏاڍيان جهٽڪو اچڻ سان جيريءَ جون ڄنگهون ٿام جي ڄَنبن مان ڇڏائجي ويون ۽ ٿام لوڏو اچڻ ڪري، دانهون ڪندو پڃري ۾ اندر ٻين ڪتن جي وچ ۾ وڃي ڪريو. جڏهن تہ جيري ٻولاٽيون کائيندو هيٺ روڊَ تي ڪرڻ لڳو. اهو ڏسي ٽَپُ ڏيندڙ اسپائيڪ، جيري کي پنهنجي وات ۾ جَهٽيندي هيٺ روڊ تي لهي ويو ۽ ڊُڪندو وِڃَ روڊ تان ڪجهہ پاسي تي ٿي ويو.

اسپائيڪ جيري کي وات مان ڪڍي ڪيس مٿي تي ڇُمي ڏني ۽ پوءِ هُو ويندڙ گاڏيءَ ڏانهن نهارڻ لڳا. پيجري تي وينل ماڻهوءَ تڪڙ ۾ در ٻيهر بند ڪري ڇڏيو هو.اسپائيڪ ڪان سواءِ ٻيو ڪو به ڪتو پڇِي نہ سگهيو هو.جڏهن تہ رولو ڪتن ۾ قاتل ٿام جي رڙين جا آوازَ صاف ٻُڌڻَ ۾ اچي رهيا هئا.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽام ۽ جيري

## "ساپيان جو سَهو"

ٽام جي مالڪياڻيءَ جا مهمان ٽن ڏينهن ڪان آيل هئا.جن ۾ هڪ ننڍڙي حَرڪتي ڇوڪري ساپيان بہ هئي.ساپيان توڙي جو پنهنجا الاهي سارا رانديڪا بہ آندا هئا.پر ڪيس ٽام جهڙو رانديڪو جو هٿ آيو تہ هن پنهنجا سڀ رانديڪا هڪ پاسي رکي رڳو پئي ٽام کي تنگ ڪيو.ڪڏهن سندس ڪنَ پئي پٽِيا تہ ڪڏهن مُڇن کي ڇِڪيائي پئي.ڪنهن مهل ٽام کي پڇَ کان جهلي نچائڻَ تي لڳي تہ ڪڏهن سندس پُٺيءَ تي چڙهي سواري تي ڪيائين.ٽام ساپيان مان ڏاڍو بيزار ٿيو هو پر ويچارو ڪجهہ ڪري نہ پئي سگهيو.ڇو جو ساپيان جو پيءُ ڪاوڙ جو تيز هو ۽ وٽس هڪ بندوق بہ هئي.ٽام کي ڊپ پئي ٿيو تہ جي هن ساپيان کي رانبوٽو بہ پاتو تہ ساپيان جو پيءُ ڪيس گوليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽندي دير ئي نہ ڪندو.نيٺ اڄ صبح جڏهن ساپيان پنهنجي ماءُ پيءُ سان واپس پنهنجي گهر هلي وئي تہ ٿام ڏاڍو خوش ٿيو تہ هاڻي سندس جند ساپيان مان ڇُٽي وئي.

هُو پنهنجي گدي تي اچي ليٽو ئي مسَ جو هنَ کي ساپيان جي رانديڪن جو خيال آيو. هو تڪڙ ۾ اٿيو ۽ ميز جي هيٺان نهاريائين تہ ڪيس ساپيان جا رانديڪا نظر آيا.جيڪي ساپيان اُتي ئي وساري وئي هئي.انهن رانديڪن ۾ ٿام جي قدَ جيڏو ڪنهن ٻُجن واري ڪپڙي جو ٺهيل پوري رنگ وارو سَهو بہ هو. جنهن جي اکين واري جاءِ تي بہ ننڍڙا شيشي جا ٽڪرا لڳل هئا.سَهي ۾ اندر ڪپهہ پريل هئي.ڏسڻ ۾ صفا سچو سَهو پئي لڳو.سَهي واري رانديڪي کي ڏسي ٿام کي هڪ اٽڪلَ ذهن ۾ آئي.

ڇو نہ جيري کي تنگ ڪيان؟"ٿام سوچيو ۽ ميز تي رکيل " قينچي کڻي ورتائين. پوءَ هو ميز جي هيٺان وڃي ويٺو ۽ سهي جي پيٽَ وٽان ڪپڙو ڪَٽڻَ لڳو.

گهرَ جي هالَ ۾ ان وقت ڪير بہ نہ هو.مالڪياڻي بہ پنهنجي ڪمري ۾ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽام سَهي جو پيٽ چِيري،انَ مان سموري ڪپهه ڪڍي ڇڏي.نڪتل ڪپهه هن فرش تي وِڇايل گِلمَ هينان لڪائي ڇڏي.

هاڻي سهي جو ڪپڙو صفا ڪوٽ َ وانگر پئي لڳو.

ٽام ٿهڪ ڏنو ۽ اهو پائي ڇڏيائين.شيشي جي اکين مان ڪيس سڀ ڪجهه چِٽو پئي ڏسڻَ ۾ آيو.هال جي پٽ تي آئينو لڳل هو.ٽام جڏهن ان ۾ پاڻ کي ڏٺو ته هن کي لڳو ڄڻ هو ٽام نه هجي پر پوري رنگ جو جَهنگلي سهو هجي.

ٽام ڏاڍو خوش ٿيو.ڇو جو کيس جيري کي تنگ ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو.هن هال جي دريءَ مان جهاتي پاتي ته ڪيس جيري باغيچي جي چِبر تي قلابازيون کائيندي ڏسڻ ۾ آيو.اهو ڏسي ٽام ماٺ ۾ هلندو هال جي درَ وٽ پهتو ۽ ڪجهه دير اتي ئي ترسي هن بنا ڪو آواز ڪرڻَ جي در کوليو ۽ هڪدم ڀوائتو آواز ڪڍي ٻاهر ٽپ ڏنائين.

جيري جيڪو پنهنجي مستيءَ ۾ لڳو پيو هو.تنهن جو هڪ رانديڪي کي دانهُون ڪندي ۽ هلندي ڏٺو سو پاڻَ به دانهون ڪندي اُٿيو ۽ ڊوڙندو انب جي وڻَ تي چڙهي پنهنجي دوست نوريئڙي نيمني جي آکيري ۾ وڃي لڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽام ،جيري کي ڊڄندو ڏسي ٺهڪ ڏيندو ڇپر تي ليٽڙيون پائڻ
لڳو.گهڻن ڏينهن کان پوءِ هن جيري کي تنگ ڪيو هو سو
ڪيس ڏاڍو مزو آيو هو.

هوڏانهن نيمني جيري کي ڊڄندو ڏسي وڻ تان هيٺ لِيئو پاتو ته
ڪيس سهي جي ڪپڙي هينان لڪيل ٽام جو پيٽ نظر اچي
ويو.جنهن کي ٽوپو ڏيڻ ٽام کي وسري ويو هو.اهو ڏسي
نيمنو،جيري وٽ آيو ۽ ڪيس ٽام ڏانهن اشارا ڪرڻ لڳو.جيري
آڪيري مان ٻاهر نڪري هيٺ ڏٺو ته هو به ٽام کي سڃاڻي
ويو.ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته ٽام ڪيس ڪيئن نه چريو ڪري
ويو هو.

ٽام به جيري کي تنگ ڪري هاڻي گهر کان ٻاهر وڃي رهيو
هو.پڪ سان هن جو ارادو ڪنهن ٻئي کي به ڊيڄارڻ جو هو.اهو
ڏسي جيري ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو.

نيمني اشاري سان ڪانئس پڇيو ته "ڇا ٿو سوچين؟"

جيري،نيمني کي اُتي ئي ترسڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ وڻ تانَ
ٽپ ڏئي ٻاهرين پٽ تي وڃي وينو. ٽام گهر جي درَ وٽ بينو
هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو.

جيري پاڻ لڪائيندو پٽ تان لٽو ۽ ڊوڙندو روڊ ٽَپي اسپائيڪ

ڪُتي واري گهر جي پٽ تي چڙهي ويو.

اسپائيڪ ان مهل گهر جي اڱڻ (پڌرَ) ۾ گهمي رهيو هو.جيري

سيٽي وڄائي ۽ اسپائيڪ کي ٻاهر ڏانهن اشارا ڪرڻ

لڳو.اسپائيڪ ۽ جيري سنا دوست هئا سو اسپائيڪ ڪنڌ لوڏيو

۽ گهرَ کان ٻاهر نڪري آيو.

ٻاهر ايندي ئي سندس نظر پوري رنگ جي جهنگلي سَهي

(جيڪو اصل ۾ ٽام هو) تي پئي تہ ڪانئس چرڪ ڇڏائجي

ويو.اسپائيڪ پنهنجا پوائنٽا ڇُهنبدار ڏند ٻاهر ڪڍيا تہ سندس

گِگَ بہ وَهي آئي.

واهَ جو کاڌو آهي. اڄ تہ ڏاڍا مزا ڪندس." اسپائيڪ پنهنجي "

جِيَ (زبان) کڻي سَهڪندي سوچيو.

هوڏانهن ٽام کي ڄاڻَ (خبرَ) ئي نہ هئي هو ڪيڏي وڏي

مصيبت ۾ ڦاسڻَ وارو آهي.

يَئُو...يَئُو..."اسپائيڪ هلڪي پوئنڪَ ڪئي ۽ ٽام ڏانهن ڊُڪڻَ "

لڳو.

ٿام پؤنڪڻ جو آواز ٻڌي پُٺتي نهاريو تہ سندس نظر اسپائيڪ تي پئي.جيڪو پوري رفتار سان ڏانهنس پئي آيو.ٿام ڊپَ ۾ ونجي ويو ۽ واپس پنهنجي گهر وجڻ بدران چؤنڪ ڏانهن ڊُڪڻ لڳو.

ٿام کي ڊڪندو ڏسي اسپائيڪ ڪاوڙ ۾ اچي ويو.

يَئُو...يئُو...يَئُو..."اسپائيڪ ڏاڍيان پؤنڪيو ۽ وڌيڪ تيز،ٿام " جي ڪڍَ ڊڪڻ لڳو.

ٿام بہ پنهنجي سموري سگهہ (طاقتَ) سان ڊُڪي رهيو هو تہ جيئن اسپائيڪ کان پاڻ کي بچائي سگهي.

اجان هُو چؤنڪَ کان ڪجهہ اورتي هو جو ڪنهن گاڏيءَ جي ڦِيٿن جي چِيڪات جو زوردار آواز ٿيو ۽ چؤنڪ جي ڪابي پاسي واري روڊ کان هڪ ڪار نمودار (ظاهرُ) ٿِي ۽ ان روڊ تي هلڻ لڳي جنهن تي ٿام ۽ اسپائيڪ ڊُڪي رهيا هئا.

اها ڪار جيئن ئي ٿام جي پرسان لنگهي تہ ان مان هڪ ٻارڙيءَ جو آواز آيو..."بابا...بابا...هو ڏسو منهنجو سهو ڊُڪي پيو".

ڪار کي بريڪ لڳو ۽ اها بيهي رهي.

تام ڊڪڻدي ڊڪندي پوئتي نهاريو تہ سندس وات ڦاٽي ويو.

ڪار مان ساپيان لهي رهي هئي.

منهنجو سَهو...منهنجو سَهو..."ساپيان رڙيون ڪري روئڻ " لڳي.

تام سان گڏ اسپائيڪ بہ بيهي،وات ڦاڙي ساپيان ڏانهن ڏسڻ لڳو.

اي منهنجي ڏيءُ جا رانديڪا سها. اتي ئي بيهي رهُ.نہ تہ " هٽانءِ ٿو گولي."ساپيان جي پيءُ تڪڙ ۾ ڪار مان لهندي چيو ۽ پنهنجي بندوق سِڌي ڪري چڏي.

اهو ڏسي اسپائيڪ ڪاوڙ ۾ ساپيان جي پيءُ ڏانهن نهارڻ لڳو.هن جهنگلي سهي کي ڪائڻ تي گهريو سو هن کي ساپيان جي پيءُ جي ڪا بہ پرواهہ ڪو نہ هئي.ويچاري اسپائيڪ کي اها چاڻَ ئي ڪو نہ هئي تہ اهو جهنگلي سهو نہ پرَ تام بلو آهي.

يَئُووووو..."اسپائيڪ،ساپيان جي پيءُ کي ڊيڄارڻَ لاءِ " پوائتي نموني پؤنڪيو ۽ بيهر تام ڏانهن ڊڪڻَ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڏسي سائيان جي پيءُ پنهنجي بندوق اسپائيڪ ڏانهن ڪئي ۽ گولي هلائي ڇڏي.

هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو ۽ گولي اسپائيڪ جي پُڇ وٽان لنگهي وئي.

اسپائيڪ تڪڙ ۾ بيهي پنهنجي پُڇ ڏانهن نهاريو. اهو ڏسي اسپائيڪ جون اکيون ڦاٽي ويون تہ پڇَ تان سمورا وارَ ڇڄِي ويا هئا ۽ ڪَلَ ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي.هنَ جو پڇُ گنجو ٿي ويو هو.

اسپائيڪ تڪڙ ۾ پنهنجا ڏندَ ڇپن ۾ لڪائي،ڏپَ وچان سائيان جي پيءُ ڏانهن نهاريو ۽ ٻِي گهڙي،ڪنهن ڪُلرَ جيان ڪُوڪاٽ ڪندي تيزيءَ سان ڊڪندو واپس پنهنجي گهرَ ۾ گهڙي ويو.

جيري بہ وات ڦاڙيو،اهو سڀ ڏسي رهيو هو.

هوڏانهن ٽام گوليءَ جو ڌماڪو ٻڌي اُٿي ئي ڪري پيو ۽ سندس ڇِپَ،واڇ مان نڪري لڙڪڻ لڳي.

سائيان جي پيءُ،ٽام کي سائيان جو رانديڪو سمجهي ڪنيو ۽ ڪار جي ڊِڪيءَ (سامان رکڻ واري جاءِ) ۾ رکي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تام پاڻَ کي بَچائڻَ جي ڪا جاکوڙَ (ڪوشش) بہ نہ ڪئي ۽ ڪار اڳتي وڌي وئي.

$$$$$$$$$$$$$$$

## ٽام ۽ جيري ...

## "سَچو دوست"

جيري کي پلاسٽڪ ہہ وڏا ٽُڪرَ ڪٽي ويندي ڏسي، ٽام ڪجھ حيران ٿي ويو.ڪيس سمجھ ۾ نہ آيو تہ انهن ٽڪرن کي جيري ڇا ڪندو؟

جيري جڏهن گهرَ جي ٻاهرين پٽ ٽَپي روڊَ ڏانهن لهي ويو تہ ٽام ہہ ڊوڙندو پٽ تي چڙهي ويو.

جيري انَ مهلَ محمود ڪُڪڙين واري جي پٽ تي چڙهي،هيٺ لهڻ جي ڪري رهيو هو.

لڳي ٿو تہ جيري ۽ سندس دوست "ڪُڪڙو ڪُو" ڪجھ خاص " ڪري رهيا آهن. مون کي ہہ ڏسڻ گهرجي تہ ڇا ٿا ڪن."ٽام دل ۾ سوچيو ۽ پاڻَ ہہ پٽ تان لهي محمود جي گهر ٽَپي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمود،ديسي ڪُڪِڙيون پالي شهر جي بازار ۾ وڪڻندو
هو.جيري جو دوست ڪڪڙو ڪو هڪ ديسي ڪڪڙ جو چوزو
هو.ڪڪڙو ڪو ڏاڍو طاقت وارو ۽ ويڙهاڪ هو.هُو ٻين
ڪڪڙين جي سنڀال ڪندو هو.هن هڪ ڀيري ٽام کي ٻہ ڪُٽيو
هو.ٽام هوشياريءَ سان پيٽ تي هلندو،محمود جي گهر جي
پوئين حصي ۾ پهتو.اتي ئي اهو وڏو ڪمرو هو،جنهن ۾
محمود جون ڪُڪڙيون واڙيلَ هونديون هيون.ٽام پيٽ جي
پرسان ئي نم جي وڻ پنيان لڪي بيهي رهيو ۽ اتان پنهنجي
مُنڍي ڪڍي ڪڪڙين واري ڪمري ڏانهن نهاريائين.

سڄو ڪمرو ديسي ڪڪڙين سان پريو پيو هو. ڪمري جو در
کليل ڏسي،ٽام جون اکيون چمڪڻ لڳيون.

جي ٻہ ٽي ڪڪڙيون ملي وڃن تہ جيڪر مزو اچي وڃي."ٽام "
اهو سوچي پنهنجن چپن تي زبان ڦيري.

انهيءَ مهلَ ئي ڪڪڙين واري ڪمري مان ڪڪڙو ڪو
نڪتو.هن جي چهنبَ ۾ ٻہ ٽي ڪانيون هيون. ٻاهر نڪري
ڪڪڙو ڪو متي نهاريو ۽ پنهنجا پرَ هڻندو متي چِتِ ڏانهن
اڏامي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس اڏامندو ڏسي ٿامر ڊڄي ويو.ڪڪڙو کي ڏاڍو طاقت وارو

چوزو هو ۽ ڏسڻ ۾ صفا کو ديسي ڪڪڙ لڳندو هو.

ڪمري جي ڇت تي ڪي آواز ٻڌي ٿامر بنا ڪو آواز ڪرڻ جي

وڻ تي چڙهي ويو ۽ تارين جي وچ مان ڏسڻ لڳو.جيري اڳي ئي

ڇت تي بيٺو هو.پلاسٽڪ جا ٽڪرا ڇت تي وچايل هئا ۽ انهن

جي مٿان ڪجهه پٿرَ ۽ ڪڪڙو کو جون آنڊل کانيون پيل

هئا.

جيري ۽ ڪڪڙو کو مٿي آسمان ڏانهن نهاري رهيا هئا.ٿامر به

مٿي نهاريو ته اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته آسمان تي ڪارو جُهڙ

اچي ويو هو.ايئن پئي لڳو ته اِجهو مينهن وسيو.

هاڻي ٿامر کي سڀ ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته جيري پلاسٽڪ

جا ٽڪرا ڇو کنيا هئا.هو ٻئي ڇت جي ٽُنلَ حصي کي ناهي رهيا

هئا ته جيئن ڇت مان مينهن جو پاڻي نه وهي ۽ ڪڪڙيون پُسڻَ

کان بچي وڃن.

ٿامر ڪمري جي ڄاريءَ وار درَ ڏانهن نهاريو.درُ اجان به کُليل

هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعو سنو آهي. ڪڪڙو کي بہ جيري سان گڏ چت تي " آهي.چو نہ بہ تي ڪڪڙيون ڪٺي اج پنهنجي دعوت پاڻَ ڪيان."ٿام چپن تي زبان ڦيريندي سوچيو.

پوءِ هنَ هڪ نهارَ (نظرَ) چت تي وِڏي ۽ هوشياريءَ سان وڻَ تان لهي ڪڪڙين واري ڪمري ڏانهن وڌڻَ لڳو.

ٿام جيئن ئي ڪمري جي درَ کي ويجهو ٿيو تہ هڪ ڪڪڙِ ڪيس ڏسي ورتو ۽ وني دانهن ڪيائين.ان جي دانهن ڪندي ئي سمورين ڪڪڙين "ڪُڙ ڪُڙ ڪُڙ" جا آواز ڪيڻ شروع ڪيا.

ڪڪڙين جو گوڙ ٻڌي ڪڪڙو کو چت تان اڏامندو هيٺ لهي آيو.

ڪُڙ ڪُڙ ڪُڙڪ...ڪُڙ ڪُڙ ڪُڙڪ..."ڪڪڙو کو هيڏانهن " هوڏانهن جانچڻ لڳو تہ ڪڪڙيون ڪهڙي شئي کان ڊِڃي ويون آهن.

ٿام تڪڙ ۾ وڻ جي پويان لڪي ويو تہ جيئن ڪڪڙو کو ڪيس ڏسي نہ وني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪڙو ڪو ڪجھ دير تائين اُتي چڪر ڏيندو رهيو ۽ پوءِ ڪو خطرو نہ ڏسي هن هڪ وڏو ٽپ ڏنو ۽ اڏامندو ڇت تي وڃي لٿو.

ٿام سوچيو تہ ايئن ڪم نہ ٿيندو.ڪا اٽڪلَ ڪرڻي پوندي.

اهو سوچي هنَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ سندس نهارَ هڪ ڍيرَ تي پئي.ان ڍير تي ڪڪڙين جا ڪيترائي ڪَنبَ پيل هئا.اهي ڪنبَ ڪڪڙين واري ڪمري جي صفائيءَ ۾ نڪتا هئا.ڪنب ڏسي،ٿام جون اکيون چمڪڻ لڳيون.هڪ اٽڪلَ هنَ جي حرڪتي دماغَ ۾ اچي وئي.ٿام مرڪڻ لڳو.

هو وڏي هوشياريءَ سان بنا ڪو آواز ڪرڻ جي ڍير ڏانهن ويو ۽ اتان سمورا ڪنبَ ڪٽي ورتائين.ڍيرَ تي ئي پلاسٽڪ جي ڏور جا ڏگها ٽڪرَ بہ هئا.ٿام اهي بہ ڪٽي ورتا ۽ تڪڙ ۾ وڻ جي ٿڙ پنيان لڪي ويو.

ٿام ڪڪڙين جا ڪنب،پلاسٽڪ جي ڏور سان پنهنجي بُتَ تي ٻَڌي ڇڏيا ۽ ڪنين ۾ لڪيل پنهنجي واتَ ۾ هڪ ڇهنبدار ڪاٺي بہ وڌي تہ جيئن اها ڪڪڙ جي ڇُهنبَ لڳي.پوءِ هن پنهنجو پُڇُ پيٺ سان لڳايو ۽ چارَ ئي ڄنگهون ڳَڏائي ڪڪڙ جيان هلندو وڻ جي پنيان نڪري آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿام ڪي ڪا وڏي ڪڪڙ سمجهي،ڪمري ۾ واڙيل ڪڪڙين جا

ڇرڪَ نڪري ويا.سڀ ڪڪڙيون اچرجَ (حيرتَ) مان ٿام ڏانهن

نهارڻ لڳيون.ڪانئن ڪُڙ ڪُڙ ڪرڻ بہ وسري ويو.ٿام ڪين

ڏيکارڻَ لاءِ وات ۾ وڏل ڪانيءَ سان داڻو چُڳڻَ (ڪائڻَ) جو

ناٽڪ بہ ڪرڻ لڳو.

هوڏانهن متي چت تي ڪمَ ۾ رُڌل (مصروف) ڪڪڙو ڪو ڪي

جڏهن ڪڪڙين جي ڪڙ ڪڙ جو آواز نہ آيو تہ هنَ متان جهاتي

پائي هيٺ نهاريو هڪ اوپري ۽ ڪنهن ٻِلي جيڏي وڏي ڪڪڙ

ڏسي ڪڪڙو ڪو بہ اچرج ۾ ونجي ويو.ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو

تہ اها ڪڪڙ ڪٿان آئي؟هنَ جيري ڪي بہ اها ڪڪڙ

ڏيکاري.جيري بہ وائڙو ٿي ويو.

ڪڪڙو ڪو جيري ڪي اتي ئي ترسڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻَ

چت تان اُڏامَ پري سڌو اچي ٿام آڏو لٿو.

ٿام ڪيس پنهنجي آڏو ڏسي ڳٽيءَ ۾ پئجي ويو.هنَ ڪي لڳو تہ

هاڻي هو ڪائڻ لاءِ ڪا ڪڪڙ هٿ ڪري نہ سگهندو.

ڪڙ...ڪڙ...ڪڙ..."ڪڪڙو ڪو ٿام ڏانهن چِتائي نهاريندي "

آواز ڪڍيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿام ،ڪڙ ڪڙ جو آواز نہ پئي ڪڍي سگھيو ڇو جو سندس وات ۾ ڪاني ھئي.ھنَ ڪڪڙو ڪو ڪي ڏيڪارڻ لاءِ بہ ٿي پيرا داٽو ڇُڳَڻ جو ناٽڪ ڪيو ۽ وڻَ ڪان ڪجھ پَرتي ھليو ويو.

ٿام ڪان ڪا وَراڻِي (جوابُ) نہ ملڻ تي ڪڪڙو ڪو ڪي مٿس شَڪُ ٿي پيو تہ ھيءَ ڪا ڪڪڙ ڪونھي پر ڪا ٻِي شئي آھي.

ڪڪڙو ڪو بہ ھلندو ٿام جي ويجھو پھچي ويو.

ٻنھي کي اھا ڄاڻَ ئي نہ ھئي تہ سندن مٿان ھڪَ مصيبت اچڻَ واري آھي.

وڻَ ڪان مٿي،ڪارن ڪڪرن ڪان ڪجھ ئي ھيٺ ھڪ ٻڪايل بازُ اڏامي رھيو ھو.اھو باز ۽ پھاڙَ جي چوٽيءَ تي ھڪ آکيري ۾ وينل سندس ٽي چوزا صبح ڪان بک تي ھئا.ڪاري جھڙَ کي ڏسي مِينھن جي ڊپَ ڪان سمورا پکي ۽ جانور پنھنجي آکيرن توڙي ٻِرن ۾ لڪي ويا ھئا.باز کي ڪو بہ شڪار ھٿ نہ آيو ھو.ھاڻ جو ھنَ محمود جي گھر جي اڱڻ ۾ ھڪ وڏي ڪُڪڙِ ڏٺي سو سندس ڳِگَ ڳڙڻ لڳي.ھنَ محمود جي گھر مٿان بہ ٽي ڦيرا ڏنا ۽ تڪڙ ۾ ھيٺ ڪُھتَ ھنيائين تہ جيئن اھا موٽي تازي ڪڪڙ ڪٽي پنھنجي چوزن جو پيٽ ڀري سگھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن راڪيٽ جي هلڻ جهڙو آواز ڪندو،باز ڪڪڙو ڪو ۽ ٿام جي مٿان پهچي ويو.جيري باز کي ايندو ڏسي وڻ جي ٿارين ۾ لڪي ويو.ڪڪڙو ڪو به ٽپ ڏئي پاسي تي ٿي ويو.پر وائڙو ٿام پاڻ کي لڪائي نه سگهيو.بکايل باز تيزيءَ سان ٿام وٽ پهتو ۽ ان کان اڳ جو ٿام به ڪٿي لڪي ها،بازَ کيس پنهنجن وڏن چنبن ۾ ڪنيو ۽ اتان ئي مُڙي واپس اڀَ (آسمان) ڏانهن اُڏامڻ لڳو.ٿام ڏاڍيون رڙيون ڪيون،پاڻَ کي ڇڏائڻَ جي جاکوڙَ (ڪوشش) ڪئي پرَ باز جي ٺُونگن کيس ماٺ ڪرائي ڇڏي.

هڪ ڀيرو وري ٿام کي سندس لوڀَ،مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو هو.

ٿام کي بچڻَ جي ڪا راهَ ڏسڻَ ۾ نه آئي ۽ هو روئڻَ جهڙو ٿي ويو.

زَپڪ...زپڪ..." امالڪ (اوچتو) هيٺان کان هڪ آواز آيو. "

بازَ ۽ ٿام هيٺ نهاريو.

نم جي وڻَ جي ٿارين مان ڪڪڙو ڪو زور زور سان پرَ هڻندو مٿي اچي رهيو هو.سندس پُنيءَ تي جيري ڏندو ڪٽي وينل هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين ايندو ڏسي تام خوش ٿي ويو.جڏهن تہ باز جون اکيون ويتر ڳاڙهيون ٿي ويون.تام ڪجهہ وزني هو سو باز کي اڏامڻ ۾ ڏاڍو زور پئي لڳائڻو پيو.هنَ کي بک بہ ڏاڍي لڳي هئي.سو هن تکڙ ۾ پنهنجي آکيري تائين پهچڻ پئي چاهيو.

ڪڪڙو کو هڪ ڪُڪُڙ هو ۽ ڪُڪڙَ گهٽي دير لاڳيتو اڏامي ناهن سگهندا.پر تام جي جان بچائڻ لاءِ ڪڪڙو کو زور لڳائي باز جي ويجهو پهچي ويو. باز کاوڙ ۾ ڏانهنس نهاريو ۽ کيس نونگو هٽڻ جي کيائين.ان کان اڳ جو باز جو نونگو،ڪڪڙو کو کي لڳي ها.جيري تکڙ ۾ ڏندو اُيو کيو ۽ باز کي مٿي تي وهائي کڏيو.

باز کي مٿي تي ناهوکو ڏک لڳو ۽ اکين آڏو اوندهہ اچي ويس.

بازَ پنهنجي مُنهن کي بہ ٽي لوڏا ڏنا ۽ کاوڙ ۾ هڪ وڏي رڙ ڪري جيري ڏانهن وڌيو.باز جيئن ئي ويجهو آيو هن جيري کي نُونگو هٽڻ جي ڪئي.اهو ڏسي ڪڪڙو کو اُبتي قلابازي ڏني ۽ پنهنجي ڪَڙُ جو هڪ ناهوکو ڏَکُ باز کي هنيائين.ڏک



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باز جي اک وٺ لڳو ۽ ڪانئس دانهون نڪري ويون.بازَ جي اک،نڪرڻ ڪان بچي وئي هئي.

باز جي حالت ڏسي جيريءَ بہ ڏندو ڦٽي ڪيو ۽ ڪڪڙو ڪو جي پُنيءَ تان ٿپ ڏئي ٿام جي پوئين جنگهن کي اچي چنبڙيو.

ڪڪڙو ڪو ٿَڪجي پيو هو.هاڻي وڌيڪ اڏامي نہ پئي سگهيو سو هنَ هڪ ڀي قلابازي ڏني ۽ واپس وڻ ڏانهن اڏامڻ لڳو.

جيري ڊچڻ بدران همتَ ڪان ڪم وٺندي ٿام جي جنگهن کي هڪ زوردار جهٽڪو ڏنو.وائڙو ٿي ويل باز ٿام کي قابو ڪري نہ سگهيو ۽ ٿام سندس چَنبن مان ڇڏائجي ويو.

ٿام ۽ جيري هيٺ زمين ڏانهن ڪرڻ لڳا.

جڏهن تہ بازَ افسوس مان هنن ڏانهن ڏٺو ۽ سُورَ ڪان دانهون ڪندو پنهنجي آکيري ڏانهن اڏامڻ لڳو.

ٿام ۽ جيري پنهنجون اکيون بوٽي ڇڏيون ۽ زمين تي ڪِرڻَ جو انتظار ڪرڻ لڳا.هنن کي پڪَ ٿي وئي تہ سندن بچڻ ڏکيو آهي.

پرَ سندن ڀاڳ ڀلا هئا.ٻئي جڻا زمينَ تي ڪرڻ بدران، محمود جي گهرَ جي پرسان وهندڙ نديءَ ۾ وڃي ڪريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇَپاڪ"جو آواز ٿيو ۽ ٻئي ڄڻا پاڻيءَ ۾ هيٺ لهي ويا."

ٽام جڏهن واپس پاڻيءَ مان مُنڊِي ڪَڍي تہ هنَ جي نهار ڪپَ (ڪناري) تي ڦٿل گاهَہ تي پئي.هن تڪڙ ۾ ان گاهہ کي پڪڙيو ۽ ٽپ ڏئي پاڻيءَ مان نڪري آيو.

ڪجهہ دير اتي ئي ڪِري وڏا وڏا ساهَہ کڻڻ لڳو. پوءِ کيس جيري جو خيال آيو.هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر کيس جيري ڏسڻ ۾ نہ آيو.

ڇا جيري ٻڏي ويو؟"ٽام سوچيو ۽ هنَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. نيٺ بہ جيريءَ سندس حياتي بچائي هئي.هو رڙهندو نديءَ جي ڪپ تي اڳتي وڌيو.

مياءُون... مياءُون..."هن پاڻيءَ ڏانهن نهاريندي ڄڻُ تہ جيريءَ " کي سڏ ڪيو. پر کيس ڪا بہ وراڻي نہ ملي.

ٽام زور زور سان روئڻ لڳو.هو جيري کي ڏاڍو تنگ ڪندو پر کيس جيريءَ سان پيار بہ هو.هنَ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ائين هڪ ڏينهن جيري کيس ڇڏي ويندو.

انهيءَ مهلَ ئي پويان سِيٽيءَ جو آواز آيو.

ٿام تڪڙ ۾ پُنتي ڏنو تہ ڪيس جيري پنهنجي ڪنڌَ تي وارن

سان چنبڙيل ڏسڻ ۾ آيو.پاڻيءَ ۾ ڪرڻ وقت جيري پاڻَ ڪي

بچائڻ لاءِ ايئن ڪيو هو.

ٿام خوش ٿي ويو.هنَ روئيندي روئيندي وڏو ٽهڪُ ڏنو ۽ وري

اتي ئي ڪِري پيو.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "سُوٽ خان"

سوٽ خانَ جو اصل نالو تہ ياسر آهي پرَ پينٽ شرٽ ڏاڍي شوقَ سان پائڻَ جي ڪري نہ رڳو هن جا گهر ڀاتي پرَ مٽ مائٽ،استاد ۽ دوست بہ ڪيس پيارَ مان سوٽ خان جي نالي سان سڏيندا آهن.هن تي اهو نالو ايترو تہ پڪو ٿي ويو آهي جو ڪنهن جي نالو پڇڻ تي هي پاڻ بہ ياسر بدران سوٽ خان ئي ٻڌائيندو آهي.

سوٽ خان پنهنجي ننڍڙي شهر جي اسڪول ۾ ٽئين درجي ۾ پڙهندو آهي.پڙهڻ ۾ سنو آهي پرَ گهڻو محنتي ڪونهي.گهر ۾ پنجن ڀيڻ ڀائرن ۾ سيني کان ننڍو هجڻ ڪري ڪجهہ ضديرو بہ آهي.شرارتون ڪرڻ کان بہ ناهي مڙندو.ڪڏهن ڪڏهن شرارتون ڪرڻ تي استاد جي مارَ بہ ملندي اٿس.

شڪل ۾ سُهڻي،قدَ جي پوري سوٽ خانَ جا وارَ ڪَڪائي ۽ اکيون روشن آهن.هُو نظرَ ڪجهہ گهٽ هجڻ ڪري عَينڪ بہ پائيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مريد،مدثر ۽ شهزاد نہ رڳو هن جي اسڪولَ جا پر پاڙي جا بہ سنا دوست آهن.

چارَ ڏِي بارَ پنهنجو گهڻو وقت سوٽ خان وارن جي اوطاق تي گذاريندا آهن.سوٽ خان جو پيءُ محمد نذير پنهنجي ٻني ڪاهيندو آهي ۽ وٽس ڪجهہ مينهون ۽ ٻڪريون پڻ آهن.جڏهن تہ سندن ٻَني شهر کان ويجهو،اباڻي ڳوٺ سانوڻ آباد ۾ آهي.

اڄ بہ سوٽ خان پنهنجي اسڪول مان پئي موٽيو.هُو ڪجهہ ڪاوڙ ۾ هو ۽ پنهنجي دوستن کان سواءِ اڪيلو ئي اسڪول مان نڪري آيو هو.هنَ اسڪول ۾ شرارتَ ڪئي هئي ۽ پڪڙجڻ تي مارَ کاڌي هئائين.

اصل ۾ رسيس جي وقت ٻين ٻارن سان گڏ هن بہ ريڙهي واري کان چولا چانور وٺي پئي کاڌا.سوٽ خان شرارت ڪندي،پنهنجي آڏو ٻينل هڪ ٻار کي ڌڪو ڏنو.هنَ جي ڌِڪي ڏيڻ سان ان ٻار جي هٿَ ۾ جهليل پليٽ ٻئي ٻارَ جي ڪپڙن تي هارجي پئي هئي.انَ ٻار جي دانهَن تي سوٽ خان جي استادَ سائين علي نواز هن کي نہ رڳو دڙڪا ڏنا پر هٿَ تي بہ ٻيرا لَڪڻَ سان ڌڪ بہ هنيا.سوٽ خان ڪيترائي بهانا ڪري پاڻَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پرَ استاد ڪيس سزا کان سواءِ نہ ڇڏيو.اُنَ کان پوءِ سوٽ خان باقي سمورو وقت روئيندي گذاريو ۽ موڪل مهل بہ پنهنجن دوستن سان گڏ گهر موٽڻ بدران اڪيلو ئي هلڻ لڳو.

سوٽ خان جڏهن پنهنجي گهر کان ويجهِي،شهرَ جي وڏي بازار ۾ پهتو تہ سائين علي نواز پنهنجي موٽر سائيڪل تي هن جي پرسان گذري بينڪ واري گهٽيءَ ڏانهن مڙي ويو.پنهنجي استادَ کي ويندو ڏسي سوٽ خان کي استادَ جي ڏنل مار ياد اچي وئي ۽ هو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو.

پيارا ٻارو جڏهن بہ انسان کي ڪاوڙ ايندي آهي تہ ان مهل ان کي ڪا چڱي شئي ناهي سمجهہ ۾ ايندي ۽ انسان غلط ڪم ڪرڻ لڳندو آهي.تڏهن ئي تہ وڏا چوندا آهن تہ ڪاوڙ ڪرڻ غلط ڳالهہ آهي.سوٽ خان بہ ڪاوڙ ۾ هڪ غلط ڪم ڪرڻ جو سوچيو.

سوٽ خان بہ بينڪ واري گهٽيءَ ڏانهن هليو ويو ۽ اتي هن ٻين ڪيترين ئي موٽرسائيڪلن سان گڏ استاد علي نواز جي بہ موٽرسائيڪل بيٺل ڏٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکَ سان استاد ڪنهن ڪم سان بينڪ آيو هو.

گهٽيءَ ۾ بينڪ سان گڏ ٽپال گهر جي آفيس ڪجهہ دوڪان ۽ اَنهن آڏو ريڙهن تي ڪاڻَ پيئڻ جون شيون کپائڻَ وارا بہ هئا.ڪيترائي ماڻهو پنهنجن پنهنجن ڪمن سان آيا ويا پئي.سوٽ خان بہ مانڙي ڪري هلندو پنهنجي استاد جي موٽر سائيڪل وٽ اچي بينو.هن پنهنجي ڳچيءَ مان پنهنجو ٿيلهو لاهي موٽر سائيڪل جي هينڊل تي لڙڪايو ۽ کيسي مان بال پين ڪڍي موٽرسائيڪل جي پوئين ٽائر وٽ ويهي رهيو.هن خبرداريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو.ڪنهن جو بہ ڌيان هن ڏانهن نہ هو.پرسان بينل ميوي جي ريڙهي واري جو ڌيانُ بہ پنهنجي گراهڪن ڏي هو.سوٽ خانَ بال پين جي نِب سان ٽائرَ ۾ لڳل سَنهي پِن دَبائِي تہ ٽائرَ مان "شُون شُون" جي آواز سان هوا نڪرڻ شروع ٿي وئي.هوا ڪڍڻ جو اهو طريقو هن ٿي ويءَ تي ڏنو هو.سوٽ خان ڪنهن مهلَ بينڪ جي درَ ڏانهن بہ پئي ڏنو تہ جيئن سندس استاد ٻاهر نڪري تہ ڪيس خبرَ پئجي وجي.پرَ بينڪ جي درَ وٽ ڪير بہ نہ هو.اهي پوليس وارا بہ گم هئا جن کي سوٽ خان روز اتي بينل ڏسندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوٽ خان ٽائر مان هوا ڪڍي اٿيو ۽ اڳين ٽائر ڏانهن وڌيو ئي مسَ ته هن جي ڪَنن ۾ پنهنجي استاد جو ڪاوڙيل آواز پيو..."سوٽ خان"...

سوٽ خان ڇرڪ ڀري سامهون ڏٺو ته ڪيس ڏَڪڻي وٺي وئي.

ٽپال گهر واري آفيس جي درَ تي استاد علي نواز ڪاوڙ وچان هن ڏانهن نهاري رهيو هو.استاد جي هٿ ۾ هڪ وڏو خاڪي رنگ جو لفافو هو.پڪ سان استاد بينڪ نه پرَ ٽپال گهر ۾ ڪنهن ڪم سان آيو هو.

اهو ڇا پيو ڪرين بيوقوف ڇوڪرا؟"استاد جو ڪاوڙيل آواز " ٻڌي سوٽ خان ٻيهر ڏڪي ويو.

سائين اوهان جي گاڏيءَ جي ٽائر مان هوا پيو ڪڍان."سوٽ " خان جي وات مان پاڻ مُرادو نڪري ويو. هن تڪڙ ۾ پنهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو ۽ پوَ مان پنهنجي استاد ڏانهن نهارڻ لڳو.

پر منهنجي گاڏي ته هيءَ آهي."استاد علي نواز پنهنجي " پرسان ئي بيٺل هڪ موٽرسائيڪل ڏانهن اشارو ڪندي چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوٽ خان ڏيانُ ڏنو تہ سندس وات پَٽجي ويو.هن جنهن موٽر سائيڪل جي هوا ڪڍي هئي اها سندس استاد جي نہ پر ڪنهن ٻئي جي هئي. موٽرسائيڪلن جو رنگ هڪ جهڙو هجڻ ڪري سوٽ خان ڀُلجي پيو هو.سوٽ خان کي افسوس ٿيو جو سندس محنت ئي اجائي وئي هئي.

ترس تہ تو کي ڏسان ٿو."استاد علي نواز چيو ۽ سوٽ خان " ڏانهن وڌيو.

اِنَ کان اَڳِ جو استاد علي نواز،سوٽ خان وٽ پهچي کيس دڙڪا ڏِئي ها بينڪ جو در هڪ وڏي آواز سان کُليو ۽ ان مان ٻہ ڄڻا ڊوڙندا ان موٽر سائيڪل ڏانهن وڌيا جنهن جي هوا سوٽ خان ڪڍي هئي.

ٻئي ڄڻا قدَ جا ڊگها هئا ۽ مُنهن تي ٻُٺَ ٻڌل هئن.

سوٽ خان کين ايندو ڏسي ڪجھہ پوئتي ٿي ويو.

هُو ٻئي ڊوڙندا گاڏي وٽ پهتا ۽ گاڏيءَ تي چڙهي ويهي رهيا.

اُهي بہ ڄڻا ڦورو هئا ۽ بينڪ مان پئسا ڦري ڀڄي رهيا هئا.بينڪ ۾ ڪم ڪندڙن ۽ ٻن پوليس وارن کي هنن هڪ ڪمري ۾ واڙي ڇڏيو هو.

استاد علي نواز بہ پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو.

هيءُ وري ڪنهن جو ٿيلهو آهي؟"ٻنهي ڄڻن مان هڪ ماڻهوءَ " موٽرسائيڪل جي هينڊل ۾ لڙڪيل، سوٽ خان جي ٿيلهي کي لاهيندي چڙ مان چيو.

وقت ڪونهي. جلدي ڪر اِجهو پوليس پهتي." پويان وينل " ماڻهوءَ بہ ڪاوڙ مان چيو.ان کي هڪ وڏو ٿيلهو هيو جنهن کي پاڪر ۾ سُڪَ ڪري وينو هو.

اڳيان وينل ماڻهوءَ،سوٽ خان جو اسڪولي ٿيلهو لاهي هيٺ ڦٽي ڪيو ۽ گاڏيءَ کي هلائڻ لاءِ ڪِڪَ هنيائين.

ٿيلهو سڌو اچي سوٽ خان جي پيرن وٽ ڪريو. اهو ڏسي سوٽ خان کي ويتر ڪاوڙ وٺي وئي. کيس پنهنجي استاد جي ڳالهہ ياد آئي.جنهن سيني ٻارن کي سمجهايو هو تہ ڪتابن ۾ پاڪ نالا هوندا آهن.انهن جو وڏ ۾ وڏ ادب ڪرڻ گهرجي ۽ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو ڪاغذ جو ٽڪرو هيٺ پيل هجي تہ ان کي ڪٽي ڪنهن

مٿانهين جاءِ تي رکجي.سوٽ خان پنهنجو ٿيلهو کنيو ۽ ڪاوڙ

وچان موٽرسائيڪل واري ڏي نهاريو.جيڪو موٽر سائيڪل

اسٽارٽ ڪري اڳتي وڌائڻ جي ڪري رهيو هو پر

موٽرسائيڪل جهٽڪو کائي بند ٿي وئي هئي.اهو ڏسي اڳيان

وينل ماڻهوءَ جي ڪاوڙ وڌي وئي.

اَڙي پويون ٽائر تہ پنڪچر آهي."پويان وينل ماڻهوءَ دانهن "

ڪئي.

چا تو چئين؟"اڳيان وينل ماڻهوءَ بہ رڙ ڪئي ۽ ڪنڌ ورائي "

پوئين ٽائر کي ڏسڻ لاءِ ڪجهہ جهڪيو. انهيءَ مهل ئي

ڪاوڙيل سوٽ خان پرسان بيٺل ميوي واري گاڏي تان اَڌَ ڪلو

وارو وَٽُ کنيو ۽ اڳيان وينل ماڻهوءَ کي وهائي ڪڍيائين.

اڳيون ماڻهو جيئن تہ هڪَ پاسي جهڪي ويو هو سو وَٽُ ان کي

لڳڻ بدران پويان وينل ماڻهوءَ کي نَڪَ تي لڳو.ان ماڻهوءَ ڪان

وڏي دانهن نڪتي ۽ هو اُونڌو ٿي وڃي هيٺ ڪريو. هِنَ جي

ايئن ڪِرڻَ تي اڳيان وينل ماڻهو بہ پاڻ کي سَنڀالي نہ سگهيو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽرسائيڪل سوڊو هڪ پاسي وڃي ڦَهڪو ڪيائين.سوٽ خان جي ڇِڪي هنيل وٺَ ٻنهي کي ڪيرائي وڌو هو.

سوٽ خان ڪين ڪرندو ڏسي پڇڻ جو سوچي ئي رهيو هو جو هن پنهنجي استاد کي ڊڪندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو.سوٽ خان کي پڪَ ٿي وئي تہ اجهو وري مارَ ملي.هنَ ڳيٺَ ڏيندي پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ استاد جي ويجهو اچڻَ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

نہ ويندين نڳ. متان ٻار کي هٿ بہ لاتو اٿئي."

سوٽ خان پنهنجي استادَ جو آواز ٻڌو.

هن ڪنڌ کڻي نهاريو تہ اهو ڏسي ڏِڄي ويو تہ هيٺ ڪريل ٻئي ماڻهو اٿي بيٺا هئا ۽ جنهن ماڻهوءَ کي هن وَٺُ اچلائي هنيو هو اُنَ جي نڪ مان رت وهي رهيو هو.جنهن سبب سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو. جڏهن تہ اڳيان وينل ماڻهوءَ جي هٿ ۾ پستول هو. جنهن جي نشاني تي سوٽ خان هو.

پستول ڏسي سوٽ خان کي پنهنجو ساهہ نڪرندي محسوس ٿيو.هن کي پڪ ٿي وئي تہ اِجهو ٿي ڪيس پنهنجي ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرارتَ جي ڪا پوائتي سزا ملي.هن ڏنل نظرن سان پنهنجي استاد ڏانهن نهاريو ۽ اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ ڪيس بچائڻ لاءِ استاد علي نواز ڊڪندي ڊڪندي سُپر مين جيان ٽَپُ ڏنو ۽ سڌو اچي پستول واري ماڻهوءَ سان لڳو. پستول واري ماڻهوءَ جي وات مان هڪ رڙ نڪتي ۽ هو هڪ پاسي وڃي ڪريو.هن جو مٿو زور سان هيٺ پيل سِرَ جي هڪ ٽوٽي سان لڳو ۽ هو اتي ئي بيهوش ٿي ويو.هن جو پستول بہ هٿَ مان ڇڏائجي ڪجھ پريرو ڪِري پيو.جنهن ماڻهوءَ جو رٽُ پئي وهيو انَ پڃڻَ جي ڪئي پر استاد علي نواز کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي هو ٿيلهو ڦٽي ڪري،هٿَ ٻَڌي هيٺ ويهي رهيو.

جلد ئي بين ماڻهن بينڪ ۾ وڃي اتي ڪم ڪندڙن ۽ پوليس وارن کي ٻاهر ڪڍيو.

سيني ماڻهن استاد علي نواز کي شاباس ڏني ۽ سندس بهادريءَ جي ساراهہ پڻ ڪئي.

پئسا ۽ ڦورن کي پوليس وارن حوالي ڪري استاد علي نواز،سوٽ خان کي پنهنجي گاڏيءَ تي ڪنيو ۽ ڪيس سندس گهر آڏو اچي لاٿائين.

ڏنئي سوٽ خان. پنهنجي غلط حرڪت جي ڪري تون ڪيڏي " نہ وڏي مصيبت ۾ ڦاسڻ وارو هئين." استاد علي نواز ،سوٽ خان کي چيو.

سوٽ خان ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو.هن کي خبر پئجي وئي هئي تہ جي استاد علي نواز اتي نہ هجي ها تہ الائجي ڇا ٿي وڃي ها.

سائين مون کي معاف ڪيو. مان ٻيهر اهڙي حرڪت نہ " ڪندس.توهان کي سنو شاگرد ٿي ڏيکاريندس.مان واعدو ٿو ڪيان سائين."سوٽ خان استاد علي نواز آڏو هٿ ٻڌندي چيو.

شاباس پٽ. مون کي پڪ آهي تہ تون هڪ سُلڇڻو ٻار " ٿِي،محنتَ ڪري پنهنجي وڏن جو نالو روشن ڪندي."استاد علي نواز ،سوٽ خان جي مٿي تي هٿ ڦيري چيو ۽ پنهنجي گاڏيءَ تي اڳتي وڌي ويو.

انَ ڏينهن کان پوءِ سوٽ خان بہ شرارتون ڪرڻ کان توبهہ ڪئي ۽ پڙهڻَ ۾ محنت ڪرڻ لڳو تہ جيئن ڪامياب ٿي نہ رڳو پنهنجي ماءُ پيءُ جو پرَ پنهنجي استادَ جو بہ نالو روشن ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "چاچو خميسو ۽ ڏائڻ"

سَوٽ خان اوطاقَ وٽ پهتو ۽ درَ جي اوٽَ مان اندر لِيئو پائي واپس ڊوڙندو پاسي کان بيٺل پنهنجن ٽن دوستن مريد،شهزاد ۽ مدثر وٽ پهتو.

سوٽ خان ڇا ٿيو؟"مدثرَ،سوٽ خان کان پڇيو."

اوطاق ۾ ادا طاهر وارا موبائل پيا ڏسن ۽ چاچو خميسو اڱڻ " ۾ صَندليءَ تي وينو ڪجهه سوچي رهيو آهي."سوٽ خان ٻُڌايو.

ٺيڪ آهي. اچو ته اوطاق ڏانهن هلون.اڄ اسان چاچي خميسي " کي ڊيڄاريندا سين." مريد چيو ۽ سڀ دوست گڏجي اوطاقَ ڏانهن وڌي ويا.

چار ئي ٻار انن کان ڏهن ورهين جي عُمر جا هئا. هو اسڪول ۾ گڏ پڙهڻَ سان گڏ هڪَ ٻئي جا پاڙيسري به هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوطاق سوٽ خان وارن جي هئي.جتي وڏا ڪچهري ۽ ٻار اسڪول کان موٽي رانديون ڪيڏندا ۽ گڏجي اسڪول جو ڪم ٻہ ڪندا هئا.

اهو شام جو وقت هو.اوطاق جو اڱڻُ،بلبَ جي روشنيءَ سبب روشن هو.گرميءَ جي مند هئي پر سجَ لهڻ کان پوءِ لڳندڙ هِيرَ جي ڪري ايتري گرمي ڪو نہ پئي لڳي.

اوطاق جي وڏي اڱڻ ۾ سوٽ خان جو وڏو پٽ طاهر ۽ سندس دوست کٽ تي وينا موبائل ڏسي رهيا هئا. ڪجهہ ئي پرَ پَرو مالُ ٻہ ٻڌو پيو هو.

جڏهن تہ چاچو خميسو نلڪي واري پاسي ڪرسيءَ يا کٿَ بدران ڪاٺَ جي صندليءَ تي وينو هو.

چاچي خميسي جي عمر پنجاهہ سالَ هئي ۽ هُو سوٽ خان وارن جا ڍورَ سنڀاليندو هو.هُو اوطاقَ تي ئي رهندو هو ۽ وارو ملڻَ تي پنهنجي بهادريءَ جا قصا ٻُڌائڻ شروع ڪري ويندو هو.هنَ جي هر قصي ۾ ڪو نہ ڪو جِنُ يا ڏائڻ ضرور هوندي هئي.جنهن سان هي اڪيلو مقابلو ڪري،پنهنجي بهادريءَ سان ان کي ماري ڇڏيندو هو.سڀ کو ڄاڻيندو هو تہ چاچي خميسي جا قصا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿَ سان نهيلَ هوندا آهن.گهٽا ماڻهو ڪيس چوندا بہ هئا تہ هو ڪوڙ پيو ڳالهائي پر چاچو خميسو مڃيندو ئي ڪو نہ هو.سدائين اهو ئي چوندو هو تہ مون جهڙو بهادر سڄي ملڪ ۾ ڪونهي.

اڄ سوٽ خان،مريد،شهزاد ۽ مدثر فيصلو ڪيو هو تہ هو چار ئي ڄڻا،چاچي خميسي جي بهادريءَ جو امتحان وٺندا ۽ چاچي کي ڏيڄارڻَ جي ڪوشش ڪندا.

چاچا السلام عليڪم..."سيني ٻارن گڏجي چاچي خميسي کي " سلام ڪيو.

چاچو خميسي چئني کي ڏسي خوش ٿي ويو.چو جو کيس پنهنجي بهادريءَ جو قصو ٻڌائڻ جو موقعو ملي ويو هو.

وعليڪم السلام ٻارو. اچو اچو ويهو.ڏيو حال احوال،ڪيئن " آيا آهيو؟"چاچي خميسي ٻارن کان پڇيو.

چاچا اسين اوهان کان بهادريءَ جو قصو ٻڌڻَ آيا آهيون."مريد " چيو.

شاباس پٽَ. اجايو رُلڻ کان پلو آهي تہ اوهان منهنجي بهادريءَ " جو قصو ٻڌو ۽ ان مان ڪجھ سبق حاصل ڪيو."چاچي خميسي خوش ٿيندي چيو.

.چئني ٻارن هڪَ ٻِئي ڏي نهاريو ۽ مرڪي هائوڪار ڪيائون

چڱو هاڻي منهنجي آڏو زمين تي ئي ويهو تہ توهان کي هڪ " ڏائڻ سان پنهنجي جهيڙي جو قصو ٻڌايان. توهان ڊڄندؤ تہ نہ."چاچي خميسي پڇيو.

چاچا توهان جهڙو بهادر ماڻهو اسان سان گڏ آهي. اسان ڀلا ڇو " ڊڄنداسين."سوٽ خانَ جو جواب ٻڌي،چاچو خميسو خوش ٿي ويو.

سڀ ٻار هڪ قَطارَ ۾ ويهي رهيا ۽ چاچي خميسي ڏانهن ڏِسڻ لڳا.

چاچي خميسي کنگهي پنهنجو ڳلو صاف ڪيو ۽ قصو شروع ڪيائين..."اڄ کان ڪيترائي سال اڳ جي ڳالھ آهي تہ مان سياري جي مندَ ۾ هتان کان ڪي ڏهَ ڪلوميٽر کن پَري پنهنجي دوست عبداللطيف سان ملڻ ان جي ڳوٺ ويس.مان پنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو هئس ۽ ٽيپهريءَ ڌاري دوست وٽ پهتس. عبداللطيف منهنجو ننڍَپڻُ جو دوست هو ۽ اسان ٻَئي ٻہ توهان جيان ئي پڪا دوست هئاسين. عبداللطيف سان ڪچهريءَ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ وقت گذرڻ جي خبر ئي نہ پئي.سومَهٽيءَ جي آذان ٻڌم تہ خبر پئي تہ ڪيڏو نہ وقت گذري ويو آهي.مان تڪڙ ۾ اٿي عبداللطيف کان موڪلايو.هن گهڻو ئي چيو تہ رات ٽِي وئي آهي،سيءُ بہ اٿئي ترسي پئُہ.پرَ مان سندس ڳالهہ نہ مڃي ۽ شالَ ويڙهي هلڻَ لاءِ اٿيس.اهو ڏسي عبداللطيف مون کي ٽي ڪلو ڪن تازو ڳڙ ڏنو ۽ ڪجهہ پنڌ تائين گڏ هلي نيٺ موڪلائي هليو ويو.انَ وقت ۾ اجان چارج واريون بيٽريون ڪو نہ آيون هيون. سيلن تي هلڻ واريون ٽارچون هونديون هيون.مون وٽ بہ اهڙي ئي ٽارچ هئي.

مان ڪچو رستو ورتيون ويس پئي جو قبرستانَ وٽ،ڪَيڙَ جي وڻن مان ڪارا ڪپڙا پاتل هڪ مائي نڪري منهنجي سامهون اچي بيٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو ڪو هجي ها تہ دانهون ڪندو ڏُکَ ڪٽي پري ها پر سائين

اهو مان هئس خميسو خان سو ڊڪڻ بدران اتي ئي ويهي رهيس

"۽ ڪاوڙ مان پڇيومانس "مائي ڪير آهين؟ڇا ڪپئي؟

اهو ڳڙ مون کي ڏي نہ تہ خير نہ اٿئي."مائيءَ پوائتي آواز ۾ "

چيو.

هي تہ منهنجي پياري دوستَ مون کي سوکڙيءَ ۾ ڏنو آهي تو "

کي ڇو ڏيان؟"مان پڇيو.

او ڇريا خبر نہ اٿئي تہ مان سئو سالن جي ڏائڻ آهيان.هنيانءُ "

ڪڍي ڪائي ويندي سانءِ.ڏي اهو ڳڙ مون کي."ڏائڻ ڪاوڙ مان

دانهن ڪئي.

مان بہ ڳوٺ سانوڻ آباد جو خميسو خان آهيان. جنهن وڏن وڏن "

جِنن کي ڏُوڙ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. هل هتان تہ ڪٿي تو سان بہ

.ساڳي جُٺ نہ ڪيان." مان بہ ڪاوڙ وچان چيو

.اهو ٻُڌي ڏائڻ پوائتا آوازَ ڪيندي مون ڏانهن اچڻ لڳي

ڪيس پاڻَ ڏانهن ايندو ڏسي مان ڳڙ ۽ تارچُ پنهنجي وڏِي شالَ ۾

هٿيڪا ڪيا ۽ ڏائڻ ڏانهن ڏسڻ لڳس. ڏائڻ منهنجي ويجهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچندي ئي هوا ۾ ٽَپُ ڏنو ۽ اُڏامندي مون وٽ پهچي پنهنجا ڏِگهن نَنهَن وارا هٿَ وڌائي منهنجِي ڳِچي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي.پر سائين مان بہ خميسو خان آهيان سو ڪٽي ٿو وٺُ ڏيانس.مان بہ دير نہ ڪئي ۽ ڳُهٽَ هٽي ڏائڻ جي هينان نڪري پٺيان پهتو مانس.انَ ڪان اڳِ جو هُوءَ مون ڏانهن ڦِري ها،ڪيس ٻنهي پيرن ڪان پڪڙيم ۽ گول گول گهمائڻ شروع ڪيو مانس.ڏائڻ اچي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون پرَ مان بس نہ ڪيم.ڪيس گهمائي گهمائي هٿَ جو ڪديامانس تہ ڪَپڙَ جي وڻن جي چوٽين جي بہ مٿان ٿيندي نہ ڄاڻ ڪٿي وڃي ڪِري ۽ اڄ ڏينهن تائين وري ناهي موٽي.اصل ڏاڍا ڪيي ڇڏيامانس".

چاچي خميسي قصو پورو ڪري هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ۽ ٻارن ڏانهن نِهارڻ لڳو.

مدثر،سوٽ خان کي ٺُونٺِ هٽي اشارو ڪيو.سوٽ خانَ شهزاد ۽ مريد ڏانهن نهاريو.اُنهن بہ سوٽ خانَ کي اشارو ڪيو.

ان ڪان اڳِ جو چاچو خميسو وڌيڪ ڪجهہ چَئي ها، سوٽ خانَ وڏي آواز ۾ پڇيو..."چاچا چاچا...چا ان ڏائڻ جون اکيون ڇِٻري جهڙيون هيون".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها بلڪل هيون."چاچي خميسي حيرتَ مان چيو".

۽ رنگ ڪاري رِڃ جهڙو؟"شهزاد بہ سوٽ خان وانگر پڇيو".

ها برابر."چاچي خميسي چيو".

قد اُٺ جيڏو." مريد بہ وارو وٺندي پڇيو".

هنَ ڀيري چاچي خميسي رڳو هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

ڏندَ هاٿيءَ جيان ٻاهر هئس؟"مدثرَ پنهنجا ڏند چپن مان " ڏيکاري چيو.

ها...ٻارو اها ڏائڻ اهڙي ئي ڀوائتي هئي."چاچي خميسي جو " جواب ٻڌي چار ئي ٻارَ اُتي ئي ٻيهي رهيا. چاچو خميسو ڪين اٿندو ڏسي وائڙو ٿي ويو.

سوٽ خانَ چاچي خميسي ڪي سندس پنئين پاسي آڱر سان اشارو ڪندي ڏاڍيان چيو..."پوءِ تہ پاڻَ ڪي بچايو چاچا.اها ڏائڻ تہ توهان جي صفا پنيان بيٺي آهي".

چا!!!سچ؟؟؟"چاچي خميسي ڇِرڪ ڀريندي چيو ۽ ٻي گهڙي " تڪڙ ۾ اُٿيو ۽ بنا پوئتي ڏسڻَ جي دانهون ڪندو،ڊُڪندو اوطاقَ مان ٻاهر نڪري ويو.

سوٽ خان،مريد،شهزاد ۽ مدثر ٿڪ ڏيڻ لڳا.

اها ڳالهه پاڙي اوڙي ۾ به مشهور ٿي وئي.ڇو جو سوٽ خان جي وڏي ڀاءُ طاهر پنهنجي موبائل تي ان سموري واقعي جي وڊيو به ٺاهي ورتي هئي.

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ چاچي خميسي پنهنجي بهادريءَ جا ڪوڙا قصا ٻڌائڻ کان توبهه ڪري ڇڏي ۽ سوٽ خان کي ڏسندي ئي چوندو هو ته توکي سُوٽ خان نه پرَ ڀُوت خان سڏڻ گهرجي.

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## "هوم ورڪ"

سُوٽ خان ڪيترو بہ شرارتي آهي پرَ هن ۾ ڪي سنيون عادتون بہ آهن.جن مان هڪ اها آهي تہ هو روز صبح جو سويرَ اُٿي پنهنجي پيءُ سان گڏ فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ويندو آهي ۽ مولوي صاحب کان قرآن شريف جو سبق وٺي پوءِ موٽندو آهي.ان ڳالهہ تي سڀ گهرَ ڀاتي کيس ڏاڍي شاباس ڏيندا آهن.

اُنَ ڏينهن آچر هو.سوٽ خان روز جيان پنهنجي پيءُ سان گڏ نماز پڙهي ۽ قرآن شريف جو سبق پڙ ورتو.موٽَ تي چاچي علي بخش جي دوڪان تان پاپا ۽ بسڪوٽ وٺي هُو ٻئي گهر موٽي آيا،جتي سوٽ خان جي امڙ چانهہ ڪاڙهي ڇڏي هئي. چانهہ سان گڏ پاپو کائيندي سوٽ خان کنهن سوچ ۾ گم هو.اهو ڏسي سوٽ خان جي پيءُ هن کان پڇيو..."پٽَ ڇا پيو سوچين.ڪُجهہ کپئي ڇا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ بابا مون کي ڪجھ نہ ڪيپي. منھنجي استاد مون کي گھرو " ڪم (هوم ورڪ) ڏنو آهي انَ لاءِ پيو سوچيان."سوٽ خان پاڻ چانھ ۾ ٻوڙيندي چيو.

صُفحا لکڻَ ۾ سبقُ ياد ڪرڻ جو ڪم ڏنو هوندائين؟"امڙ " پڇيو.

ها امان،سائينءَ اِهو سڀ تہ ڏنو آهي. سليٽ بہ لکڻي آهي.پرَ " ڪجھ ٻِيو بہ چيو آهي سائينءَ".

سوٽ خان چيو

ٻيو ڪھڙو ڪم؟"سوٽ خان جي پيءُ پڇيو"

بابا سائينءَ چيو آهي تہ آچر تي موڪلَ هوندي آهي. سو سڀني " ٻارن کي اهو بہ هوم ورڪ ڏيان ٿو تہ توهان ڪو بہ سٺو ڪم ڪري اچجو.جنھن جو ٻُڌايل ڪم سڀني کان سٺو هوندو ان کي نيري ۽ ڳاڙهي رنگَ جون بال پينون انعام ۾ ملنديون."سوٽ خان ٻڌايو.

پٽَ اِهو تہ ڏاڍو سؤلو هوم ورڪ آهي. تون تہ آهي ئي سنو " ٻار.سو مون کي پڪَ آهي تہ انعام تون ئي کٽيندين."سوٽ خان جي امڙ هنَ جو نِرڙ چمندي چيو.

سوٽ خان هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چانهہ پيئڻ لڳو.

چانهہ کان واندو ٿي سوٽ خان رليءَ تي ڪِريل پاپڻ ۽ بسڪوٽن جي ڀورِ،ٻَسيءِ(ساسر)َ ۾ رکي ۽ اها اڱڻَ ۾ نِم جي وڻ وٽ ڪِولين جي ٻرَ وٽ هاري آيو. تہ جيئن ڪِوليون اها ڀورِ کائي ڇڏين.ان کان پوءِ هنَ چانهہ جا ٿانوَ ڪٺائڻَ ۾ امڙ جي مدد ڪئي ۽ واندو ٿِي پنهنجا ڪتابَ ڪاپيون کڻي استاد جو ڏنل،لکڻ وارو هوم ورڪ پورو ڪرڻَ لڳو.اهو پورو ڪري هو ڪجهہ دير لاءِ اتي ئي ليٽي پيو  تہ ڪيس ننڊَ وٺي وئي.

گهڻي دير کان پوءِ جڏهن هن جي ڀاءُ طاهرَ ڪيس جاڳايو تہ رڌڻي مان اوڦراٽن جي خوشبوءِ پئي آئي.هُو سمجهي ويو تہ امڙ،نيرن تيار ڪري ورتي آهي.

سوٽ خان رڌڻي ۾ آيو جتي طاهر ۽ اديون سسئي، ثنا ۽ صبا امڙ کان نيرن وٺي رهيا هئا.

امان مونکي رات جي بچيل پاڄي ۽ اوڦراتو کپي. مان بيدو نہ " کائيندس."سوٿ خان اکيون مهٽيندي چيو.

پٽ مان تنهنجي لاءِ بيدو تَري چڙهيو آهي. اهو ئي کاءُ.هونءَ بہ " رات واري بچيل پاڄي فرج ۾ رکڻ وسري وئي هئي سو خراب ٿي وئي آهي.گرمي آهي نہ پٽَ."امڙ،سوٿ خان کي ٻُڌايو.

ٺيڪ آهي امان."سوٿ خان چيو".

سوٿ خان جي امڙ نَنڍڙي اوڦراٽي تي بيدو رکي کيس ڏنو.نيرن ڏسي سوٿ خان جون اکيون چمڪڻ لڳيون.اوڦراٽي جي خوشبوءَ هن جي بکَ وڌائي ڇڏي.هُو پنهنجي نيرن واري پليٽَ کڻي اڱڻَ ۾ رکيل کٽَ تي اچي وينو ۽ بسم الله ڪري کائڻَ لڳو.اڱڻ ۾ اُسَ تِکي ٿيڻ لڳي هئي پرَ ٽڏڙي هيرَ ۽ وڻَ تي وينل پکين جون ٻوليون سوٿ خان کي سکون ڏئي رهيون هيون.هنن جي گهرَ جو اڱڻ ڏاڍو ويڪرو هو.نم جي گهاٽي وڻَ جي ڪري اتي سٺي ڇانوَ هوندي هئي ۽ اُتي ويهڻ ۾ سوٿ خان کي مزو ايندو هو.

سوٿ خان مزي مزي سان نيرن پوري ڪئي.بيدو تہ هنَ سمورو کائي ڇڏيو هو پر اوڦراٽي جو ننڍڙو ٽُڪرو بچي پيو هو.هنَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ ڪيس وڻ جي ٽارين ۽ پٽ تي وينل ڪيترائي پکي نظر آيا.جيڪي پنهنجي پنهنجي ٻولي ٻوليندا ٽينگ ٽپا ڏئي رهيا هئا.سوٽ خان مرڪي پيو.هن ڪي پنهنجو وڻُ ۽ انَ جي ٽارين تي آکيرن ۾ رهندڙ پکي ڏاڍا پيارا هئا.سوٽ خان پنهنجي ٻچپل اوقراتي جا ننڍا ننڍا ٽڪر ڪيا ۽ وڻَ جي پاڙَ وٽ زمين تي رکي ڇڏيا.ٿانوَ رکڻ لاءِ رڌڻي ڏانهن ويندي هنَ جڏهن مُڙي وڻَ ڏانهن نهاريو تہ سندس دل خوش ٿي وئي.ٽارين ۽ پٽ تي وينل سمورا پکي،وڻَ جي پاڙَ وٽ گڏ ٿي ويا هئا ۽ مانيءَ جا ٽڪر چُڳي(کائِي) رهيا هئا.

انهيءَ مهلَ ئي سوٽ خان جي نظر وڻَ جي ٿُڙَ ۾ سوراخَ تي پئي.جنهن مان ڳاڙهي ڇُهنبَ وارو ڇَتون سوٽ خان ڏانهن نهاري رهيو هو.

اَڙي مِنو تہ رهجي ويو."سوٽ خان ڏاڍيان چيو".

ڇا ٿيو ادڙا؟"سوٽ خان جي وڏي ڀيڻ سسئي پڇيو".

ادي،مان اوقراتي جو ٻچپل حصو ٽڪرا ڪري پکين کي ڏنو " پرَ منو رهجي ويو."سوٽ خان رڌڻي ۾ اچي چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي هي وٽ ادڙا مان بہ ٽڪرو بچايو آهي."سوٽ خان جي بي " پيڻ ٿنا چيو.ايئن صبا بہ ڪيس پنهنجي اوقراتي مان ٽڪرو ڏنو.

سوٽ خان ٻَئي ٽڪرا ورتا ۽ خوشيءَ وچان وڻَ ڏانهن وڌيو.

چتون ڪيس پاڻَ ڏانهن ايندو ڏسي سوراخ ۾ اندر لهي ويو.

مِنو ڊِڄ نہ،مان تو کي ڪجهہ بہ نہ ڪندس. مان تہ تنهنجي " حصي جو اوقراتو ڪٽي آيو آهيان."سوٽ خان چيو ۽ وڻَ جي ٿُڙَ وٽ ڪرسي رکي ان تي چڙهيو ۽ اوقراتي جا ٽڪرا چَتُونءَ جي گهرَ (ٿُڙَ جي سوراخَ) ۾ وِجهي ڇڏيا.

چَتُونءَ کي کاڌو ڏئي سوٽ خان ڪٿَ تي ويهي پنهنجي هوم ورڪ بابت سوچڻ لڳو.ڪيتري ئي دير تائين سوچڻ کان پوءِ بہ ڪيس سنئي ڪم ڪرڻَ وارو هوم ورڪ سمجهہ ۾ نہ آيو.

چو نہ مريد،مدثر ۽ شهزاد وارن ڏي وڃان. متان اهي ان هوم " ورڪ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪن." پنهنجي سوچيلَ اِها صلاح ڪيس ڏاڍي وڻي.توڙي جو سوٽ خان جا دوست ٻئين ڪلاس جا شاگرد هئا ۽ سوٽ خان ٽئين ڪلاس ۾ هو پر ڪيس يقين هو تہ اُهي سندس ڪم ضرور ايندا.

هُو رڏٽي ۾ آيو ۽ امڙ کان دوستن ڏانهن وڃڻ جي اجازت گهريائين.

نيڪ آهي پٽ يلي وچ پرَ پهريان هي راتوڪي خراب ٿي ويل " ڀاڄي ٻاهر ڪتي پاسي تي هاري اچُ."امڙ چيو.

جي امان."سوٽ خان چيو ۽ ٻوڙَ واري پليٽَ کڻي ٻاهر نڪري " آيو.

گهٽيءَ ۾ اچي سوٽ خان ڪا اهڙي جاءِ ڳولڻ لڳو جتي هو ٻوڙ هاري سگهي ۽ اُنَ جي بي ادبي بہ نہ ٿئي.تڏهن ئي سندس نظرَ اُنَ ڪتي تي پئي جيڪو گهٽي ڀاڳي سندن پاڙي ۾ ئي گهمندو رهندو هو. ڪتو ان مهل هڪ گهر جي پٽ جي ڇانوَ ۾ پنهنجو مُنهن اڳين ٻن ٽنگن تي رکيون ليٽيو پيو هو.ڪتي جي نظرَ جيئن ئي سوٽ خان تي پئي هن پنهنجو منهن مٿي کنيو ۽ پُڇُ لوڏڻَ لڳو.سوٽ خان هٿَ ۾ جهليل پليٽ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ اڳتي وڌي ڪتي کان ڪجهہ پاسي تي ٻوڙ هيٺ زمين تي هاري ڇڏيو.ڪتو،سوٽ خان جي پرتي ويندي ئي اُتي اڳتي وڌيو ۽ ٻوڙ کائڻ شروع ڪري ڏنائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوٽ خان خوشي خوشي گهر موٽي آيو ۽ پليٽ امڙ کي ڏئي موڪلائي وري گهر مان نڪري آيو.

سندس ٽئي دوست ٻه ڪهتيون ڇڏي رهندا هئا. پنهنجي دوستن واري گهٽيءَ کان اڳ ۾ سوٽ خان جي نظر پنهنجي پاڙيسري چاچا حاڪم عليءَ تي پئي جيڪو لَٺِ هٿ ۾ جهلي وڏي روڊَ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ وٽ بيٺو هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو. سوٽ خانَ جي ذهنَ ۾ آيو ته جي مان چاچا حاڪم عليءَ کي روڊ پار ڪرايان ته اهو به سٺو ڪم چئبو ۽ مان پنهنجي استاد کي به ٻڌائي سگهان ٿو.اها ڳالهه سوٽ خان کي وڻي ۽ هو چاچي حاڪم عليءَ ڏانهن وڌي ويو.

السلام عليڪم چاچا سائين."سوٽ خان چاچي وٽ پهچي چيو"

وعليڪم السلام پٽَ"چاچي حاڪم عليءَ چيو".

چاچا چا مان توهان کي روڊ پار ڪرايان. مان توهان کي خيال " سان روڊ پار ڪرائيندس."سوٽ خان ادب مان پڇيو.

نه پٽ. مون کي روڊ پار ناهي ڪرڻو.مان ته هتي بيهي هوا جو " مزو پيو وٺان.تنهنجي مهرباني پٽ." چاچي حاڪم عليءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ٻڌي سوٽ خان ماٺ ڪري پنهنجي واٽ تي هلڻ لڳو.هنَ ڪي سنو ڪم ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو هو.

سوٽ خان وري دوستن جي گهرن ڏانهن وڃڻ لڳو تہ جيئن سندن مدد سان پنهنجو هوم ورڪ پورو ڪري سگهي.

جنهن وقت هو چاچي علي بخش جي دوڪان وٽان لنگهيو تہ سندس نظر دوڪان جي ڊِڪي وٽ بيٺل ماسي آمنت تي پئي.جنهن جي پيرن وٽ ٿي سامان سان پريل ٿيلهيون پيل هيون.ماسي آمنت ڏاڍي ضعيف هئي ۽ سوٽ خان جي پاڙي ۾ ئي رهندي هئي.

اهو ڏسي سوٽ خان سوچيو تہ جي مان ماسي آمنت جو سودو کڻي سندس گهر پهچايان تہ اهو بہ سنو ڪم سڏبو ۽ استاد ضرور شاباس ڏيندو.

ماسي ماسي ڇا مان توهان ڪي سودو گهر تائين ڪڻائي " هلان؟مان خيال سان کڻي هلندس تہ جيئن ٿيلهيون ڦاٽن نہ."سوٽ خان،ماسيءَ کي سلام ڪرڻ کان پوءِ پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجان ماسي آمنت کو جواب بہ نہ ڏنو هو جو دوڪان مان اندران هڪ ماڻهو نڪتو ۽ هڪ وڏي ٿيلهيءَ ۾ هيٺ رکيل سڀ ٿيلهيون وجهي اڳتي وڌي ويو.

پٽَ سوٽ خان اهو منهنجو سودو نہ هو. مان تہ ڏهين واري " لوڻ جي ٿيلهي وٺڻ آئي آهيان ۽ اها مان پاڻ کڻي سگهان ٿي.تون پلي وڃ ٻچا."ماسي آمنت جو جواب ٻڌي سوٽ خان هڪ پيرو وري پنهنجن دوستن ڏانهن وڃڻ لڳو.

لڳي ٿو تہ مان انعام نہ کٽي سگهندس."سوٽ خان هلندي " هلندي سوچيو.

هُو مريد وارن جي گهٽيءَ وٽ مسَ پهتو جو هڪَ ماڻهوءَ کيس سڏ ڪيو ۽ غلام فريد جي گهر جو ڏسُ پڇيو.غلام فريد،مريد جي پيءُ جو نالو هو.

ها چاچا مان بہ اوڏانهن ئي وڃان پيو.اچو تہ توهان کي بہ وٺي " هلان."سوٽ خان پنهنجي سوچ ۾ چيو ۽ انَ ماڻهوءَ کي وٺي مريد وارن جي درَ تي اچي پهتو.هنَ اندر وڃي مريد جي پيءُ چاچي غلام فريد کي باهر بيٺل ماڻهوءَ لاءِ ٻڌايو ۽ پاڻ بہ مريد کي ساڻُ وٺي شهزاد ۽ مدثر وارن ڏي هليو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار ئي دوست گهڻو وقت سوٽ خان وارن جي اوطاق تي
ڪيڏندا رهيا.منجهند جي ماني به اتي ئي گڏ کاڌائون.

راند روند جي ڪري سوٽ خان کان پنهنجو هوم ورڪ به چڻ ته
وسري ويو.

ايئن سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ شامَ جو پنهنجي وڏي ڀاءُ طاهر
سان گڏ پنهنجن دوستن کي انهن جي گهرن وٽ ڇڏي سوٽ خان
موٽي آيو.

رات جو جڏهن سڀ گهرَ ڀاتي سمهڻَ لاءِ اگڻ ۾ کٽُن تي اچي
ليٽيا ته سوٽ خانَ کي پنهنجو هوم ورڪ ياد آيو ۽ هُو ذري
گهٽ روئڻ جهڙو ٿي ويو.هنَ کي ڏک هو ته سڄي ڏينهن ۾ هنَ
ڪو به سنو ڪم نه ڪيو هو ۽ هاڻ هُو انعام حاصل نه ڪري
سگهندو.

پٽَ هاڻي سُمهي پَئہ."هنَ جي امڙ،ڪيس وينل ڏسي چيو".

سوٽ خان ڪنهن ڳڻتيءَ ۾ ٿو لڳي."طاهر پنهنجي کٽَ تان "
اُٿي،سوٽ خان جي پرسان ويهندي چيو.

ڇو ڀلا ڇا ٿيو آهي ادڙا؟"صبا پڇيو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوت خان کين پنهنجي استاد جي ڏنل هوم ورڪ بابت ٻڌايو.

منهنجا سهڻا ياءُ تون اسان کي پنهنجي اچوکي ڏينهن جي " باري ۾ ٻڌاءِ تہ اهو تون ڪيئن گذاريو آهي. متان اسان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهون." سسئي بہ اُتي اچي سوت خان جي پرسان ويهندي چيو.

سوت خان خوش ٿي ويو.هي پنجَ ئي يائر پينر هڪ ٻئي سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا ۽ هر تڪليف ۾ گڏ گڏ هوندا هئا.

سوت خان صبح کان وٺي شام تائين جيئن بہ وقت گذاريو هو پنهنجي ياءُ ۽ پينرن کي ٻڌايو ۽ انهن ڏانهن ڏسڻ لڳو تہ هاڻ اهي ڇا ٿا چون.

هن جي ڳالهہ ٻڌي سڀ مرڪڻ لڳا.

سوت خان تنهنجو هوم ورڪ تہ ٿي ويو آهي. پوءِ بہ ڳڻتي ٿو " ڪرين!"ثنا چيو.

اهو ڪيئن ادي! ؟"سوت خان حيران ٿيندي پڇيو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون پنھنجي ھوم ورڪ جي ڳڻتيءَ ۾ ڌيان ئي ناھي ڏنو تہ "
تون پنھنجو ھوم ورڪ ڪري ڇڏيو آھي ادڙا."صبا جي ڳالھ
ٻڌي سوٽ خان وائڙو ٿي ويو.

ڏس سوٽ خان تون نماز پڙھي ۽ قرآن شريف جو سبق ورتو "
اھي بہ تہ سٺا ڪم آھن ۽ تون پاڻ ۽ بسڪوٽن جي پور اتي ئي
ڇڏڻَ بدران ڪِولين کي ڏني. بچيل مانيءَ جا ٽڪرا اُڇلايا نہ پرَ
پکين کي ڏنا ۽ خراب ٿي ويل ٻوڙ ھارڻ بدران ڪتي کي
ڏنو.چاچي حاڪم عليءَ ۽ ماسي آمنت کان مدد لاءِ پڇيو.ھڪ
ماڻھوءَ کي صحيح ڏسُ ڏنو.اھي بہ تہ سٺا ڪم آھن نہ.تون تہ
پنھنجو ھوم ورڪ ڏاڍي سٺي نموني پورو ڪري ڇڏيو
آھي.مون کي پڪ آھيَ تہ تنھنجو استاد تو کي ئي انعام ڏيندو.
"طاھر،سوٽ خان کي ڀاڪر پائيندي چيو.

سچ ادا؟" سوٽ خان طاھر کي ڳلَ تي چمي ڏئي چيو".

ھا سچ سوٽ خان."طاھر چيو".

اڙي واھ مون ھوم ورڪ ڪري ڇڏيو ۽ مون کي خبر ئي نہ "
پئي."سوٽ خان خوشيءَ ۾ ٽَھڪ ڏئي چيو.

ادڙا سنن ٻارن کي سنا ڪم ڪرڻ جي عادت هوندي "

آهي،انهيءَ ڪري ڪين خبر ئي ناهي پوندي تہ هنن ڪيترا سنا

ڪم ڪيا آهن."صبا چيو.

سوٽ خان جي منهن تي مرڪ هئي ۽ اکين ۾ روشني.ڇو جو

پنهنجي پاءُ ۽ پيئرن جون ڳالهيون ٻُڌي کيس پڪَ ٿي وئي هئي

تہ هنَ کي پنهنجي هوم ورڪ تي انعام ضرور ملندو.

$$$$$$$$$$$$$$

# "ثمرَ جي ڏاڏا بابا جو دوست"

ثَمر پنهنجي ڏاڏا بابا جي گهر اچي ڏاڍو خوش ٿيو هو.

هنَ کي پنهنجي ڏاڏا بابا،ڏاڏي امان ۽ چاچي الطاف سان پيار هو ۽ هتي اچي هو ڏاڍو سٺو وقت گذاريندو هو.

ڏاڏا بابا جي گهر ۾ ٽي ڪمرا،ورانڊو ۽ ويڪرو اڱڻ بہ هو.اڱڻ ۾ هڪ نِم جو ۽ بہ سَرِنهن جا ساوا ۽ گهاٽا وڻ هئا.جن تي ڪيترائي پکي منيون ٻوليون ٻوليندا هئا. انهن وڻن ۾ ڪيترن ئي پکين جا آکيرا پڻ هئا.

اسڪولَ کان گرمين جي موڪل ٿي هئي.ثمرَ جو پيءُ،ثمرَ ۽ سندس ماءُ کي اتي ڇڏي پاڻَ سکر شهر موٽي ويو هو.هُو سکرَ ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ ثمر وارا سکر ۾ ئي رهندا هئا.

ثمر پنهنجي اسڪول ۾ ٻئين ڪلاس جو شاگرد هو.هُو نہ رڳو پڙهڻ ۾ هوشيار هو پر هڪ سلڇڻو ڇوڪرو هو.ان ڪري ئي ڪيس سندس استادَ ۽ ٻيا مٽ مائٽ ڏاڍو پائيندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ پهچي ثمر سموري گهر ۾ پنهنجي چاچي الطاف کي ڳوليو پر چاچا کيس ڪٿي به ڏسڻ ۾ نہ آيو.

ڏاڏا بابا،چاچا الطاف ڪٿي آهي؟"ثمرَ ڏاڏا بابا کان پڇيو".

تنهنجو چاچو پنهنجن دوستن ڏي گهمڻ ويو آهي. ڪجهہ " ڏينهن ۾ واپس موٽي ايندو."ڏاڏا بابا،ثمر کي ٻڌايو.

اهو ٻڌي ثمر ڪجهہ اداس ٿي ويو.ڇو جو هُو جڏهن بہ پنهنجي ڏاڏا بابا جي گهر ايندو هو تہ چاچا الطاف کيس ڏاڍو گهمائيندو هو.ڪڏهن ٻنين تي تہ ڪڏهن ڳوٺ ۾ لڳل ميلي تي وٺي ويندو هو. ثمر ۽ چاچا الطاف گڏجي ڪيتريون ئي رانديون ڪيڏندا هئا ۽ چاچا،ثمرَ کي رات جو سمهڻ مهل سنيون سنيون ڪهاڻيون بہ ٻڌائيندو هو.ايئن ثمر جو هتي وقت سٺو گذرندو هو.هنَ ڀيري چاچا الطاف جي نہ هجڻ ڪري ثمر جا ٻہ ڏينهن تہ ڪيئن بہ ڪري گذري ويا پرَ هاڻ کيس مزو نہ پئي آيو.ڏاڏي امان ۽ ثمرَ جي امڙ گهرَ جي ڪم ڪار ۾ لڳيون پيون هونديون هيون يا پاڻَ ۾ ڪچهري ڪنديون هيون ۽ ڏاڏا بابا سڄو ڏينهن ڪتابَ پيو پڙهندو هو.گهر ۾ ٻيو ڪو ٻار نہ هجڻ ڪري ثمر کي مزو ئي ڪو نہ پئي آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن ثمر پنهنجي ڏاڏا بابا ڏانهن ويو.ڏاڏا بابا انَ مهلَ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو.

ڏاڏا بابا توهان نوڪري تي ناهيو ويندا؟"ثمر پڇيو".

ڏاڏا بابا مرڪندي ثمر ڏانهن نهاريو ۽ ڪتاب ميزَ تي رکي،ثمر کي پنهنجي هنجَ ۾ ويهاريندي چيو...

پٽَ مان بہ تنهنجي پيءُ معراج الدين وانگر نوڪري ڪندو " هئس.پَرَ هاڻي منهنجي نوڪريءَ جو مقرر وقت پورو ٿي ويو آهي،تنهن ڪري ناهيان ويندو.

ڏاڏا بابا توهان گهرَ ۾ ويهي تنگ ناهيو ٿيندا؟"ثمر چيو".

منهنجو دوست جو مون سان گڏ هوندو آهي،انَ ڪري منهنجو " وقت تہ ڏاڍو سنو گذري ويندو آهي.

ڏاڏا بابا جو جواب ٻڌي ثمرَ کي ڪجهہ حيرت ٿي. هُو ٽَپُ ڏئي ڏاڏا بابا جي هنجَ مان لٿو ۽ سڄي ڪمري ۾ نهاريائين پرَ ڪيس ڏاڏا بابا جو ڪو بہ دوست ڏسڻ ۾ نہ آيو.

پرَ توهان سان گڏ تہ ڪو بہ دوست ناهي. ڇا هنَ مهل توهان جو " دوست هتي ناهي؟"ثمر پڇيو.

هنَ مهلَ ۾ منهنجو دوست هتي ئي آهي. تون چڱي نموني " ڏس."ڏاڏا بابا مرڪندي چيو.

اهو ٻڌي ثمر اڳتي وڌيو ۽ ڏاڏا بابا جي ڪمري ۾ رکيل ڪٽن ۽ ميز جي هيٺان ڏسڻ لڳو پر ڪيس ڏاڏا بابا جو دوست نظر نہ آيو.

ڏاڏا بابا،ثمر جي حرڪتن تي دل ئي دل ۾ کلي رهيو هو.

ثمر سوچيو تہ متان ڏاڏا بابا جو دوست اوطاقَ واري ڪمري ۾ ويٺل هجي.اهو سوچي هو تڪڙو ڪمري مان نڪتو ۽ اڱڻ ۾ نهيلَ اوطاقَ واري ڪمري ڏانهن وڌي ويو.

اوطاقَ واري ڪمري ۾ بہ ڏاڏا بابا جو دوست نہ هو.

هُو اوطاقَ مان نڪتو تہ ڪيس اڱڻ ۾ سَرِنهن جي وڻ جي هڪَ ٽاريءَ تي اهو چِتُون ويٺل نظر آيو جيڪو انهيءَ وڻَ ۾ نهيل سوراخ ۾ رهندو هو.چِتون ان مهل ڪنهن شئي کي پنهنجي هڪ پيرَ هيٺان دٻائي پنهنجي ڳاڙهي چُهنبَ سان ان کي پٽي ڪائي رهيو هو.

متان اهو ڏاڏا بابا جو دوست هجي."ثمر سوچيو ۽ پوءِ وڻ کي " ويجهو ٿي ڪنڌ مٿي ڪٽي چيائين...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مِنُو مِنُو ڇا تون منهنجي ڏاڏا بابا جو دوست آهين؟"

ڇِتُونءَ ڪاٺڻ بند ڪري ثمر ڏانهن نهاريو ۽ ٻِي گھڙِي

"ٽِين...ٽين" ڪندي،هڪ تاريءَ تان ٻي تاريءَ تي نينگ ٽپا

ڏيندو وڻ جي ٿُڙَ ۾ پنهنجي گھرَ واري سوراخ ۾ لهي اتان

مُنڍي ڪڍي ثمر ڏانهن نهارڻ لڳو.

ثمر سمجھي ويو تہ اهو ڇِتُون ڏاڏا بابا جو دوست ناهي.هُو

جيئن ئي مڙيو تہ کيس گھرَ جي ٻاهرين پِٽِ تي پُوري ٻلي ڏسڻَ

۾ آئي.جيڪا ثمر ڏانهن ئي نهاري رهي هئي.اها ٻلي بہ ڏينهن

۽ رات جو گھڻو وقت ان پٽ تي ئي گھمندي ڦرندي هئي.

ثمر پٽ ڏانهن ڊوڙندي چيو..."ٻلي ٻلي ڇا تون منهنجي ڏاڏا بابا

"جي دوست آهين؟

ٻليءَ ڊپَ وچان ثمر ڏانهن نهاريو ۽ "ميائون

ميائون"ڪندي،ڊوڙندي پاڙي وارن جي پِٽِ تي ٽِپي وئي.

ثمر کيس ويندو ڏسي سوچڻَ لڳو تہ آخر ڏاڏا بابا جو اهو ڪهڙو

دوست آهي جنهن سان ڏاڏا بابا سڄو ڏينهن گڏ هوندو آهي ۽

سندس وقت سُنو گذري ويندو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو ثمرَ کي چاچا عظيمَ ياد اچي ويو.

اَڙي ها...متان چاچا عظيم،ڏاڏا بابا جو اهو دوست هجي."ثمر "

خوش ٿيندي سوچيو.

چاچا عظيم،ڏاڏا بابا جي گهرَ کان هڪَ گهٽي ڇڏي ٻيءَ گهٽيءَ

۾ رهندو هو.اتي ئي سندس دوڪان هو. ڏاڏا بابا،چاچا عظيم

جي دوڪان تان ئي گهرَ جو سودو وٺندو هو.ثمر بہ ڪيترائي

ڀيرا ڏاڏا بابا سان گڏ چاچا عظيم جي دوڪان تي وڃي چڪو هو

ثمر پنهنجي امڙ کان اجازت وٺي،چاچا عظيم جي دوڪان تي

پهتو.

چاچا عظيم جي دوڪان تي ضرورت جون سڀ شيون ملنديون

هيون.

انَ مهلَ چاچا عظيم دوڪان تي اڪيلو هو.

السلام عليڪم چاچا."ثمر،چاچا عظيم جي آڏو بيهي ادب مان "

چيو.

وعليڪم السلام ثمر پٽَ. ڏي خبر ڪيئن آيو آهين، ڪجهہ "

کپي تو کي؟"چاچا عظيم پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ چاچا مون کي ڪجهہ بہ نہ ڪيي. رڳو توهان کان هڪ ڳالهہ "

پُڇڻي آهي."ثمر چيو.

ها پُٽ يلي پُڇُ. پرَ ڏکيو سوال نہ ڪجان."چاچا عظيم "

مرڪندي چيو.

پوءِ تہ .چاچا صفا سؤلو سوال پڇندس."ثمر بہ مرڪندي چيو"

يلي پُڇ."چاچا عظيم چيو.

چاچا چا توهان ڏاڏا بابا جا اهي دوست آهيو جيڪو سدائين ڏاڏا "

بابا سان گڏ هوندو آهي ۽ ڪچهري ڪندو آهي؟"ثمر پڇيو

برابر مان تنهنجي ڏاڏا بابا جو سنو دوست آهيان پرَ مان سڄو "

ڏينهن انَ سان گڏ ناهيان هوندو. مان تہ سڄو ڏينهن هتي دوڪان

تي هوندو آهيان ۽ جڏهن تنهنجو ڏاڏا بابا هتي ايندو آهي تہ پوءِ

مان انَ سان ڪچهري ڪندو آهيان."چاچا عظيم جو جواب ٻڌي

ثمر وري سوچ ۾ پئجي ويو تہ آخر ڏاڏا بابا جو دوست آهي

ڪهڙو؟

چو نہ ڏاڏي امان کان پُڇان. ان کي ضرور خبر هوندي."ثمر "

اهو سوچي چاچا عظيم کي الله حافظ چئي گهرَ ڏانهن هليو آيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثمر جي ڏاڏي امان رڌڻي وٽ پيٽ جي ڇانوَ ۾ ڪٽَ تي ويٺي هئي ۽ رِليءَ لاءِ ڪپڙن جا ٽڪرَ ڪينچيءَ سان ڪَٽي رهي هئي.

ڏاڏي امان،ڏاڏا بابا جو اهو ڪهڙو دوست آهي جيڪو سدائين " "ڏاڏا بابا سان گڏ هوندو آهي؟

ثمرَ پڇيو.

ڏاڏي امان،ثمر جو سوال ٻڌي ڪجهه دير لاءِ سوچڻ لڳي.ثمر ڏاڏي امان ڏانهن نهاريندو رهيو.

نيٺ ڏاڏي امان ڪجهه مُرڪي ۽ چيائين..."تنهنجي ڏاڏا بابا جو اهو دوست ته هن مهل به ڪمري ۾ آهي".

سچ ڏاڏي امان!"ثمر خوش ٿيندي چيو"،

ها سچ منهنجا منڙا ثمر پٽَ. توڙي جو تنهنجو ڏاڏا بابا هن " مهلَ گهر ۾ ڪونهي پر سندس دوست ڪمري ۾ ئي ويٺو آهي."ڏاڏي امان جي ڳالهه ٻڌي ثمر سوچيو ته هاڻي ته پڪَ سان خبرَ پئجي ويندي ته ڏاڏا بابا جو اهو دوست ڪهڙو آهي؟

اهو سوچي ثمر،ڊُڪندو ڏاڏا بابا جي ڪمري ڏانهن هليو ويو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثمر ڪمري ۾ اندر وجي ڏٺو تہ ڪمرو وري بہ خالي هو.اُتي ڪير بہ نہ هو،

ثمرَ،ڏاڏا بابا جي ڪٽ ۽ ميزَ جي هينان ڏٺو ۽ اتي رکيل ڪَٻٽن جي پويان بہ لِيئا پاتا پرَ ڪيس ڪو بہ ڏسڻَ ۾ نہ آيو،

ثمر،ميز آڏو رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻَ لڳو.

ڪجھ دير ڪان پوءِ ڪمري جي دروازي تي ڪڙڪو ٿيو.ثمر ٿَپُ ڏئي ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ اهو سوچي دروازي ڏانهن نهاريائين تہ متان ڏاڏا بابا جو دوست هجي.

دروازي مان ڏاڏا بابا کي ايندو ڏسي ثمر ڊڪي ڏاڏا بابا جي ڄنگھن کي چنبڙيو ۽ چيائين..."ڏاڏا بابا... ڏاڏا بابا...ڏاڏي امان ".چيو تہ توهان جو دوست هتي آهي پرَ هتي تہ ڪير بہ ڪونهي منهنجي جنهن دوست کي تون ڳولين پيو،ڇا تون بہ انَ جو " دوست ٿيندين؟"ڏاڏا بابا هٿ ۾ جهليل پلاسٽڪ جي ٿيلهي،ميز تي رکي،ڪٽَ تي ويهندي ثمر ڪان پڇيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها ٽيندس ڏاڏا بابا. پرَ اهو آهي ڪٿي.مون کي ڏسڻ ۾ چو "
ڪو نہ ٿو اچي!؟"ثمر ڪجهہ حيرت مان چيو.

ڏسڻ ۾ تہ اچي ٿو پرَ تون انَ کي سڃاڻين ڪو نہ ٿو،انَ ڪري "
تو کي خبر نہ ٿي پئي."ڏاڏا بابا چيو ۽ ڪٽ تان اٿي،ميز تي
رکيل ٽيلهي کڻيائين.

ثمر ماٺ ڪري ويٺو رهيو.

اَڄُ تہ مان تنهنجي ۽ پنهنجي دوستَ جي دوستي ڪرايان."اهو "
چئي ڏاڏا بابا ٽيلهيءَ مان ڪجهہ ڪڍڻ لڳو.

ڇا توهان جو دوست هنَ ٽيلهيءَ ۾ آهي؟"ثمر پڇيو".

ها."ڏاڏا بابا جو جواب ٻڌي،ثمر کي حيرت ٿي ۽ هو ڏاڏا بابا "
جي پرسان ويهي،ٽيلهيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.

ڏاڏا بابا پيار مان ثمر ڏانهن نهاريو ۽ ٽيلهيءَ مان ناليواري
ڪهاڻيڪار غفار سومري جو ٻارن لاءِ ڪهاڻين وارو ڪتابُ
"ٻگهڙ ۽ چيلڙو" ڪڍي ثمر کي هٿ ۾ ڏنو.

ڪتابُ."ثمر ڪتاب وٺندي چيو".

ها ڪتاب. ڏِسُ پٽَ منهنجي ڪمري ۾ ڪيڏا ڪتابَ آهن.جن "

کي مان روز پڙهندو آهيان.اهي مون کي سنيون ڳالهيون

سيکاريندا آهن ۽ اجايا ڪم ڪرڻ کان بچائيندا آهن."ڏاڏا بابا

ثمر کي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو.

ثمر ڪمري ۾ رکيل ڪٻٽن ۽ ميز ڏانهن نهاريو. ڪٻٽن ۾

ڪيترائي ڪتاب رکيلَ هئا ۽ ميز تي بہ ڪجهہ ڪتاب پيا هئا.

ڪتاب توهان جا دوست آهن ڏاڏا بابا."ثمر چيو".

ها ثمر پٽَ. ڪتاب بہ ڪنهن سني ماڻهوءَ جيان سنو دوست "

هوندو آهي جيڪو اسان کي چڱيون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي ۽

اسان کي ڪا بہ تڪليف ناهي ڏيندو.اسان جي علم ۾ واڌارو

ڪندو آهي.ڪتابَ سان ڪچهريءَ ۾ وقت گذرڻ جي خبر ئي

ناهي پوندي."ڏاڏا بابا جي ڳالهہ ٻڌي ثمر پنهنجي هٿن ۾

جهليل،ڪهاڻين جي ڪتابَ ڏانهن نهاريو ۽ مرڪڻ لڳو.

ثمر کي خوش ٿيندو ڏسي ڏاڏا بابا بہ خوش ٿي ويو.

نيڪ آهي ڏاڏا بابا."ثمر،ڪمري جي دروازي ڏانهن وڌندي چيو"

ڪيڏانهن پٽَ؟"ڏاڏا بابا پڇيو".

ثمرَ،هٿَ ۾ جهليل ڪتابَ ڪي پيار مان ڏٺو ۽ چيائين...

پنهنجي دوستَ سان ڪچهري ڪرڻَ".

$$$$$$$$$$$$$$$

(۱۵ مارچ ۱۹۹۲ تي عبرت مئگزين جي ٻارن واري پني تي
منهنجي ڇپيلَ ڪهاڻي...ڪجھ تبديلين سان )

## "ڪارنامو"

ڊائنو" پَشمَ جهڙن نرم ۽ گهاٽن وارن وارو،وچولي قدَ جو ڏاڍو "
سهڻو ڪتو هو. هنَ جو اصل وطن تہ ملڪ رُوس هيو پرَ اُتان
جي هڪَ شهريءَ چِينوف،ڊائنو کي سُوکڙيءَ طور پنهنجي سنڌ
جي دوستَ اياز ڏانهن موڪليو هيو. هاڻ ڊائنو سنڌ ۾ رهندو هو
۽ ڏاڍن مزن ۾ هيو.اياز،ڊائنو کي روز صابڻَ سان وهنجاريندو
هو.جنهن ڪارڻ هن جا پشم جهڙا وارَ کيرَ کان بہ وَڌيڪَ اڇا
ٿيندا پئي ويا.هو ڏينهن ۾ ٽي پيرا کير پيئندو هو ۽ بہ وقتَ
ڪڪڙ جو گوشت کائيندو هو.اهڙي سوادي کاڌي پيتي سبب
ڊائنو ڏاڍو تندرست ۽ توانو ٿيندو پئي ويو.رات جو جڏهن هُو
نرم گاديلي تي سمهندو هو تہ پاڻَ کي ڏاڍو ڀاڳن وارو سمجهندو
هو.جنهن کي دنيا جو هر سک حاصل هو.اهي سڀ سکَ ڏيڻَ تي
ڊائنو پنهنجي مالڪَ اياز جو ڏاڍو ٿورائتو هيو.اڪثر هو
سوچيندو هو تہ مالڪ ڪيس ڪيڏو نہ چاهي ٿو.سندس هر نموني
خيال ٿو رکي.کاڌو پيتو ۽ ٻِي هر شئي ڏئي ٿو پرَ مان اڄ ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين مالڪَ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ڪجھ بہ تہ نہ!!! مالڪ ڪي خوش
ڪرڻ لاءِ،انَ جي چڱاين جو بدلو ڏيڻ لاءِ مون ڪي بہ ڪجھ
نيٺ هڪ ڏينهن ڊائنو .ڪرڻ ڪپي.ضرور ڪجھ ڪرڻ ڪپي
ڪي،مالڪَ جي فائدي وارو ڪم ڪرڻَ جو يعني ڪارنامو ڪرڻَ
جو وارو مِلي ويو.ڊائنو جي نظرَ هڪَ ٻليءَ تي پئي جيڪا
هوريان هوريان رڌڻي ڏانهن وَڌِي رهي هُئي.ٻليءَ تي نظر
پوندي ئي ڊائنو سڃاڻي ويو تہ اها ساڳي ٻلي آهي جنهن جو
ذڪر گهڻي ڀاڳي مالڪ پنهنجي زالَ سان ڪندو هو تہ اها ٻلي
هنَ جي لکڻَ پڙهڻَ واري ڪمري ۾ گند ڪري وجي ٿي.مالڪَ
جي زال بہ چيو هو تہ اها ٻلي ڪير ۽ گوشت زيان ڪري ڇڏي
ٿي.اهو خيال ايندي ئي تہ انَ ٻليءَ مالڪَ جو نقصان ڪيو
آهي،ڊائنو ڪاوڙ منجهان هڪ ڊگهو ٽَپُ ڏنو ۽ ٻليءَ کي پڪڙڻَ
جي ڪوشش ڪئي.پرَ ٻلي تڪڙ ۾ ٻي پاسي ٿي وئي ۽ ويچارو
ڊائنو سڌو وجي انَ لوهِي اسٽينڊَ سان لڳو جنهن تي چِينيءَ جي
ڏاڍي مهانگي ڪُوندي رکيل هئي.ڊائنو جي انَ اسٽينڊَ سان
لڳڻَ ڪري اها ڪوندي هيٺ اچي ڪري ۽ هڪ وڏي نڪاءَ سان
پورا پورا ٿي وئي.هوڏانهن ٻلي ميزَ تي چڙهي وئي ۽ ٺوڪَ
وڃان ڊائنو ڏي نهارڻَ لڳي.اهو ڏسي ڊائنو ويتر ڪاوڙجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو.هنَ ٻيهر ٽپُ ڏئي ٻليءَ کي سوگهو ڪرڻ جي ڪوشش

ڪئي پرَ پهرين جيان هاڻ بہ ٻلي ٻي پاسي ٽي وئي ۽ ڊائنو وڃي

ميز تي ڪريو.جنهن ڪري ميز پاسيري ٿي پئي ۽ انَ تي رکيل

سامان پٽ تي ڪِري پيو. ڊائنو کي ڏاڍو ڏکُ لڳو پرَ اهو ڏسي

ڊائنو پريشان ٿي ويو تہ ڪانئس ڏاڍو نقصان ٿي پيو آهي.ٻلي بہ

ڀڄي وئي.انهيءَ مهلَ ئي مالڪ بہ اچي پهتو. تنهن جو سامان

جي اها حالتَ ڏٺي سو ڊائنو کي ڏاڍا دڙڪا ڏنائين.ويچارو ڊائنو

ڪيس اهو ٻڌائي نہ سگهيو تہ ڪو هنَ تہ سندس مدد ڪرڻ پئي

گهري.هي سڀ تہ ٻليءَ جي ڪري ٿيو آهي.چڙٻون ڪائي ڊائنو

پنهنجي گاديلي تي اچي وينو ڪو ٻيو ڪارنامو سوچڻ

بئي ڏينهن جڏهن هو جاڳيو تہ سندس نظرَ مالڪَ جي زالَ .لڳو

تي پئي جيڪا اڱڻ ۾ چبرَ واري هنڌ ننڍا ننڍا ڪڏا ڪوٽي انَ ۾

ٻوٽا هٽي رهي هئي.اهو ڏسي ڊائنو سوچيو تہ ڇو نہ مان بہ ڪڏا

ڪوٽڻ ۾ سندس مدد ڪيان.ايئن ڪرڻ سان مالڪ ضرور سرهو

ٿيندو.انهيءَ مهلَ ئي ڪمري ۾ رکيل فون جي گهنٽي وڄڻ

لڳي ۽ مالڪ جي زالَ اوڏانهن هلي وئي.ڊائنو اهو ڏسي جهٽ

پٽ چبرَ ڏانهن وڏي ويو ۽ ڪڏا ڪوٽڻ شروع ڪيائين.ٿوري دير

۾ ئي هُو ڪيترائي ئي ڪڏا ڪوٽي ويو ۽ ڪجه ٿڪُ محسوس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻَ لڳو.هنَ ڪڏا ڪوٺڙ بند ڪيا ۽ ڪمري ڏانهن هليو آيو تہ جيئن مالڪَ جي زالَ کي پنهنجو ڪارنامو ڏيکاري سگهي.مالڪَ جي زالَ فون تي ڳالهائي رهي هئي.ڊائنو،هنَ جي چنگه سان پنهنجو منهن مهٽي هنَ جو ڌيان پاڻَ ڏانهن ڇڪائڻ لڳو .

اُمالڪ (اوچتو) مالڪَ جي زالَ رڙ ڪئي.

ڊائنو هي تو ڇا ڪري ڇڏيو نياڳا.

ڊائنو کان ڇِرڪُ ڇڏائجي ويو.

هنَ ڏٺو تہ هيٺ فرشَ تي هنَ جي پيرن جا ننڍا ننڍا نشانَ پيلَ هئا ۽ هر پاسي مٽي پکڙيلَ هئي. سڄو فرش گندو ٿي ويو هو. جڏهن مالڪ جي زالَ ٻاهر اڱڻَ ۾ آئي تہ ڊائنو جا ڪوٺيلَ ڪڏا ڏسي ٻيهر ڊائنو کي ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. ڇو جو ڊائنو ترتيبَ سان نہ پرَ سموري ڇبرَ ۾ ڪڏا ڪوٽي ڇبرَ وجائي ڇڏي هئي.ايئن ويچاري ڊائنو کي پاڳ ۾ وري بہ دڙڪا ئي مليا.

انَ کان پوءِ بہ ڊائنو ڪيترائي پيرا ڪارناما ڪرڻ جي ڪوشش هڪَ رات .ڪئي پرَ هر ڀيري ڪيس شاباس بدران دڙڪا ئي مليا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائنو مالڪَ جا دڙڪا ڪائي پنهنجي گاديلي تي اچي ليٽيو ۽ پنهنجي مالڪَ کي راضي ڪرڻَ لاءِ ڪو نئون ڪارنامو سوچڻَ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جو هنَ جي ڪنن ۾ ڪجھ ڪڙڪن جو آواز پيو. گهرَ جا سمورا ڀاتي ستل هيا سو ڊائنو کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي تہ جنهن مهلَ هو پنهنجي نئين ڪارنامي لاءِ سوچي رهيو آهي تہ ڪير سندس ڪمَ ۾ رنڊڪَ پيو وجهي.اهو سوچي هو انَ ڪمري ڏانهن وڌي ويو جتان ڪڙڪن جو آواز پئي آيو.ڪمري وٽ پهچي اندر نهاريائين تہ سندس نظر هڪ ماڻهوءَ تي پئي جيڪو سمورو ڪارو هو ۽ هڪ وڏي ٿيلهي ۾ ڪمري جو سامان وجهي رهيو هو.اهو ئي ڪڙڪا ڪري رهيو هو.

تہ هي آهي اهو ماڻهو جيڪو مون کي سوچڻ نہ ٿو ڏي.پڪَ سان اهو منهنجو دشمن آهي ۽ چاهي ٿو تہ مان ڪو ڪارنامو نہ ڪيان.اهو سوچي ڊائنو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو.هن ڊوڙَ پري ۽ ٽپُ ڏئي انَ ڪاري ماڻهوءَ جي ٻانهن ۾ چڪُ وڌو.ڪارو ماڻهو انَ مهل ٿي وي ڪٽي رهيو هو.ڊائنو جي چَڪَ وجهڻَ سان ٿي وي سندس هٿن مان ڇڏائجي وئي ۽ هو رڙيون ڪرڻَ لڳو.پرَ ڊائنو ڪيس نہ ڇڏيو.ڪاري ماڻهوءَ جي رڙين تي مالڪ ۽ ٻيا گهرَ

ياتي جاڳي پيا ۽ تڪڙ ۾ انَ ڪمري ۾ پهچي ويا.ڪارو ماڻهو

انهن کي ڏسي ڀڄڻ لڳو پرَ ڪاوڙيل ڊائنو ڪيس جنگه ۾ چڪُ

وجهي قابو ڪري ڇڏيو.ڪارو ماڻهو رڙيون ڪندو هيٺ ڪري

پيو.ڪيس هيٺ ڪرندو ڏسي ڊائنو ڏاڍو خوش ٿيو.ڇو جو هنَ

ڪاري ماڻهوءَ ڪيس ڪارنامي بابت سوچڻ نہ پئي ڏنو سو هنَ

ڪيس ٻہ چڪَ هڻي پنهنجو بدلو وٺي ڇڏيو هو.ڊائنو اچي

پنهنجي گاديلي تي ليٽيو ۽ مالڪَ کان دڙڪا ملڻ جو انتظار

هوڏانهن ڪارو ماڻهو جيڪو اصل ۾ ڪارا ڪپڙا .ڪرڻ لڳو

۽ منهن تي ڪارو پوش پاتل هڪ چور هو تنهن کي ڊائنو جي

مالڪ اياز پڪڙي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ڊائنو

وٽ اچي ڪيس پيار ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس کائڻ لاءِ ڪڪڙ جي ٽنگ

ڊائنو ٽنگَ کائيندي حيرتَ وچان سوچڻ لڳو تہ آخر .پڻ ڏنائين

هنَ اهڙو ڪهڙو ڪم ڪيو آهي جو مالڪ ڪيس دڙڪن بدران

شاباس ۽ کائڻ لاءِ ڪڪڙ جي ٽنگَ ڏني آهي.

ٻارو اوهان ئي ٻڌايو ڀلا؟؟؟

$$$$$$$$$$$$$$



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book